# سُکاري سنڌ ڏکارا ماڻهو


ليکڪ
جيمس مئڪمرڊو

سنڌيڪار
عطا محمد ڀنڀرو



Sindhica
سنڌيڪا

سکاري سنڌ ڏکارا ماڻهو

حق ۽ واسطا سنڌيڪا وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: سُکاري سنڌ ڏکارا ماڻهو
ليکڪ: جيمس مئڪمرڊو
سنڌيڪار:عطا محمد ڀنڀرو
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز، ڪراچي
ڇپائيندڙ : سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي
قيمت : **=/200** رپيا

**"Sukhari Sindh Dukhara Manhoo"**
By: James Mackmirdo
Translated in Sindhi By: Atta Mohammad Bhanbhro
Published by: Sindhica Academy,
B-24, National Auto Plaza, Marston Road,
Karachi-74400 Phone:021-32737290
www.sindhica.org
Email:sindhica_academy@yahoo.com
اسٽاڪسٽ

لکپڙهه ۽ وي پيءَ ذريعي گهرائڻ لاءِ
سنڌيڪا اڪيڊمي
B-24، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي74400

فهرست

پبلشر نوٽ.....4
مهاڳ.....5
سنڌ جي تاريخ.....11
پيداوار .....18
جانور .....20
شهر .....23
واپار .....30
سامونڊي بندر.....33
برآمد ۽ درآمد .....34
محصول ۽ ڍل .....35
آدمشماري.....37
سنڌ جا ماڻهو .....38
ريتون رسمون.....43
ويس.....43
هندو.....45
ٻولي.....46
حڪومت تي هڪ نظر .....48
فوج.....55
افغان حڪومت.....59
انگريز سرڪار جي حڪمت عملي.....60
سوگدي پڪر .....77
ميوسي ڪئنس، اوڪسي ڪئنس، سيوي سوي ۽ سيهوڻ.....79
حاشيا.....94



Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

## پبلشر نوٽ

جيمس مئڪمرڊو جو هي ڪتاب سنڌ جي تاريخ ۾ اهڙيون جهاتيون آهن، جن ۾ هن حڪمرانن جي سياسي سازشن ۽ گهرو جنگين جي بجاءِ سنڌ جي تمدني حالتن، معاشرت ۽ صدين ڪان ڏڪن ڏولاون ۾ گهاريندڙ سنڌي ماڻهن جو احوال قلمبند ڪيو آهي.

سنڌ جي باقائدي تاريخ ايامن ڪان طلب ۽ تقاضا ۾ رهي آهي، اها جڏهن به مرتب ٿي ته هر قسم جا ڪتاب ان مقصد جي لاءِ ماخذن جو ڪم ڏيندا.

ڪتاب جي اهميت بابت منڍ ۾ ڊاڪٽر مبارڪ عليءَ جو تفصيلي ماڳ لکيل آهي . محترم عطا محمد ڀنڀري ويجهڙائي واري عرصي ۾ انگريزي جي اڻ ڳڻتين ڪتابن کي سنڌي ٻولي جو قالب ڏئي هيڪر وري مرزا قليچ بيگ مرحوم جي ياد تازي ڪري ورتي آهي . سنڌي ٻولي جي ترقي لاءِ سندس خدمتون هميشه لاءِ يادگار رهنديون.

نوراحمد ميمڻ
چيئرمن
سنڌيڪا اڪيڊمي

## مهاڳ

انگريز جڏهن هندستان ۾ آيا هئا ته ان وقت ارادو هو ته واپاري سگهه طور هو هتي پنهنجا پير ڄمائن. ان ارادي سان هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ جاچي ڏٺي هئائون. جڏهن مغل طاقت پنهنجي سگهه وڃائي ته هندستان ۾ وڳوڙي وايومنڊل پئدا ٿي پيو. ايسٽ انڊيا ڪمپني ان منجهيل صورت حال جو فائدو وٺي، پنهنجي تجارتي مفادن کي وڌيڪ مظبوط ڪرڻ لاءِ هندستان جي سياست تي قبضو ڪري ورتو. اهڙي ريت ارڙهين صدي ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني، هندستان جي مختلف ملڪن خلاف وڏي طاقت ٿي اڀري. هندستان ۾ پنهنجي ۾ پنهنجي سياسي سگهه کي پختي ڪرڻ ڪانپوءِ، خاص طور تي سندن سنڌ ڏانهن رويو هڪدم ڦري ويو. پهريائين ايسٽ انڊيا ڪمپني جا سنڌ سان ناتا ۽ لاڳاپا واپاري هئا جيڪي مٿجي سياسي ٿي ويا. اهڙن سياسي/ واپاري لاڳاپن جي شروعاتي نمائندگي ناٿن ڪرو Nathan Crow ڪئي، جيڪو 1799ع کان 1800ع تائين سنڌ جي درٻار ۾ انگريزن جي عيوضي هو. جڏهن انگريزن جي سياسي سگهه اڃا به مضبوط ٿي ۽ اهو نه محسوس ڪيو ويو ته ايران، روس ۽ افغانستان، هندستان تي حملو ڪرڻ وارا آهن، ته سنڌ ۾ سندن مفاد ويتر وڌي ويا ۽ پهرين واپاري لاڳاپن کي نظر انداز ڪري سياسي لاڳاپين کي فوقيت ڏني ويئي.

هي اهو دور هو جو برطانيه جي لنڊن وارن حڪمرانن ۽ هندستان جي اعلى اختياري وارن کي سنڌ باب معلومات جي اڃي هورا ڪورا لڳي هئي ۽ اهو ڄاڻڻ پئي چاهيون ته هن ملڪ جي تاريخ ڇا آهي، پيداواري ذرئعا، زرعي اپت، ڊل ۽ فوج، ڪيتري آهي، سياسي حالتون ڪهڙيون آهن۽ حڪومت ڪرڻ جو نمونو ڪهڙو


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

آهي. ناٿن ڪرو پهريون انگريز آفيسر هو جنهن بابت سياست سان لاڳاپيل ڳالهيون قلمبند ڪري انگريزن جي بمبئي حڪومت کي پيش ڪيون. اهڙين حقيقتن کي قلمبند ڪرڻ جي ٻئي ڪوشش ڪئپٽن جيمس مڪمرڊو جو لکيل احوال سندن ذاتي مشاهدي ۽ مطالعي سان واسطو رکي ٿو، پر سندن احوالن ۾ ڪجھ اختلاف به نظر اچي ٿو. ڪرو جيڪو حال احوال سيڙي ڪٺو ڪيو آهي، سو سياست سان وڌيڪ لاڳاپيل آهي. ان جي ڀيٽ ۾ مڪمرڊو جو قلمبند ڪيل احوال عالماڻو آهي.پر هن جيڪا به جاچ پڙتال ڪئي آهي، تنهن ۾ سياسي پهلو به مضمر آهي، جيڪا ان زماني ۾ هندستان اندر انگريز آفيسرن جي نمايان خوبي هوندي هئي.

ڪئپٽن جيمس مڪمرڊو ڊمفري شائر Dum Fire Shire جي ميجر مڪمرڊو جو ننڍو پٽ هو. جڏهن هو ننڍو هو ته سوچيندو هو ته هو به جيڪر پنهنجي پيءُ جيان فوجي ٿئي ۽ ويچاريندو هو هو وڏو ٿي خشڪي يا بحري فوج ۾ نوڪري ڪندو. اهو انگريز سامراج جي اوج جو دور هو. ان زماني ۾ هر انگريز نوجوان جي خواهش هوندي هئي، ته هو فوج ۾ ڀرتي ٿي غلام ملڪن ۾ وڃي پنهنجو نالو ڪڍي ۽ وڏ ڪان وڏ ناڻو ڪمائي. مڪمرڊو به اهڙي مقصد سان فوج ۾ ڀرتي ٿي هندستان آيو ۽ جنرل اليگزينڊر واڪر جي هيٺيان ڪم ڪرڻ لڳو، جيڪو ان زماني ۾ بڙودا ۾ ريزيڊنٽ هو. هو پنهنجي نوڪري واري زماني ۾ هندستان جي ٻولين جهڙوڪ فارسي ۽ اڙدو جو گهڻو ابياس ڪيو. ٿوري عرصي ڪانپوءِ هيءُ سر جان ايبرڪرومبي، Sir Jhon Abercom bie هيٺيان ڪم ڪرڻ لڳو ۽ هن سان گڏجي ماريشيس Maurtious expendition ۾ شريڪ ٿيو. هن سنه 1812ع ۾ وري هندستان موٽي آيو ۽ کيس ڪڇ جو پوليٽيڪل ايجنٽ مقرر ڪيو ويو. ان حيثيت ۾ هن ڪڇ، سنڌ ۽ مڪران جي سامونڊي ڪناري کي گهمي ۽ جاچي ڏٺو. جڏهن هن سنڌ جو سامونڊي ڪنارو ڏٺو ته کيس سنڌ جي تاريخ بابت معلومات هٿ ڪرڻ لاءِ اڻ تڻ لڳي. هن سنڌ جي تاريخ تي فارسي ٻولي ۾ ڪتاب گڏ ڪرڻ شروع ڪيا ۽ ان بابت ويساه جوڳي ڄاڻ حاصل ڪري ورتائين، هن کي 1814ع ۾ ڪڇ جي دنگ جهلواڙ

Jhalwar ۾ پوليٽيڪل ايجنٽ مقرر ٿيو. 1816ع ۾ هو هڪ وفد ساڻ ڪري ڪڇ جي راءِ ڏانهن روانو ٿيو، انهن مقصد سان ته جيئن ڪي انهن ڌاڙيلن جي سهائتا کان روڪي، جيڪو بمبئي جي انگريزي سرڪار جي اتر اولهه واري دنگ سان ڪئونس مچايون بيٺا هئا. ان کان پوءِ کيس ڪڇ جو ريزيڊنٽ آفيسر به مقرر ڪيو ويو. مڪمرڊو کي هڪ اهم سياسي حيثيت حاصل هئي ۽ وقت به گهڻو هئس، تنهن ڪري سنڌ جي جاگرافي ۽ تاريخ جي مطالعي ۾ وڏيڪ دلچسپي وٺڻ لڳو. سنڌ جو احوال ۽ سنڌو بابت سندس يادگيريون ان کوجنا جو نتيجو آهن. ڪئپٽن مڪمرڊو گهڻو وقت زنده ڪانه رهيو. هن 26 اپريل 1820ع ۾ مهامري ۾ وفات ڪئي ۽ ان وقت سندس ڄمار 35 ورهيه هئي.

مڪمرڊو جو سنڌ بابت قلمهند ڪيل احوال سنڌ جي جاگرافي ۽ تاريخ ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. جڏهن هو سنڌ جي تاريزخ بيان ڪري ٿو ته حڪمرانن کي ته ڇهي به ڪونه ٿو، نه پوري سنس درٻارن، سياسي سازشن ۽ گهرو جنگين ڏانهن ڌيان ڏئي ٿو. پر ملڪي آبهوا، پئدائش، جانورن ۽ ماڻهن ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏئي ٿو. مڪمرڊو ان تاريخ کي آڏو آندو جنهن کي شاهي مورخ پاسو ڪندا هئا. سندس مشاهدو تيز هو ۽ کوجنا ۾ ڏاهپ کان ڪم ورتو اٿائين. هو رڳو واقعن جو بيان ڪونه ٿو ڪري پر انهن کي چڱي ريت ڇنڊ ڇاڻ ڪري ٿو ۽ جاچي پرکي ڏسي ٿو. پر ان هوندي به سندس سامراجي سوچ ۽ گوري نسل سان تعلق هجڻ الڪاري به سگهجي ٿو، پر مجموعي طور تي سندس سنڌ بابت ڏنل احوال گهڻو ڪارائتو آهي ۽ هن احوال جي مدد سان سنڌ جي تاريخ کي چڱي ريت سمجهي سگهجي ٿو.

مڪمرڊو، سنڌي سماج جي ريتن رسمن جو ڏاڍي ڌيان ۽ گيان سان مطالعو ڪيو آهي. ان جو مثال اهو آهي ته جڏهن هن اٺن جو ذڪر ڪيو آهي تڏهن هو ٻڌئي ٿو ته سنڌ جا ماڻهو اٺن تي سواري ڪرڻ عيب ڪرڻ ڪونه سمجهندا آهن. پر پلاڻڻ مهل هن ڳالهه ڏانهن ڌيان ضرور ڏيندا آهن ته پاڪڙو سهڻو گاشو ٺاهوڪو ۽ تنگ موهيندڙ هجي. مهار ۾ ٺوئر لڳل هجن. ناڪيلي ۾ نفاست ۽ نزاڪت هجي، ڳچي ۾ ڳانيون ۽ مئنڊ هجن جن ۾ ڪوڏن ڪوڏين ۽ ٺئورن جي لڙه


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

لڳل هجي ۽ آڏو ڳوربند ۾ جهاڀا جهائين جهالر لايو بيٺا هجن. رڪيب نوان ۽ دوالن تي سيم جي سنجهڻ ٿيل هجي. حڪمران طبقي بابت احوال اورينديءَ بيان ڪري ٿو ته اسان جي سياسي سگهه فوجي طاقت ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ تي رکيل آهي. انهن ڳالهين مان اسان کي چڱي ريت پوي ٿو ته، ان وقت سنڌي سماج ڇڻ قديم دور سان واڳيل هڪ پوکي راهي واري نيگات هئي. وڻج ۽ واپار جيڪو سترهين صدي تائين جاگيردار طبقو پراڻين ڳالهين کي ڇڇڙ جيان چنبڙيو پيو هو ۽ سنڌي سماج کي نواڻ ڏانهن نيڻ لاءِ ڪنهن کي به اون ڪونه هئي. توڙي جو يورپي قومون نئين دور جي نواڻ جي سنهيا ڪٺي وٺن اچي سهڙيو هيون، ان هوندي به سياسي واڳ ڌڻين پنهنجي قوم جي ماڻهن جي پٺڀرائي ڪري نئين صنعتي کيتر ۾ پير پائڻ ساڃه نه ڏني نه ۽ وري واپار ۽ تجارت جي همت افزائي ڪئي.

مڪمرڊو سنڌين جي سستي ۽ ڪاهلي ڏانهن به اشارو ڪري ٿو ۽ چوي ٿو ته اهڙي سستي ۽ ڪاهلي جا الائي ڪهڙا سبب آهن؟ ڪوبه ماڻهو پنهنجي سڀاءُ ۾ سست ۽ ڪاهل نه هوندو آهي پر ماحول، سماجي ۽ سياسي حالتن سبب ماڻهن مٿان ڪا ڳهر ڇائنجي ويندي آهي. جيڪڏهن سنڌ جا ماڻهو سست ۽ ڪاهل آهن ت اهو ملڪ جي سياسي ۽ سماجي وايومنڊل جو ڏوه آهي. صدين کان وٺي هتان جي مدي خارج جاگيرداري نظام پورهيت ۽ هاري جو رت ۽ ست چوسي پنگلو ڪري ڇڏيو آهي. ائين ڪٽي چئجي ته وڏيرا شاهي جي مُنيءِ مَٿ عام ماڻهو جا گوڏا ڇني کيس برهن تائين پهچڻ کان پري ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن هڪ پيرو ان ماڻهو کي پنهنجي پگهر ۽ پورهئي جي پتي نه ملي ته هن لوچ ۽ سوچ ڇڏي ڏني ۽ ويڳاڻو ٿي پورهئي کان ورچجي ۽ وانجهجي ويو. هو سوچڻ لڳو ته جيڪو پورهيو آتما کي اتمتا نه ٿو ڏئي ۽ پيٽ جو پورئو به نه ٿو ڪري سگهي ته پوءِ اهڙي لوچ مان ڪهڙو لوپ؟ سنڌي ماڻهن جي غربت افلاس، جهل، سستي ۽ ڪاهلي جاگيرداري نظام ۽ حڪمران طبقي جي ڏاڍ ڏهڪاءِ ۽ ڪلور جو نتيجو آهي. سندس خيال آهي ته اهڙي ريت سنڌي به هندستان جي ٻين علائقن جي ماڻهن جيان نئين سوچ ۽ سرگرمي جي نت نڪور لاڙن کان پري رهجي ويو ۽ ان ويڳاڻپ

ڪري سماج جي ترقي ۽ تعمير واسطي ڪو اهم ۽ نمايان ڪردار ادا ڪونه ڪري سهگيو. ڪنهن نئين سياسي سماجي ڦير گهيرسندن زندگي ۾ ڪا تبديلي ڪانه آندي. تهن ڪري هتان جي عام ماڻهو تاريخ نقطئه نگاه سان ڪو به نمايان ڪم سرانجام ناهي ڏنو. هو ماٺ ڪيو ويٺا ڏسندا هئا ته ڪيئن راڄ ڀاڳ هڪ گهراڻي کان منهن مٽي ٻئي گهراڻي جي در تي دستڪ ڏئي ٿو. پر ڪنهن به حڪمران گهراڻي سان ڏنبا ٻاٽا ڪٽي ٻانهن ٻيلي ڪونه ٿي بيٺا. مڪمربو جو هي بيان ڪيڏو نه صحيح نه آهي ته “اهم حقيقت اها آهي ته ايشيا جي ماڻهن حڪمرانن جي تبديلين ۾ ڪو به ڪردار ادا ناهي ڪيو. ڪنهن ننڍي وڏي جذبي امنگ ۽ اتساه کين ڪجھ ڪرڻ لاءِ ڪونه اڀريو آهي. انهن اهم واقعن کان به ڇڙ هو اڻ ڏريا رهيا جيڪي سندن ملڪ لاءِ ضروري ۽ خوشحالي لاءِلازم ملزوم هئا،” هن بيان تي ويچارجي ٿو ته هتان جي ماڻهن جي ويڳاڻپ جو صحيح اندازو ٿي وڃي ٿو.

هتان جي هندن، مسلمانن جي لاڳاپن تي به مڪمربو پنهنجي خيال جو اظهار ڪيو آهي جيڪو دلچسپي کان خالي ڪونه آهي. هن ڏاڍا جتن ڪيا آهن ته ساڻ سڙين ۽ ڪينا پرور حڪمرانن جي دور ۾ هندن خلاف تعصب جو لينگهو به لپي پوي، پر اهڙي ثابتي ڳولي لهڻ ۾ سوپارو ڪونه ٿيو آهي ۽ ان ڪري ڏاڍو ڏکيو به ٿيو آهي. سندس بيان هن ريت آهي، “سنڌ جي هندن ۾ ذات پات وارو ويچو نظر ئي ڪونه ايندو، جيڪو ٻئي هنڌ بدرجه اتم ڏسڻ ۾ اچي ٿو.” هو پاڻ به اها حقيقت قبول ڪري ٿو ته سنڌ ۾ هندن خلاف ڪا به نفرت ڪونه آهي. کين گهڻي مذهبي آزادي هئي. سنڌ جي حڪمرانن جي هندن تي گهڻو ويساه هوندو هو۽ هندو اهم سرڪاري عهدن تي مقررڪيا ويندا هئا. مسلمانن ۾ شيعي سني فرقي ۾ ڪو به ڪو متڀيدڪونه هوندو هو ۽ سڀئي ميٺ محبت سان گذاريندا هئا.

مڪمربو سنڌ جي فوجي طريقئه ڪار تي به پنهنجي خيالن جي روشني وجهي ٿو پر ان ۾ به سندس انگريز شاهي واري سوجهي لڪي سگهجي ٿي. ان متعلق سندس بيان هن ريت آهي ته، “دنيا اندر جنگجو قومن جي جاگيردارنه فوجي نظا م گهڻو ڪري ٻٽاڪي هوندو


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

آهي.” جيڪڏهن مٿن هڪ باظبطه منظم فوج حملو ڪندي ته پڇڻ لاءِ ڳس پيا ڳهاڙيندا. هن بيان ۾ هڪ سچي ۽ کري ڄاڻ ملي ٿي ته هندستان جي انگريز سرڪار سنڌ کي والارڻ جي تکي تاڙ ۾ ويٺي هئي.

اسان سمجهون ٿا ته هن سنڌ بابت جيڪا ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، سا پنهنجي پارئون ڪئي آهي پر هن انگريزن جي حڪمرانن طبقي کي اهم معلومات به فراهم ڪئي آهي، جيڪي سنڌ کي فتح ڪرڻ جا ڳهاٽ ڳهڙي رهيا هئا. سندس ڏنل معلومات وسيلي سنڌ جي حالتن کي جاچڻ ۽ پرکڻ لاءِ چڻ کين وڏي سهائتا ملي. خير! ڪن اوڻاين جي هوندي به، سندس بيان ڪيل حقيقتون سنڌ جي تاريخ جي شاگرد ۽ استاد لاءِ ڏاڍيون ڪارائتيون آهن

ڪئپٽن مڪمردو جي سنڌ بابت هيءَ معلومات برطانيه ۽ آئرلينڊ جي رايل ايشياٽڪ سوسائٽي 1834ع جي جلد I ڀاڱي II ۾ ڇپي هئي. اهڙي ريت سنڌ بابت معلومات جو ٻيو حصوجنهن کي هن “سنڌو جون ساروٽيون” جو عنوان ڏنو آهي، سو به ساڳي جرنل جي جلد I جي ڀاڱي I ۾ ڇپيو هو.

مبارڪ علي



Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

# سنڌ جي تاريخ

تحفه الڪرام جي مولف ڪجو بيان آهي ته ”سنڌ تي اهو نالو حام بن نوح عليه السلام جي پٽ ”هند“ جي ڀاءُ ”سنڌ“ جي نالي پٺيان پيل آهي.هي سڄي زمين جي ايڪهٺ ملڪن امان ٽيتاليهين(43) ملڪ جو نالو آهي. پهرين اقليم (ولايت) سندس اتر ڪان ۽ ٻي ولايت سندس وچيان لنگهي ٿي. هي ملڪ پهرين، ٻي، ٽين، چوٿين ۽ پنجين ولايت ۾ مشترڪ آهي. پر هن جو گهڻو ڀاڱو ٻي ولايت جي خط هيٺ آهي، تنهن ڪري مڪي شريف ۽ مديني منوره سان، هن زمين جو حقيقي قرب ثابت آهي.“

اهو ٻڌائڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهه آهي ته مولف جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو آهي، تنهن حضرت نوح عليه السلام جي پوٽن جا نالا ڪٿان آندا آهن. عام طور تي جڏهن اهڙي قسم جي شجرو بيان ڪيو ويندو آهي ته اهڙا نالا ضرور ڪيان ويندا آهن. پر اهي سڀ نالا خيالي آهن. هندن جون لڪتون شايد ”سنڌ“ جي نالي بابت ڪجهه مناسن نموني سان سمجهاڻي ڏيئي سگهن ٿيون. اها منهنجي ڪم نصيبي چئجي، جو اهڙيون لڪتون منهنجي نظرن مان ڪونه گذريون آهن. انهن ذريعن مان جيڪي ٿوري گهڻي ڄاڻ ملي آهي ته پراڻي زماني ڪي هن ڪي ”سنڌوديش“ ”Sindhu desh“ يعني ”سمونڊ وارو ملڪ“ ڪري سڏيندا هئا. بنا ڪنهن شڪ ۽ شهبي جي سندن اشارو ”سنڌو درياهه“ ڏانهن هو. سنڌ جو اهو نالو هندن جي مقدس ڪتابن ۾ به موجود آهي. مذڪوره ذريعا اهو به ٻڌائين ٿا ته ڪنهن زماني ۾ سنڌ تي جئدرٿ نالي هڪ راجا راڄ ڪندو هو، جنهن کي پانڊون واري گهرو ويڙهه ۾ قتل ڪيو ويو هو، ان ڪري سنڌ کي ڪڏهن ”جئدرٿ ديس“ به سڏيو ويو آهي.


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

منهنجي خيال موجب سنڌ جو اهو نالو ان جي درياهه تي پيو آهي. هن نظريي جو قائل آءٌ ان ڪري آهيان جو هيءُ نالو اسان کي قديم دور ۾ به ملي ٿو. “سنڌومانا”(Sindomana) نالي هڪ شهر جو ذڪر يونان وارن به ڪيو آهي، جيڪو هتان جي ڪنهن صوبي جي راجڌاني جو نالو هو. وڏيڪ جاچ پڙتال مان به هڪ پڪ پئي آهيته سنڌو جي ڪنار سان به هڪ علائقو هوندو هو، جنهن کي سنڌ جي نالي سان سڏيو ويندو هو، جنهن جي حدن جو پتوهاڻي پئجي ڪونه ٿو سگهي. معلوم ٿئي ٿو ته اندريون ۽ ٻاهريون اهڙيون ڪي تبديليون آنديون آهن ۽ سنڌ انهن تبديلين کان پاڻ بچائي ڪونه سگهي آهي. مان پڪ سان سمجهان ٿو سنڌ جي علائقي ۾ جتن ۽ جاکوڙ ڪري ‘سنڌو مانا’ جي ماڳن جو ڏس پتو لهي سگهجي ٿو.

هن ملڪن جون حدون مختلف دور ۽ مختلف حڪمرانن جي عهد جي ڏار ڏار پئي رهيون آهن. تنهن ڪري هاڻ ان جي مقرر حدن جو بيان ڪرڻ ڪجهه مڙيئي ڏکيي ڳالهه پئي سگهجي. پر اڄ به اهو امڪان ڪونه آهي، جو موجوده سنڌ صوبي جي دنگ جي صحيح معنى ۾ حدبندي ڪري سگجهي. سنڌ جي حدن کي وڌيڪ سچائي سان هن ريت بيان ڪري سگهجي ٿو ته، ڌرتي جي جنهن حصي تي سنڌو جو پاڻي پهچي پيچ ڪري سگهي، ان کي “سنڌ” سڏجي. ان ناتي سان هيءُ اهو علائقو وڃي ٿو بيهي، جنهن جي ٿالپرن جي حڪمرا ني قائم هئي ۽ اهي ئي هن علائقي جا مجيل حڪمان هئا ۽ هن اصول کي قديم دور سان لاڳو ڪري سگهجي ٿو. ان حساب سان سنڌ، 23 ڊگريون ۽ 67 فوٽ اتر ويڪرائي ڦاڪ ۽ 67 ڊگريون ۽ 70 فوٽ ڊگهائي ڦاڪ، اوپر، جي وچ تي موجود ڏسڻ ۾ اچي ٿي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته اتر ۾ ڪابل جا علائقا ۽ دائود پوٽن جي ملڪ جو هڪ حصو درياهه جي اولهه ۾ پيو اوپر طرف ٿي ويو آهي. ڏکڻ پار ڪڇ جو ملڪ ۽ سمنڊ اٿس. سنڌ جي اوڀارئين پاسي وارياسو علائقو آهي، جيڪو کيس هندستان کان الڳ ڪري بيهاري ٿو. اولهه پاسي کان وري جبلن جي قطار اٿس، جيڪا سندس هڪ قدرتي سرحد بڻجي پئي آهي.

اهو سارو جس يونان جي مورخن لهڻو، جن سنڌ جون اهي

حدون ٻڌايو ن آهن، جن جو ذڪر مان مٿي ڪري رهيو آهيان. سندس خيال موجب سنڌ ڌار ڌار حصن ۾ ورهايل هئي، جن تي ڪيترائي سگهارا راجا حڪومت ڪري رهيا هئا. انهن وٽ ڏوڪڙ پئسو به جام هو ته لشڪر به سوايو هو، جنهن زمين جي ٽڪري تي سندن راڄ هو، تنهن ڪي جيڪڏهن ويچاري ڏسبو ته ائين معلوم ٿيندو ته انهن راجائن جي اهميت کي وڌائي ٻڌايو ويو آهي. ان جو شايد مقصد اهو هو ته جيئن سڪندر جي سوڀ کي به حقيقت کان گهڻو وڌيڪ بيان ڪيو وڃي. ڪيترين صدين جي گذري وڃڻ ڪانپوءِ انهن علائقن ۾ سياسي طور وڏيون تبديليون آيون هونديون. ماڻهن جو وڏو انگ هيڏانهن جو هوڏانهن هليو ويو هوندو ۽ دنگ ۽ دڙيون به اهي ساڳيون ڪونه رهيون هونديون. ان دور جي مورخن ٻڌايو ته سڪندر سمنڊ ۽ ملتان جي وچ تي ڪيترن ئي راجائن سندس آڻ مڃي هئي. هن حقيقت مان معلوم ٿئي ٿو ته ملتان کان سمنڊ تائين هڪ محديد علائقي ۾ گهڻن ئي راجائن جا راڄ هئا. ڌار ڌار نالن، مختلف عادتن ۽ ٻولين ڪري ائين سمجهيو ويو آهي ته سنڌ اندر ڪيترائي ملڪ هئا، جن تي ڌار ڌار راجائن جي حڪمراني هئي. پراهو سونهين ڪونه ٿو، جو ملڪ جي هڪ ننڍڙي ٽڪري کي هڪ وسيع علائقي جي نالي سڏيون ۽ منجهس رهندڙ ماڻهن جي ٿوري انگ کي قوم ڪوٺيون، پر جيڪڏهن ماڻهو رهندا ئي ضلعي جهڙي ننڍڙي حڪومت ۾ هوندا، سندن ريتون رسمون ۽ ٻوليون هڪ ٻئي کان نياريون ۽ ڌار هونديون ته پوءِ ڳالهه ئي الڳ آهي. پوءِ ٿي سگهي ٿوملتان کان وٺي سمنڊ تائين اهڙا ننڍڙا ملڪ الائي ڪيترا هجن. پر اهڙي قسم جون حقيقتون نه اسان کي ڪنهن تاريخ ۾ ملن ٿيون نه وري اهڙيون ڪي روايتون ئي هٿ آيون آهن. اهو به امڪان آهي ته معاشري جي ترقي ڪرڻ سبب ڪيتيريون ئي تبديليون آيون هونديون.

اسان کي ڏنڌلن ۽ اڻ چٽن اندازن کي ڇڏي، سنڌ جي انهن حصن تي ويچارڻو پوندو، جن لاءِ ماڻهن وٽ به ڪي روايتون موجود آهن. قديم زماني کان وٺي هي ملڪ ٻن مکيه حصن ۾ ورهايل هوندو هو، جن مان هڪ اتر ٻيو ڏکڻ پاسي واقعي هو. سنڌ جو اتر وارو حصو


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

بکر جي اوسي پاسي کان وٺي سيوهڻ کان هيٺ هالا ڪنڊي تائين هوندو هو. جنهن کي 'سرو' چيو ويندو هو. ڏاکڻيون حصو هالا ڪنڊي کان وٺي سمنڊ تائين پکڙيل هو، جنهن کي لاڙ سڏيو ويندو آهي. (1) هنن لفظن جي اصلي معني ڇا آهي، تنهن جو پتو مون کي پئجي ڪونه سهگيو آهي. پر اهي نهايت قديم ضرور آهن. ڇاڪاڻ ته رومي شهنشاهيت جي شروعاتي دور ۾ اتان جي جاگرافيدنن لاڙ (Laryia) ان خطي کي سڏيو آهي، جيڪو سنڌو جي ڇوڙ واري علائقي پرسان هو. ان نالي جي اصليت اسان کي لاهري بندر مان به محسوس ٿئي ٿي، جنهن جي معني لاڙي بندر آهي. پر هڪڙي ڳالهه ڌيان ۾ ضرور رکڻي پوندي ته مختلف دورن ۾ ڇوڙ وارو علائقو به مختلف رهيو آهي. (2)

سنڌ جي ٻنهي ڀاڱن جوي جدا جدا راڄڌانيون هونديون هيون. سري ۾ اروڙ ۽ لاڙ ۾ برهمڻ آباد هئي. مسمانن جي شروعاتي دور ۾ هنن جهڙا مشهور شهر ٻيا ڪونه هئا. راءِ گهراڻي جي شهنشانيت ۾ اوڙ پهريون ۽ برهمڻ آباد ٻيو نمبرشهر هوندو هو.سري ۽ لاڙ ڀاڱن کي وري ننڍين علائقن ۾ ورهايو ويو. جن کي گهڻو ڪري هاڻي به سانهن ساڳين نالن سان سڏيو ويندو آهي. ٿي سهگي ٿو انهن جا ٻيا نالا به هجن، جيڪي ختم ٿي ويا هوندا يا بگڙي صورت ئي ٻي اختيار ڪري ويا هوندا ۽ سجاڻپ کان زور ٿي ويا هوندا. سندرا (Sundra) ، سيوهڻ، ٽيهري Tehri، لوهڙي، لهڙي Lohri، گورا Gora يا ڪرنالا Cornalla اهڙن پراڻن علائقن جا نالا آهن. جيڪي عربن هٿان سنڌ فتح ٿيڻ وقت يا ان کان اڳي به موجود هئا. پر انهن علائقن جي گهڻائي جا نالا بدلجي ويا ٿا پائنجن. سنڌ جن ننڍڙن علائقن ۾ هاڻي ورهايل آهي، تن ۾ انگ الڳ الڳ چوئيتاليهه ٿيندو.

سرڪاري ڪاغذن ۾ صوبي جي تاريخ ۾ به انهن ننڍڙن علائق جو انگ ساڳيو آهي. معلوم ا.ئين ٿئي ٿو ته سنڌ جي هر ڀاڱي ۾ گهٽ وڌائي به ٿيندي رهندي آهي. ڪڏهن وري انهن ننڍين علائقن جوانگ وڌائي پنجاهه کن پرڳڻا به جوڙيا ويا آهن.

سنڌ کي انتظامي طور ننڍين علائقن ۾ ورهائڻ جو طريقو هيٺ ڏجي ٿو.

چوڙ واري علائقي ۾ ، چچ گام Chahagam، جاتي، ڪڪرالا Kakralla، ساڪرو، ٺٽو، ڏاراجا، سندرا Sundra، پليگر Pallegar چڪرهالا، امام واهه ۽ ٽنڊو محمد خان ٽالپر.

سرو، دريا جي اوپر طرف ڄام تماچي، (ميرپور) ٻٺورو، روپا، اوڊيجاهي Odhijahi، سماوتي، ٽنڊو مير الهيار خان،متالوءِ Mattaloi، شهدادپور، هالاڪنڊي، دمDim ، ڪنڊيارو، راڻي پور، گمبٽ، لاڪاوت، *هالاڻي، ڀهلاڻي، لوهڙي، موراگچيرا، خيرپور(ميرپور) ماٿيلو.

دريا جي الهندي پاسي سري وارو علائقو: ڪوٽڙي، ڪونٽو Khonto، سن، سيوهڻ، تيهري Tehri، ٻوبڪ، سامتاڻي، خدا آباد، ڪلاهه Kullah(ڪنداهه) ڪچا Kacha، باغبان، ٽگر Tiggar، چانڊڪا، ڳوراها يا ڪرنالا Carnalla، دوآبو يا حيدرآباد، ڪراچي ۽ ٺٽي جي اولهه پاسي وارو علائقو نئون آهي، جيڪو سمنڊ چڙهي وڃڻ کان پوءِ سنڌ سان شامل ٿيو آهي. ملير ڪراچي واري علائقي ۾ گڏايو ويو آهي.

هر هڪ پرڳڻي ۾ وري ڪيترائي ئي ننڍا علائقا آهن، جيڪڏهن انهن جو ويهي بيان ڪبو ته پڙهندڙ منجهي پوندو. جوڻ ۽ بدين جا به وڏا علائقا آهن، جيڪي چچگام واري علائقي ۾ شامل ڪيا آهن. اهڙي ريت منڊرا Mandra وارو به نهايت قديم علائقو آهي. نصرپور به پنهنجي زماني جي هڪ وڏي سرڪار هوندي هئي. چيو ويندو آهي ته نصرپور جو شهر ماتالوءِ Mattaloi جي کنڊرن مٿان اڏيو ويو آهي. زماني جا ڦير آهن. ڪڏهن ته نصرپور، نصرپور هئي ڪڏهن وري اهو وقت به آيو جو پنهنجي پاڙيسري علائقي جي ماتحت ٿجي وئي جيڪو وڏيڪ آباد ۽ سکيو ستابو ٿي ويو. اهڙي ريت ٺٽي جي سرڪار ۾ ڪيترائي علائقا آهن، انهن مان وڏيڪ قديم درڪ Durk جو پرڳڻو آهي. ڪڏهن ڪنگري جو پرڳڻو به ٺٽي سان شامل هوندو هو. پر مٿيان ٻئي پرڳڻا ٺٽي کان الڳ ڪري ڇڏيا آهن. هنن . ڪانسواءِ ديرڪ Dirak نالي به هڪ قديم پرڳڻو هوندو هو، جنهن جو نالو به ماڻهن کان وسري ويو آهي.

تحفه الڪرام جي مولف جو بيان آهيته سنڌ کي سٺيءَ آبهوا سان


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

نوازيو ويو آهي. سندس چوڻ مطابق هن جون سانجهيون ته اڪثر خوبصورت ٿينديون آهن. سنڌ جو اتر وارو ڀاڱو گرم ۽ لاڙ وارو ڀاڱو ٿڌو ٿيندو آهي. مان سمجهان ٿو ۽ حقيقت به اها آهي ته هن صوبي جي آبهوايڊي سٺي ڪانه آهي. خاص طور تي اهي علائقا، جن تائين سنڌوءِ جي ٻوڏ جو پاڻي پهچي سگهندو آهي، سي تپاوليءِ جي منهن ۾ هوندا آهن. هڪ ماڻهو جيڪو گهڻو عرصو لاڙ ۾ رهيو آهي، تنهن پنهنجي خيالن جو اظهار هنن لفظن ۾ ڪيو آهي ته جڏهن ٻوڏ جو پاڻي لهي ويندو آهي ۽ چوڌس اوپڙ اپري پوندي آهي. ڪٿي ڪٿي پاڻي دٻا ۽ تلاءِ ٺاهي بيهندو آهي. ان رُت ۾ سج جي اس به ڪائيندي آهي. ڪمري ڪان بُچان پئي ٿيندي. ڪني پاڻي ٻئي گند غلاظت جي ڌپ پئي ساڙيندي. ٻيڙ تپ ۽ ٻيون بيماريون جهڙوڪ سنڌن جو سور وغيره به منهن ڪڍندو آهي. اتر سنڌ ۾ اهڙي خراب آبهوا ڪانه ٿيندي آهي. باقي اونهاري جي موسم ۾ ڪن علائقن ۾ لوساٽيندڙ لُڪ لڳندي آهي، سڄي هندستان ۾ فقط اهو علائقو آهي، جتي اهڙي قسم جو ڪوسو واءُ لڳندو آهي، سنڌ جي لاڙ ۽ سري واري ڀاڱي ۾، آبهوا جي لحاظ کان وڏو فرق ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جيڪڏهن لاڙ واري حصي ۾ ڪو سرڪاري ملازم ڪم ڪندو آهي ته ڪيس تمام گهڻي وڏي پگهار ڏني ويندي آهي ۽ جيڪڏهن اهو هتان جو رهاڪو نه هوندو ته هن رُت ۾ بيمار ٿي پوندو آهي.

ٺٽي کان اوله پاسي چوڙ واري علائقي جي چوماسي واري ڏکڻ-اوله کان گهلندي آهي، تنهن ڪري هن تاڏي جو ڪوسائي پد به گجرات جي الهندي سامونڊي ڪناري واري علائقي جهڙو هوندو آهي. شهر جي اوله پاسي آبهوا وڌيڪ خراب هوندي آهي. چيو ۽ ان علائقي ۾ جتي جوگيه رهندا آهن، ڪن سالن جي مينهن جي ڦڙي به ڪانه پئي آهي. مان اڳي به ذڪر ڪري آيو آهيان ته مارچ، اپريل ۽ مئي جي مهيني ۾ سري ۾ گرمي تمام گهڻي ٿي ويندي آهي. سري واري علائقي ۾ ايڏي ته ڪوسي اگهاڙ گهلندي آهي جو سفر ڪرڻ به مشڪل ٿيو پوي، ان رُت ۾ سبي ۽ سنڌ جي وچ تي بربٺ مان سفر ڪرڻ بلڪل ناممڪن ٿي ويندو آهي. سري ۾ گهڻو ڪري جون واري مهيني ۾ پلر جي پالوٽ ٿيندي آهي. ان موسم ۾ سنڌو ۾ چاڙُهه به

ٿيندو آهي، تنهن ڪري گرمي جو ڪجھ ٿي پوندو آهي. سياري جي رت ۾ جيڪا گهڻو ڪري ڊسمبر ۽ جنوري ۾ ايندي آهي، پارن پوڻ سان وڻن ۽ ٻوٽن جا پن ڇڻي ويندا آهن. لاڙ واري ڀاڱي ۾ اهڙي سخت ٿڌ ڪانه پوندي آهي.

سنڌ جي زمين جا ڪيترائي قسم آهن. اها زمين جنهن تائين سنڌو جي ٻوڏ جو پاڻي پهچي سهگندو آهي، سا تمام ڀلي زمين هوندي آهي، ڪٿي وري اهو پاڻي چيڪي مٽي ۽ ڪاٺي وري سنهي واري ڇڏي ويندو آهي. اها زمين اهڙي ڀلي هوندي آهي، جو بنا پورهئي ڪرڻ جي ان جا انبار اپائيندي آهي. اُتل ڪانپوءِ جڏهن پاڻي سڪي ويندو آهي، پر زمين اڃا ڪجھ آلي هوندي آهي ته مٿان ٻج ڇٽي ڇڏيندا آهن. لاباري تائين پوک ۾ ٻيو پورهيو ڪونه ڪندا آهن. الهندي پاسي بلوچستان واري دنگ سان جابلو علائقو آهي، جتي لوھ جون ڪاٺيون گهٽيون لڀي سهگنديون. مذڪوره ايراضي پيدائش جي لحاظ کان غريب آهي. پاڻي جو اٺاٺ آهي ۽ ڌرتي جو مٿاڇرو ٽڪري سان ڍڪيل ڏسبو آهي، تنهن ڪري هيءُ جُوءِ زراعت لاءِ ته پر مال جي چاري لاءِ موزون آهي. انهي ڪري هتان جا ماڻهو به مالوند آهن. سيوهڻ کان اتر پاسي جبلن جي بلڪل ڪڇ ۾ زمين ڏاڍي ڀلي آهي ۽ منجهس فصل به ڀلا ٿيندا آهن. لاڙڪاڻي ۽ ان جي اتر تائين وچ تي ڪاٺي جبل ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو.

سنڌ جي اوڀارئين ڀاڱي واري زمين ۾ ٿر جي واري گڏيل هوندي آهي. پر درياءِ جي پرسان گهڻي ڀاڱي تائين هي واري سفيد مٽيءِ سان گڏجي پوکي راهي لاءِ ڏاڍي ڀلي ثابت ٿيندي آهي. لاڙ واري علائقي جي ايرندي پاسي درياھ جي پرسان خاص طور تي اها زمين آهي. ارهڙ جي رت ۾ هي مٽي مينهن وانگر پئي واءِ تي وسندي آهي ۽ ڏاڍي بڇان پئي ٿيندي آهي. ماڻهي هن کان بچڻ لاءِ وس ڪندا آهن. هتان جا رهاڪو گهرن ۾ ٿاهيل منگھ بند ڪري ڇڏيندا آهن ، سنڌ جي هن علائقي ۾ خاص ڳالهه اها آهي ته جيڪڏهن ڪو مسافر ڏينهن تائين پيو سفر ڪندو، ته رستي تي جبل ته نهيو، پر پهڻ به ڪونه ڏسڻ ۾ ايندو.

هن صوبي جو اهو ڀاڱو جنهن تائين سنڌوءِ جي اٿل جو پاڻي


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

پهچي سگهندو آهي، دنيا جي زرخيز علائقن ۾ شمار ٿيندو آهي، جيڪڏهن اٿل ورهيارو ۽ گهڻي ٿيندي آهي ته هتان جا ماڻهو سکيا ستابا ۽ ريان ڪيان رهندا آهن. جن علائقن ۾ اٿل جو پاڻي پهچي ڪونه سگهبوآهي ته زمين جي پيداوار ايتري ڪانه هوندي آهي جو پورهئي ڪرڻ وارو پاڻ تاتي سگهي. سنڌ ۾ اهڙا ٿورا علائقا آهن جن ۾ اناج جا ٽي فصل ٿيندا آهن. نه ته عام طور تي ٻه ٿيندا آهن ، جتي وري سنڌ جو پاڻي قدرتي طور تي يا ماڻهن جي روڪجڻ ڪري اڳتي وچي نه سگهندو آهي ته اتي سال ۾ اناج جو فقط هڪ سال ٿيندو آهي، پر اهو به اُپت تمام گهٽ ٿيندو آهي.

**پيداوار**

لاڙ جي سڄي هيٺين علائقي ۾ سال جا ٽي مهينا پاڻي اک لڳو پيو هوندو آهي. اتي ساريون ايتريون ته گهڻيون پوکيون وينديون آهن، جو مون ڪڏهن ڪونه ڏٺيون سڻيون. ڪڪرالي ۽ ڪڇي وارو علائقو ته ساريون تمام گهڻيون اپائيندو آهي، پاڻي جو ڀهريون لڙهو ايندو آهي ته ٻيجو پوکي ڇڏيندا آهن. رونبي کان پوءِ پاڻي ٻه ويندو مٿي چڙهندو ته ساريون ٻه ويندي‍ون قد ڪنديون. ڪڏهن ته وري حالت اهڙي ٿيندي آهي، جو ڪڪرالي پرڳڻي جي هڪ ديهه ايتريون ساريون پيدا ڪيون جو سرڪار کي ڏيل ام ٽئين حصي طور مڪ هزار خرار ساريون مليون.(3)

هيٺين پرڳڻن ۾ خشڪ فصل تمام گهٽ ڪاهيا ويندا آهن، باقي، امام واهه بدين واري پاسي، ڪڻڪ، جو، جوئر، باجهري، ڪمند ۽ تماڪ وغيره آبپاشي نظام وسيلي ڪاهيا وڃن ٿا.

ڇڇ گام(4) علائقي جو وڏو حصو، جيڪو سنڌو جي هڪ چاڙهه گونيءَ جي ايرندي پار آهي، ان تائين سنڌو جي اٿل جو پاڻي پهچي نه سگهندو آهي ۽ موسم مطابق باجهري، مڱ، ڪڻڪ، جوئر ۽ ٻيا فصل واهيندا آهن. فصلن واسطي اهو پاڻي گوني يا پراڻ مان واهه ۽ ڪسيون ڪوٺي آڻيندا آهن.

سنڌ جي اترئين علائقن ۾ ڪڻڪ، جَوَ، جوئر ٻيا عام فصل ٻه تمام گهڻا ٿيندا آهن. اهڙا فصل واهن وسيلي پاڻي آڻي ڪاهيا ويندا

آهن يا درياهه اٿل وقت جيڪي ڍنڍون ٺاهي ويندو آهي ۽ اهي جلدي جلدي سڪڻ شروع ڪنديون آهن ته انهن جي هيٺين پاسي سان ٻج ڇٽي آبادي ڪندا آهن. ڪاتي وري ووئٽن جا فصل راڌا ويندا آهن پر اهي ذري گهٽ وٽن جيترا وڏا هوندا آهن ۽ منجهن ٿاريون به جام ٿينديون آهن. پر اهي دائمي وٽن جيان ڪونه هوندا آهن. ڪمند تمام گهڻو ڪاهيو ويندو آهي. جاڏي نظر ڪر تاڏي ڪمند جي پوک پئي ڏسبي آهي. ڳڙ، مٺائي ۽ کنڊ جام ٺهندي آهي. پر هن مٺاڻ جو وڏو حصو يا ته سنڌ ۾ ئي کپي ويندو آهي، يا ته پر وارن اترئين علائقن ڏانهن برآمد ڪيو ويندو آهي، جتي ڪمند موافق آبهوا موجود ڪانه آهي. پر کنڊ سني وڙ جي ڪانه ٿيندي آهي. هندستان ۾ جيڪي ڀاڄيون ڀتيون ٿينديون آهن، سي سڀئي اسان کي سنڌ ۾ ڏسڻ ۾ ايندين ، پر انهن کي ڀاڻي هٿ سان پهچايو ويندو آهي. لاهوري گجرون (Sweet Potato) به ڪاهيون وڃن ٿيون. هنن جو فصل تمام گهڻو ڏسڻ ۾ پيو ايندو ۽ ڪن جاين تي ته ماڻهن جي لازمي خوراڪ بڻجي وئي آهي.

اتر سنڌ ۾ نير جي پوک ته خاص ڌيان ڏيئيڪاهي ويندي آهي. اها وٿ هڪ ته هتان جي ماڻهن جي ڪپڙن رڱڻ ۾ ڪم اچي ٿي ۽ ان ڪانسواءِ ٻاهر موڪلي چڱو ناڻو به ڪمايو ويندو آهي. نير جي پوک گهڻو ڪري ساهتي، ٺڳڙ، باغبان، چانڊڪا، لوهري ۽ سامتاڻي پرڳڻي ۾ جام ٿيندي آهي. هي پوک ماڻهن ۽ سرڪار ٻنهي لاءِ لاڀائتي آهي. زمين جو هڪ ٽڪر جنهن جي ماپ اٺ گز چورس هوندي آهي ۽ سنڌي ۾ هن کي "بيگو" سڏيو ويندو آهي، جنهن مان حڪومت کي اسي روپيا ڍل ملندي هئي. سنڌ ۾ هي فصل آبپاشي نظام وسيلي ڪاهيو ويندو آهي ۽ هن فصل ۾ ٻين کان وڌيڪ ڌيان ڏيڻ جي گهڻي ضرورت پوندي آهي.

ٺٽي جي پر اوسي پاسي ۽ ٻين علائقن ۾ شوري جي گهڻي پيداوار ٿيندي آهي. شروعاتي دور ۾ هي وٿ ڏيساور موڪلي ويندي هئي. هاڻي اولهه هندستان جي منڊي ۾ هن جو وڏو اگهه آهي. پوئين دور ۾ سنڌ جي شوري جو انگ ڪري پيو ۽ تمام گهٽ کٽب اچڻ لڳو. ان جو سبب اهو ته بنگال ۾ گهٽ وڙ وارو سستو شورو تيار ٿيڻ


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

لڳو هو. شوري جي وڙ ڪي وڏيڪ سڌارڻ لاءِ پورهئي ۽ ڇاڻ جي گھٽي لوڙ هوندي آهي. ڏيهي استعمال لاءِ به شورو تمام گھڻو ڪم ايندو آهي. سنڌ ۾ سٺو ۽ معياري شورو ٺهندو آهي، جيڪو هندستان ۾ بارود ٺهڻ واري ڪم ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي. سنڌ جي سامونڊي ڪناري سان لوڻ گھڻو پيدا ٿئي ٿو جيڪو ملڪ جي اندرئين علائقن ڏانهن سال جا ٻارنهن ئي مهينا پيو ويندو آهي.

جيستائين مون کي ڄاڻ آهي ته سنڌ ۾ عمارتي ڪاٺ گھٽ ٿيندو آهي، ان ڏس ۾ هي ملڪ ڇڻ ته ٻين جو محتاج آهي، ڇاڪاڻ ته ٻيلن جا اهڙا وڻ ئي ڪونه آهن، جن کي عمارتي ڪاٺ جي نالي سان سڏي سگھجي ٿو. ڇوڙ واري سڄي علائقي ۾ پاڻي ۾ ڇرون آهن، جن ۾ هلڪو سلڪو جهنگ نظر ايندو. اهو ڪاٺ وڏي چيري ٻارڻ جي ڪم ايندو ويندو آهي. هن صوبي ۾ عام وڻ لئي جو ٿيندو آهي.(5) سمنڊ جي پر واري علائقي ۾ هي وڏي وڻ ڪونه ٿيندو آهي. پر چيو ويندو آهي ته حيدرآباد ۽ سيوهڻ جي وچ تي موجود ٻيلن ۾ هي موجود آهي، جيڪو گھڻو وڏو ۽ ٿلهو ٿيندو آهي.

گھڻن قسمن جي ميوات هتي ڏسڻ ۾ ڪانه آئي آهي. باقي هتان جا انب، ڏاڙهون ۽ گدرا ته واهه جا آهن. انگور، صوف، ناسپاتيون ۽ ڪشمش ڪابل يا اترئين علائقن مان ايندا آهن. ڪشمش ته سڪائي آندي ويندي آهي. باقي ٻيا ميوا ڪپهه سان ٻڌي آندا ويندا آهن ۽ ڇهن مهينن لاءِ تازا رهندا آهن. هتي جهرڻا به گھڻا آهن. ڪن جهرڻن جي پاڻي ۾ دوا جي خاصيت هوندي آهي. ٺٽي جي اولهه پار ٽڪرين ۾ گرم جهڙڻا موجود آهن. خيرپور واري علائقي ۾ مٺي سوڊا، کار ۽ پوٽاش تيار ڪئي ويندي آهي، جيڪا هندستان ڏانهن موڪلي ويندي آهي، اتي صابڻ ۽ لائي ٺاهڻ ۾ ڪتب ايندي آهي.

## جانور

ڪارج ۽ انگ جي لحاظ کان سنڌ ۾ اٺ تمام گھڻو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سنڌ ۾ اٺ جتي ڪٿي پاليو ويندو آهي. رينيل Rennelجي چواڻي موجب ته سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي ۾ پاڻي جون ڇرون گھٽيون هونديون آهن، اهڙي قسم جي آبهوا اٺ کي گھٽي پاڻءِ پوندي آهي. ان

ڪري ھي اٺ به گهٽا پاليا ويندا آھن. اھو به چيو ويندو آھي ته گهم واري آبهوا تي پليل اٺ جابلو يا واريءَ واري علائقي ۾ پليل اٺ جيان ڏک ڏاکڙا سهي ڪونه سگهندو آھي. ڇوڙ واري علائقي ۾ ھيءُ جانور چر جي پاڻي ۾ گپ ۾ بيٺو لئي ۽ لاڻو چرندو آھي. ھن جوءِ ۾ ڪيئي اوٺا وڳ پيا ڏسبا آھن، جيڪي ھن قسم جو چارو چاري ٿلها متارا ٿي توھا ڪڍي ويندا آھن ھجڙي ريت خشڪ علائقي وارو اٺ وڻ جا پن چري سئوڪو متارو ٿي ويندو آھي(6)

سنڌ جهڙي ملڪ ۾ اٺ جو ڪارج گهڻ پاسائون آھي. خشڪي رستي ڏيهي واپاري مال اٺ وسيلي پيو ايندو ويندو آھي. سامونڊي ڪناري ڪان وٺي قنڌار تائين تجارتي مال اٺن ذريعي نيو ويندو آھي. ايڏي ڊگهي سفر تي ھر ھڪ اٺ تي پارھن اسٺون وزن سٽيو ويندو آھي. اٺن وارا قافلا سفر رات جو ڪندا آھن ۽ سورھن يا ويهه ميلن جي منزلن ڪري ڏينهن جو آرام ڪندا آھن. ھي جانور جهنگ چري پوءُ ڪندو آھي. ھنن حالتن ۾ پيو جانور بک ۾ مري ختم ٿي وڃي. اٺ اجا نڊيو گورو ھوندو آھي جو پاڪڙي ۽ پلاڻ تي ھيرايو ويندو آھي ۽ پوءِ جيئن گهوڙو ھني تي ھري ويندو آھي، تيئن اٺ به پاڪڙي تي ھري مري ويندو آھي ۽ ناقابل سفر تي يقين سفر تي به يقين ٿي ويندو آھي. اٺ جو وک وک پنڌ سوار لاءِ ٻَرو ھوندو آھي، پر لَس يا ڪاھ وارو پنڌ سنجهو ٿئي. سنڌ ۾ وڏ گهراڻا ماڻهو اٺ جي سواري مان وڏ ڪونه ڪڍن ۽ نه وري ان کي گهٽ ڄاڻن. سفر کي سنجهي ڪرڻ لاءِ جتن ۽ جهد ڪيا ويندا آھن. پاڪڙي کي سنجهو ۽ پٽ جهڙو ڪئنرو رکيو ويندو آھي. ان ڪانپوءِ اٺ جو ھلڻ مس وڃي سهڻ جوڳو ٿيندو آھي. ٻين ملڪن جا اٺ سنڌ جي اٺ جهڙا سنجا پلا ۽ شاندار ڪونه آھن. اٺ جي پاڪڙي ۾ وھن جا به خانا ٿيندا آھن ۽ ان ڪپڙي مان ٺهيل ھوندو آھي، جنهن جو ٻر ويڪرو ھوندو آھي. مٿس پرت جو نازڪ ۽ نفيس ڪم ڪيو ويندو آھي . اڳئين خاني ۾ جت وھندو آھي. اٺ کي ھلائڻ لاءِ مهار سندس ھٿ ۾ ھوندي آھي. ان مهار جا ٻئي ڇيڙا ، اٺ جي نڪ جي ٻنهي پاسي لڳل لاٺين ۾ ٻڌل ھوندا آھن. جيڪي ڪاٺ جون ھونديون آھن. انهن جي ديگهه به انچ ٿيندي آھي. مٿان چوٽي وٽ بونبڙي ھوندي اٿن. پٺئين خاني ۾ ھٿيار


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

بند همراهه ويٺل هوندو آهي، جيڪو پهريدار يا خدمتگار هوندو آهي. ايشيا ۾ لڳندڙ جنگين ۾ ڪتب ايندڙ "چڪر" اڻ تي ويهي سولائي سان ڪم آڻي سگهجي ٿو. سنڌ ۾ هن جنگي اوزار کي اڻ تي ويهي استعمال ڪرڻ جو گهڻو رواج آهي.

اڻ ٻئي ڪم ۾ به استعمال ڪيو ويندو آهي، جيڪو اجا اوهان کي ٻڌايو ئي ڪونه اٿئون. اڻ کي نار ۾ جوٽي پوکي راهي پڻ ڪئي ويندي آهي. ڪاٺي وري هر ڪيڙيندي ۽ ڪاٺي وري گهاڻي ۾ گهمندي تيل پيڙيندي به ڏٺا ويا آهن. جن ماڻهن وٽ اوٺا وڳ هوندا آهن، سي ڏاچين جو کير به پيئندا آهن. چوندا آهن ته ڏاچي جو کير نرويو ۽ ڏپ وارو ٿيندو آهي. اوٺو کير ڏهڻ شرط ڪتب آندو وڃي ته ڀلو، جي گهڻو رکبو ته ٻين کيرن کان هجث ڦٽي ويندو آهي.

سنڌ جا گهوڙا ڏکن ڏاکڙن جا هيراڪ هوندا آهن ۽ مسافري ۾ پنهنجو پاڻ ۽ سوار واسطي ڏاڍا سنجها هوندا آهن. سوار هن کي جيڪي لاءِ، مُنَ سيڪاريندو آهي، تنهن تي پيو هلندو آهي. هتي گهوڙا به جهجهي انگ ۾ پيا ڏسبا آهن. تجربي مان ثابت ٿيو آهي ته اتر سنڌ جي آبهوا گهوڙن جي موافق آهي. جيڪڏهن هن جانورن جي پالڻ تي چڱي ريت ڌيان ڏبو، ته هي اجا به وڌي ويجهي سگهي ٿو.

سنڌ جا وڏا گهراڻا ماڻهو جنگي جوڌا ڏاڍا ويڙهاڪ هوندا آهن. جيڪڏهن ڪو ناهوڪڙو گهوڙو اک تي چڙهين ته بَها کي ڪونه ڏسندا قلال(7) جو گهوڙو وڌيڪ پسند ڪندا آهن، ايران ۽ قنڌار جي گهوڙي کي به گهٽ ڪونه سمجهندا آهن. انهن جي جوڙن مان جيڪي ٻهاڻ پيدا ٿيندا آهن، سي اهڙا ته ڀلا ٿيندا آهن، جو نه ڏي نه ڏس. هن ملڪ ۾ خچر جو نسل به سٺو ٿيندو آهي. هندستان جي خچر کان هتان جو خچر وڌيڪ ڀلو ٿئي ٿو. سنڌ جا خچر پانجيرا، قد وارا، سگهارا ۽ ڏاڍا سهٽا ملوڪڙا ٿيندا آهن. سفر ۾ سامان به ڏاڍو سولو هوندو آهي، جيڪي پنهنجي مالڪن سان گڏ ڏگهن سفرن تي هوندا آهن.

جيڪا جُوءِ درياهه کان دور هوندي آهي، اتي وري ڳئو مال جام هوندو آهي. خاص ڪري ملڪ جي اوڀارئين دنگ سان هڪ وسيع ڪشادو علائقو جالاري جُوءِ آهي، جتي هر جنس جو ڳئو مال پيو

چيڪ چرندو آهي. سنڌ جا مسلمان هن کي کهي کائيندا به آهن، ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات جا واپاري هي مال خريد ڪري اوڏانهن کاهي ويندا آهن. ڏاند قد جو پورو پنو ، سگهو متارو ۽ ڪم جو پهلوان ٿئي ٿو. ماهيو مال به تمام گهڻو آهي. غريب ۽ شاهوڪار وٽ هيءَ مال ملندو پر ماڻهو جي شاهوڪاري جو انداز مينهن، اٺن ۽ ٻڪرين جي تعداد مان ڪري سگهبو آهي. هندستان جا جيڪي به گهرو جانور آهن سي، سنڌ ۾ تمام گهڻا لڀندا. سنڌ جي ڌرتي تي شڪار جا جانور ايترا ته گهڻا آهن، جن جو ته ڪاٿو ئي ڪري ڪونه ٿو سگهجي. سنڌ ۾ پاڻي جا پکي ايترا ته گهڻا آهن جو دنيا ۾ ٻئي هنڌ ڪاٿي به ڏسڻ ۾ ڪونه ايندا. ڊنڊون، ڊورا، تلاءِ، چرون، سڀ هنن پکين سان ڀريل ڏسڻ ۾ ايندا ۽ هتان جي پورهيت طبقي جي پيٽ پالڻ جو چڱ هڪ وسيلو آهن. شڪاري جانورن مان بگهڙ ۽ گدڙ ته تمام گهڻا آهن، پر مير خان صاحب خان واري حصي ۾ چيتا به ڏٺا ويا آهن. سامونڊي ڪاريون ۽ درياهه جا ڦاٽ واڳن سان ڀريا پيا آهن. سنڌي ماڻهو واڳون جو احترام ڪندا آهن. کلن واسطي ٻجو ۽ ٻين جانورن جو شڪار ڪيو ويندو آهي. مذڪوره جانورن جي کلن جو اترئين علائقن ۾ وڏو اگهه آهي. هتي سوئر جام آهي. سنڌ جو چوٿون حصو ڊنڊين تلائن ۽ چرن جي والار هيٺ آهي. ۽ ان حساب سان هيءَ جانور به ايترو ئي گهڻو آهي. هتان جي شهزادن ۽ وڏ گهراڻن جو ڌنڌو ئي سوئر جو شڪار ڪرڻ آهي. مذهبي طور مسلمان آهن، پر هن ئي جانور جي شڪار واسطي گابن جيڏا وڏا ڪتا پاليندا آهن، جو ڏٺي ڀيو ڏيل ڏڪندو آهي. سنڌ ۾ سيبل (Sable) مڇي ٿيندي آهي جيڪا يورپي ڏاڍا پسند ڪندا آهن. سنڌي هن کي "پلو" سڏيندا آهن. ان جو ساءُ سواد سامن يا رانوس مڇي جهڙو ٿئي، پر بسانگن ڪندن سان ڀريل هوندو آهي، جيڪي پلي کائڻ ۾ تڪليف ڏيندا آهن.

## شهر

سنڌ جي پاڻي راجڌاني ته اروڙ هئي، جيڪا درياهه جي پراڻي وهڪري سان ۽ بکر جي ويڪرائي ڦاڪ جي سامهون هئي. اهو


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

شهر ٻي صدي هجري ۾ تباهه ٿي ويو. ان ڪانپوءِ سندن علائقو بکر جي ماتحت رهندو پيو اچي. خلاف واري ٿي سئو ساله زماني ۾ نظر ائين اچي ٿو ته سنڌ جي راڄڌاني ملتان هئي. ساڳئي وقت اسان کي هي ڳالهه به ڌسڻ ۾ اچي ٿي ته سنڌ جا ڪيترا علائقا عربن کان آزاد ٿي ويا هئا ۽ اهڙي حڪومت کي پنهنجي الڳ راڄڌاني هئي. پر هاڻي انهن شهرن جو نانءُ نشان به ڪاٿي نظر ڪونه ٿو اچي. پر سندن نالا ۽ جاءِ وقوع ڏيڻ ضروري ٿيندو، انهن مقصد سان ته جيئن سنڌ جي تاريخ کان چڱي ريت واقف ٿي سگهجي.

اروڙ کان پوءِ برهمڻ آباد يا ٻهمانا (Bahmana) جو شهر مشهور هو، جيڪو پراڻ جي وهڪري جي ڪنار سان يا ان جي ويجهو اڏيل هو، بعد ۾ ان جي ماتحت علائقي کي شهدادپور پرڳڻي جا نالي سان سڏيو ويو. ڪنهن زماني ۾ ٻهمانا کي ديبل ڪانگرا (Debal Kangra) (ڏيپر گهانگرو) به سڏيندا هئا.

نيرون ڪوٽ به سنڌ جو هڪ مشهور شهر هو، جنهن جي کنڊرن تي هاڻي حيدرآباد جو شهر آباد آهي. هي ماڳ پنهنجي مضبوط قلعي ڪري مشهور هو. مسلمانن جڏهن سنڌ تي حملو ڪيو، ته هي پهريون شهر هو، جنهن سندن آڌر مڃي هئي.

ڀنڀور جو شهر سنڌو جي ان ڇاڙهه جي ڪنار سان وسندڙ هو، جيڪو ٺٽي ۽ ڪراچي جي وچ تي ڪڏهن سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. هن ڇاڙه جي سڪي وڃڻ ڪانپوءِ ڀنڀور جا رهاڪو لڏي پلاڻي وڃي ساڪري ۽ ٺٽي پرڳڻي ۾ ويٺا. منهنجو اندازو آهي ته مذڪوره شاخ سترهين صديءِ جي وچ ڌاران سڪي وئي هئي.

ڪلاڻ ڪوٽ يا ڪلان ڪوٽ، جنهن کي بعد ۾ تغلق آباد به سڏيو ويو، سو ٺٽي جي اولهه پاسي ۾ هڪ ٽڪري تي اڏيل هو، پر منهجس رهندو ڪير به ڪونه هو، ڇاڪاڻ ته سمجهيو ويندو هو ته هن قلعي جا ٽرڙ سونڊا پرڳڻي ۾ ڏسي سگهجن ٿا، جيڪو اڄان ان جي نالي پٺيان سڏيو ويندو آهي. هن شهر جي پر ۾ هما ڪوٽ نالي مشهور قلعو هوندو هو. سمجهيو ويندو هو ته هن قلعي کي به هندن جي ديوتائن اڏيو هو. هن شهر جي ناس ٿيڻ کان پوءِ هتان جا رهواسي اچي ٺٽي ويٺا.

ديبل سنڌ جو مشهور سامونڊي بندر هو. هي اهو شهر آهي، جنهن کي ڀهريائين عربن ڳولي لڌو هو، جيڪو هندستان جي سامونڊي ڪناري سان آباد هو. شهر تي اهو نالو هندن جي مشهور مندر تان پيو هو. عربن هن شهر کي تباهه ڪري ڇڏيو.

هيءُ شهر ڪاٿي هو، ان بابت مختلف خيال آهن. مان هن شهر کي انهن بيان ڪيل ماڳن کان ڪنهن مختلف جاءِ تي سمجهان ٿو هن بندر جي ٺيڙ ڪان پوءِ هتان جا رهواسي لڏي وڃي لاهري بندر ۽ پوءِ ڏاروجا ۾ ويٺا.

منڊرو پٽ هڪ وڏو شهر هو، جيڪو سنڌو جي موجوده ڦاٽ گوني جي ڪنار سان ۽ لکپت جي سامهون پرٿورڙو مٿي آباد هو. هي شهر اٺين صدي هجري ۾ ناس ٿي ويو.

”طور“ سومرن جو مشهور شهر هو، جيڪو ساڳئي علائقي ۾ آباد هو. وجي ڪوٽ سومرن جي حڪمراني جي راجڌاني هو ۽ پراڻ جي ڪناري آباد هو، جيڪو هاڻي بربٺ بيابان علائق لڳو پيو آهي. چيو ويندو آهي ته هن شهر کي علاوالدين اٺين صدي هجري ۾ تباهه ڪيو. منڪاتارا يا منحاتار(ماڻڪ تارو) به هڪ مشهور شهر هو جيڪو روپاهه جي پرڳڻي ۾ ڇهين صدي هجري تائين آباد رهندو آيو. هي شهر ڪيترو پراڻو آهي . تنهن جو پتو پئجي ڪونه ٿو سگهي. پر اڳڙي قبيلي لاءِ چيو ويندو آهي ته اهي سڪندر جي اولاد مان آهن . تحفه الڪرام جي مولف جو بيان آهي ته هي شهر لوهاڻي درياهه جي ڪناري سان آباد هو، جيڪو هاڻ شهدادپور پرڳڻي ۾ آهي، هتي قديم شهرن جي قديم ذڪر ڪرڻ مان ڪوبه فائدو ڪونه آهي، تنهن ڪري مان هاڻي موجوده دور جي شهرن جو ذڪر ڪندس، جن جو ذڪر سنڌ جي تاريخ ۾ به ملي سگهندو.

ڏيهي تاريخ جي حوالن مطابق ،جن ماڳن تي اڄ ٿٽي جو شهر آباد آهي، اتي ڪنهن زماني ۾ سمنڊ ڇوليون هڻندو هو. جڏهن هتان سمنڊ ڇڏي ويو ته اهو علائقو بربٺ بيابان ٿي ويو ۽ منجهس مٿي پاڻي جو نالو نشان به ڪونه رهيو. جڏهن سنڌو پنهنجو وهڪرو مٿائي ٺٽي ڏانهن ڪيو ته اهو علائقوسائو ڍائو بڻجي ويو. جڏهن سنه 700 ڌاران علاوالدين سنڌ تي حملو ڪيو چيو وڃي ٿو ته ان وقت


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سمن ساموئي شهر ۾ هڪ قلعي مندراسا (Mandrassa) جو بنياد رکيو هو، جيڪو ٺٽي کان پنج ميل پري ۽ مڪلي ٽڪري کان اتر پار هو. ٽائين صدي هجري جي پڇاڙي ۾ ڄام ندي(ڄآم نظام الدين) هڪ جاءِ جي چونڊ ڪري پنهنجي حڪمراني جي نئين راڄڌاني جو بنياد رکيو، جتي اڳ ۾ ماڻهن جو ڳوٺ هو. نئين راڄڌاني کي هن ٺٽي جو نالو ڏنو. ڪي چون ٿا ته هي لفظ ٿاب(Thab) مان نڪتل آهي، جنهن جي معني آهي ڳتيل آبادي . ڪن جو چوڻ آهي ته شهر جو بنياد پوڻ کان اڳ ئي هن کي ٺٽو چيو ويندو هو. حقيقت ڇا آهي، تنهن جو پتو ڪونه ٿو پوي. سنڌو جو ٻگهاڙ ڦاٽ ٺٽي جي اتران وهندو هو. ديبل، پنبور، پگهاڙ (Bagar) ۽ ٽيرا (Terra) جا رهواسي لڏي اچي ٺٽي ۾ آباد ٿيا هئا. اهي سڀ شهر، سنڌو جي ساگري ڦاٽ تي آباد هئا. انهن ماڻهن پنهنجا اباڻا ڪک پنهنجي رضا خوشي سان ڇڏيا يا مجبور ٿي ڇڏيا، تنهن جو پتو ڪونهي. مير عبدالرزاق اصفهاني، جيڪو "هثرب"(1) جي نالي سان مشهور آهي ، تنهن جو بيان آهي ته هنن شهرن م پهريائين يومن (Yuman) (9) جا ماڻهو آباد هئا. اهو ئي سبب آهي جو ٺٽي ۾ مهان ڏاها ۽ مشهور ماڻهو پيدا ٿيا.

ٺٽو لڳاتار ترقي ڪندو وڌنڌو ۽ ويجهندو رهيو، پر جڏهن مرزا جاني بيگ تي سنه 1000ھ ۾ اڪبر مغل جي فوجن حملو ڪيو ته هن کيس چوچڙي ڏياري ساڙي تباھ ڪرس ڇڏيو ۽ ان کان پوءِ اهو وري ساڳئي اوج تي ڪونه پهتو، توڙي جڳ سنڌ جي راڄڌاني هجڻ جو اعزاز به هن شهر کي حاصل هو. جيئن پوءِ تئين پوئتي پوندو ويو. جڏهن ڪلهوڙن جو وارو آيو ته هن گهراڻي ٺٽي کي پنهنجي راڄ جي راڄڌاني ڪونه بڻايو. ان کان پوءِ وري ٺٽي ڪابه ترقي ڪانه ڪئي ۽ رهندو به پوئتي پئجي ويو. تاريخن جا مستند حوالا هن شهر جي آدمشماري ارڙهن هزارن کان مٿي ڪونه ٿا ٻڌائن. سڀئي تاريخون هن ڳالھ تي متفق آهن، هن شهر جو گهير ساڍا چار ميل کن ٿيندو، پر ڪنهن زماني ۾ ٺٽو ان کان چئوڻو وڏو هو.

هي شهر هڪ دڙي تري اڏيل آهي. سنڌو هن کان چار ميل کن ويرِ ۾ وهندو آهي. اڄ کان چاليھ سال اڳ درياھ ٺٽي کان مٿي اولھ پاسي هڪ ڦاٽ ڇڏيندو هو ۽ ٺٽي جو شهر چوڙ واري علائقي ۾

هوندو هو. پر هاڻي اهي حالتون ڪونه رهيون آهن. ڀهريائين نٽي کي قلعو ڪنه هوندو هو، پر جڏهن پورچوگيزن نٽي کي ڦريو لٽيو ۽ رهواسين جو قتل عام ڪيو ته پوءِ مرزا عيسي شهر جي چوڌاري پڪين سرن جو ڪوٽ ڏياريو هو، جيڪو هاڻي ناس ٿي ويو آهي. دولتمند ۽ وڏ گهراڻن ماڻهن جا گهر پڪين سرن جا ٺهيل آهن، باقي مسڪين ماڻهن جا اجها ڪکاوان آهن. منجهن ڪاٺ ڪتب آندل آهي ۽ مٿانئن گارو گنب ڪيل آهي، ان ڪري جهٽ جهري پوندا آهن. ديبل ۾ جيڪو واپار وڙو ٿيندو هو، سو هاڻي نٽي ۾ ٿيندو آهي. عرب هن شهر کي "ديبل نٽه" ڪري سڏيندا آهن. ڪنهن زماني ۾ نٽو هڪ عظيم شهر هوندو هو. شايد نٽي جي شهر کي هن ڪان پوءِ به "ديبل نٽه" سڏيو ويندو. هن راڄڌاني جي حڪومت هڪ گورنر جي هٿ ۾ آهي، جنهن کي نواب سڏيو ويندو آهي، پر سندس هٿ هيٺ فوج تمام گهٽ آهي .

سنڌ جي موجوده رجڌاني حيدرآباد آهي ، جيڪو 25 ڊگريون 22 فوٽ ويڪرئي ڦاڪ اتر ۽ 68 ڊگريون 91 فوٽ اوپر ڊگهائي ڦاڪ تي ۽ نيرون ڪوٽ جي کنڊرن مٿان اڏيل آهي. هي شهر غلام شاه ڪلهوڙي سنه 1182ھ ۾ تعمير ڪرايو هو. قلعو ۽ برج به سندس دور ۾ ٺهرايا ويا هئا. (10) هي قلعو هڪ ٽڪري تي اڏيل آهي، جيڪا هڪ ڀاسي ڪان اپ ڪپري آهي. هن ٽڪري جي ڪڇ مان سنڌوءَ ج ڦاٽ ڦليلي وهندو آهي. سنڌو جو مکيه وهڪرو حيدرآباد ڪان ٽي ميل اولھ ۾ وهندو آهي. مذڪوره ٻئي ڦاٽ جهاز راني جي قابل آهن.

هن ڪانپوءِ ٻيو مشهور شهر سيوهڻ آهي پر ايڏو گهڻو مشهور ڪونه آهي. هن کي نهايت قديم شهرن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي. سندس نالا به گهڻا آهن، کيس سيوستان، سيون ۽ سيوهڻ به سڏيو ويندو آهي. معلوم ٿئي ٿو ته سندس ڀهريون نالو صحيح آهي. ڪڏهن هن کي بغداد به سڏيو ويندو هو. اهو به چيو ويندو آهي ته ڪنهن دور ۾ هتي اهڙا ماڻهو به رهندا هئا، جيڪي آدم خور هئا. اهي روايتون به موجود آهن ته نٽي جي ڃامن مان ڪنهن سلطان سيوهڻ جي قلعي کي ڏاڍي ڏاهوڪي نموني سان ٺهرايو هو. جڏهن ڃام


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

فيروز گادي تي ويٺو ته شاهه بيگ ارغون مٿس حملو ڪري ڪانئس سنڌ جو راڄ ڦري ورتو. سيوهڻ وارو علائقو به ان جي قبضي ۾ آيو. هي قلعو هڪ ٽڪري تي جوڙيل آهي، جيڪا سنڌو جي ڪناري کان ونئي اڀ ڪپري تي آهي. قلعو پنهنجي بناوت ۾ سوڙهو آهي، جيڪو هاڻي ڊهي ناس ٿي ويو آهي. شهر به چڱڻ جهوپڙين جو مچلو آهي. آدمشماري اٺ هزار کن اٿس. شهر ۽ قلعي جي وچ تي هڪ گهارو آهي، جيڪو چاڙهه جي رُت ۾ پرجي تار ٿي ويندو آهي. سيوهن جي قلعي جي اهميت ان وقت حاصل هئي، جڏهن ان تي ڪنهن ٻئي حڪمران جي حڪومت هئي. جڏهن انتظامي طور سنڌ ۾ ملي ويو ته سندس اهميت به گهٽجي وئي. شهر ۽ قلعو سنڌو جي اولهه پاسي موجود آهن. موجوده دور ۾ درياهه ڪافي پري وهندو آهي.

بکر شهر جو بنياد عربن رکيو هو جيڪو اروڙ قلعي جي سامان سڙي سان اڏيو ويو هو. تحفه الڪرام جو بيان آهي هيءُ شهر هندو دور ۾ موجود ڪونه هو. سيد محمد مڪيءَ هتي پهچي "بکر" جو لفظ اچاريو هو، جنهن جي معني آهي "پرهه ڦٽي" ۽ اهو واقعو هن شهر جي بنياد پوڻ کان پوءِ ٿيو. شاهه بيگ ارغون جي زماني ۾ بکر شهر جي چوڌاري سنڌو جو پاڻي ڦري ايندو هو ۽ درياهه ۾ چڻ هڪ ننڍڙو ٻيٽ ٺڄي پوندو هو. شروعاتي دور ۾ هن ٻيٽ جو چوڌاري سنڌو جو پاڻي ڦري ايندو هو سا نه، تنهن جو پتو ڪونه ٿو پوي. پر مان هن ڳالهه جو قائل آهيان ته اڳي پاڻي چوڌاري ڦري ڪونه ايندو هو. هاڻي به سياري جي رُت ۾ بکر ٻيٽ جي اولهه پاسي ڪاب پاڻي سڪي ويندو آهي. شاهه بيگ ارغون هن شهر کي راڄڌاني بنايو ۽ چوڌاري پڪين سرن جو ڪوٽ ڏياريو. بکر جي ضلعي ۾ قديم دور کان ونئي سيد رهندا هئا،سندن طاقت شاهه بيگ ارغون کي پاڻ ڪانه پئي. کين بکر ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو، تن به بکر کي ڇڏي اچي روهڙيءَ ۾ پنهنجا ويڙها وسايا. روهڙي بکر جي پرسان هڪ ننڍي وسندي هئي. بکر قلعي کان اڀر واري سنڌوءَ جي چاڙهه بکر ۽ روهڙي وچان وهندي هئي ۽ منجهس کان ڇهوڻ تي وڏيڪ ماڻهو آباد هئا. ٻئي پاسي کان سامهون بکر جي ٻي ننڍي وسندي سکر يا سيگر آهي. بکر جي پرسان پيرلو، پريالو، ٻيرلوجي جوءِ م عاليشان

باغ هئا، جن ۾ ڏاڍيو خوبصورت جايون ٺاهيل هيون. جڏهن سلطان محمود ڪولڪتاش ٻڌو ته شهنشاهه اڪبر جو فوجي مهندرا بيرم خان خانان اچي رهيو آهي ته هن اهي باغ ناس ڪرائي ۽ خوبصورت جايون تباهه ڪرائي ڇڏيون . پر سندس وفات کان پوءِ بکر وارو علائقو دهلي جي ڏن پرو ٿي ويو ۽ بکر فقط ان جي نالي واري سرڪار جو صدم مقام رهجي ويو. جڏهن نادر شاهه سنڌ تي حملو ڪيو ته بکر جي ضلعي کي ڊاهي ناس ڪري ڇڏيائين . موجوده دور ۾ هيءُ شهر مير سهراب خان جي راڄ ۾ آهي. سندس اها پراڻي اهميت ڪانه رهي آهي. هي شهر هڪ پاسي کان قنڌار ۽ سنڌ، ٻئي پاسي کان دائود پوٽن ۽ مير سهراب جي وچ ته چڻ ته ديوار ٻڌيو بيٺو آهي. مذهبي نقطئه نگاهه کان بکر کي وڏي اهميت حاصل آهي، ڇاڪاڻ ته هن شهر ۾ حضرت محمد صعلم جا ايڏائي وار مبارڪ آهن، جيڪي سوني صندوقڙي ۾ بند آهن. هنن وارن مبارڪن لاءِ چيو ويندو آهي ته منجهن ڪي خاص خوبيون آهن ۽ سندس وڏو ادب ۽ احترام ڪيو ويندو آهي. بکر ۾ ڪي پرا ٽا مسلمان گهراڻا آباد هئا جيڪي پنهنجي دور جا وڏا عالم ۽ اڪابر ماڻهو هئا. جيڪڏهن هن گهراڻي جي ڪتابن ۽ ڪاغذ پنن مان استفادي ڪرڻ جي کلي اجازت ڏني وڃي ته قديم سنڌ بابت گهڻي ڪجهه ڄاڻ ملڻ جو امڪان آهي.

بکر ۾ هاڻي ڦٽي ناس ٿي ويو آهي. پر ڪنهن زماني ۾ سنڌ جو خوبصورت ۽ مشهور شهر هو. ڪن جاگرافيادانن جو خيال آهي ته عربن جو المنصوره به هي ماڳ آهي، منهنجو خيال به اهو آهي ۽ پنهنجي راءِ جي اظهار اڳتي ڪيو ويندو. اها هڪ هيجيل حقيقت آهي ته نصرپور جي موجوده شهر جو بنياد سلطان فيروز شاهه تغلق جي هڪ اعلي عملدار نصير رکيو هو. دهلي جي مذڪوره سلطان 751ع ۾ ٺٽي تي حملو ڪيو هو. سطان دهلي رواني ٿيڻ وقت سنڌ جو انتظام هن عملدار جي حوالي ڪيو هو. نصرپور ان زماني ۾ سنڌوءِ جي سنڌ جو انتظام هن عملدار جي حوالي ڪيو هو. نصرپور ان زماني ۾ سنڌوءِ جي مکيه وهڪري ساگري جي ڪناري تي آباد هئي. هن شهر جي اوسي پاسي باغ باغيچا ۽ خوشنما ميدان هئا، جن


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

۾ تفريح لاءِ سهڻيون عمارتون جوڙيل هيون. ارغون ۽ ترخان گهراڻي نصرپور کي گهڻي ترقي ڏياري. اهو شهر ڪهڙي زماني ۾ تباهه ٿيو، تنهن جي ڇاڻ ڪونه آهي، پر امڪان اهو آهي ته سنڌوءِ پنهنجو نصرپور وارو وهڪرو بدلائي حيدرآباد جي اولهه کان وهڻ لڳو ته هيءُ شهر ڦٽي ناس ٿي ويو. دهلي جي فوج جڏهن سنه 1000 ۾ سنڌ تي حملو ڪيو، هيءُ ان کان اڳ جو واقعو آهي.
مان جن شهرن جو هتي ذڪر ڪيو آهي، تن کان علاوه به سنڌ ۾ ڪيترائي شهر آهن، جن مان ڪي هاڻوڪا آهن ۽ ڪي وري اهڙا آهن جن جا نالا بدلجي ڀيا ٿي ويا آهن ان ڪري مون سندن بيان نئي ڪونه ڪيو آهي. جن شهرن جو بيان ڪيو اٿم، سوبه اهڙي ريت آهي، جهڙي ريت هاڻي اُهي شهر آهن. سياڻي هي تاريخ جڏهن ڇپجي ماڻهن جي آڏو ايندي ، تڏهن پتو ناهي ته انهن شهرن جو ڪهڙو حال هوندو ، منهنجي خيال ۾ نقشو هجي ها ته نون ۽ پراڻن شهرن جي موضوع تي وڌيڪ چٽائي سان سمجهائي سهگجن ها.

## واپار

سنڌ جو واپار، پوءِ اهو ڏيهه هجي يا ڏيساوري، مونجهاري جو شڪار رهيو آهي. قدرت هن ملڪ کي اهڙين نعمتن سان نوازيو آهي، جيڪي هر ڏس ۾ واپار جي واهر ڪنديون آهن. هندن واري قديم دور ۾ سنڌ جي تجارت ڏاڍي مشهور هوندي هئي، ۽ ان جون ڪيتريون اڃ مٿ ثابتيون به موجود آهن. خلافت جي اقتدار سنڌ جي حالتن کي ڊانوان ڊول ڪري ڇڏيو آهي. اهو معاشرو جيڪو متفق ۽ متحد هو سو انتشار جو شڪار ٿي ويو. جيڪا مضبوط طاقت هئي. جنهن ۾ ماڻهن جو اتحد ۽ ويساهه هو، سا ڪنا ڪيڙا ٿي وئي. ان ڪنڊرن تي جيڪو آپيشاهيءِ جي راڄ جو بنياد رکيو ويو، تنهن سنڌ کي پوئتي ڌڪي اهڙي سياسي صورتحال ۾ ڦٽو ڪيو، جنهن کي وحشت جو شروعاتي نڪتو سڏي سگهجي ٿو ۽ ان صورتحال مان سنڌ اڄ سوڌو جان ڇڏائي ڪانه سگهي آهي ۽ اهڙو وايومنڊل واپار ۽ ڏيتي ليتي لاءِ لاڀائتو ڪونه هوندو آهي. سنڌ جي اڳين پراڻي واپاري دور بابت ڪيئي حوالا موجود آهن، جيڪا يورپ ۽ ايشيا جي تاريخن ۾

اجا به موجود آهن. انهن مان اسان اندازو لڳائي سگهون ٿا ته سنڌ جو ايران ۽ عربستان سان وڏو واپار هلندو هو. ديبل سنڌو درياهه جو سامونڊي بندر هو. هي بندر سڄي هندستان ۽ عربستان جي مال جي وڏي منڊي هئي، جنهن جو وسيلي سنڌ ۽ ان جي حڪومت کي وڏي دولت، اعلي شان ۽ شوڪت نصيب هو ۽ سنڌ اهي ڏينهن وري ڪونه ڏٺا.

ناصر الدين قباچا جڏهن ملتان جو حڪمران هو، تنهن زماني تي سنڌ ۾ ست راجائون راڄ ڪري رهيا هئا. ناصر الدين جو مٿن نالي ماتر اختيار هلندو هو. سومرن جي سڄي دور ۾ ڪيئي خاميون هيون. اسان کي ان دور بابت ڪو مستنف حوالو ڪونه ٿو ملي، جنهن جي آڌار تي چئي سگهون ته تن ڏينهن ۾ سنڌ واپاروڙو ڪيئن اسري ۽ اپري رهيو هو. پر انومان ڪري سگهجي ٿو ته ان زماني ۾ واپار لاءِ ڪي حالتون سازگار نه هيون. ان جو سبب اهو آهي ته مذڪوره دور ۾ سنڌ مان هندن جي سياسي سگهه يا ته ختم ٿي وئي هئي يا ٿوري ٿڪي موجود هئي، تنهن ڪري هندستان جي هندو رياستن، جيڪي سنڌ جي پرسان موجود هيون، تن سنڌ جي واپار واسطي ضرور ڏکيايون پيدا ڪيون هونديون.

سمن چامن جي دور ۾ اسان سنڌ جي واپار کي وري وڌندو ويجهندو، اسان اپرندو ڏسون ٿا. هن گهراڻي جي ڪن ماڻهن جي جتن ۽ جاکوڙ وسيلي سنڌ ڌٻڻ مان نڪري چڻ پاڻ بچائي ورتو هو. سمن کان پوءِ ايندڙ ارغون راڄ سنڌ جي ترقي لاءِ ڪو نقصانڪار ڪونه هو، پر جهڙين حالتن ۾ هنن پنهنجي حڪومت قائم ڪئي يا جن حالتن تحت هنن سنڌ فتح ڪئي ۽ جنهن نموني سان هنن سنڌ مٿان ظابطو رکڻ پئي چاهيو، سي سڀ حالتون هنن ڳالهين جون گهرجائو هيون ته ٻيءِ حڪمت عملي کي چڏي فوج کي وڌيڪ اهميت ڏجي. مرزا عيسي خان، هنر مند طبقي جو هڏ ڏوکي هو. هن حڪمرن ٺيڻ کان اڳ ۽ حڪمرن ٺيڻ کان پوءِ واپار کي وڏي هٿي ڏني. هن مرزا جي دور ۾ ڪيترن سامونڊي بندرن کي ترقي وٺرائي وئي. هن تجارتي مال جي آمدرفت جي سلامتي واسطي گهڻو پاڻ پتوڙيو.


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

محمد خان♦ جي خطبي ۾ ظالم طبيعت ڪري سنڌ دهلي جي غلام بڻجي وئي ۽ هن ملڪ جي ترقي ۽ تعمير کي سخت نقصان پهتو. سندس ظلم ڪري رعيت جون زندگيون سلامت ڪونه هيون. ملڪ ۾ وڳوري حالتون پيدا ٿي ويون، جن مان سنڌ کي ڏاڍو نقصان رسيو ۽ دهلي طرفان هر سال نوان صوبيدار مقرر ٿي ايندا هئا، جيڪي سختي سان ڍلون اوڳاڙيندا هئا ۽ انتظام رکڻ جي بهاني ڏاڍا ظلم ڪندا هئا. سندن ارادا ۽ نظريا فقط اهي هيا ته سنڌين کي نپوڙي وڏ ۾ وڏ دولت ڪيئن گڏ ڪجي. اهڙيون حالتون ڪنهن صنعت جي واڌاري لاءِ ڏاڍيون هاڃيڪار هونديون آهن ۽ هر ڪو ماڻهو موڙي سيڙائڻ کان ڪئو پيو ڪائيندو آهي. ڪلهوڙن جي راڄ واري دور ۾ وڻج واپر وري وڃي ساڳيو اوج حاصل ڪيو. ان انگريزن پنهنجي واپاري ڪوٺي به سنڌ ۾ قائم ڪئي هئي. ٻنهي ڌرين جي واپاري وهنوار ۽ ڏيتي ليتيءَ لاءِ هي نئين وک ڏاڍي لاڀائتي هئي. ملڪ هڪ ماڻهو جي سنڀال هيٺ هو، جنهن هر ڏس کان حالتن کي سنواري ورتو هو. هن گهراڻي مان ڪن ماڻهن ساڻ ۽ ڪيني کان ڪم وٺي انگريزن جي واپاري ڪوٺيءَ کي بند ڪرايو ۽ مستقبل جي ترقي جو رستو بند ٿي ويو. اها ڪوٺي بند ٿي، ٻيو پيرو کلي هئي. ان ڪوٺي جي هڪ معزز رکن سان زيادتي ڪرڻ جي نتيجي ۾ ڪوٺي ٻيو پيرو وري به بند ٿي وئي هئي.

وڻج واپار تي سرڪار جي معصول به گهڻو اڳڙندو آهي. پر سنڌ جا حڪمران اٿو ٻڌي هن ڏنڌي ۽ معصول جي ڪڍ ڪاهي پيا آهن. ان ڏس ۾ جيڪا حڪمت عملي اختيار ڪئي وئي آهي، سا ڏاڍي هاڃيڪار آهي، ڇاڪاڻ ته اهو تجارتي مال جو وڏو حصوهڻي وٺندا آهن. ان ڪري واپار گهڻي طرقي ڪري ڪونه سگهيو آهي. ٻيو ته واپاري جي شخصي بچاءِ جي به ڪا ضمانت ڪانه آهي، ته وري ڪو هتي حڪمران ايترو سگهارو آهي جورعيت جي مال ملڪيت جو بچاءِ ٿيندو هجي. معلوم ائين ٿئي ٿو ته تجارت جو ڌنڌو ڇنيءِ ۽ ڇيهي کان سواءِ ٻيو ڪجھ به ڪونه آهي ۽ گهڻي وقت کان وٺي واپاري

---

♦ ٿي سگهي ٿو ته هي مرزا محمد باقي خان هجي.


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

پنهنجي تجارتي مال تي به قانوني معصول ڇٽي پريندو آهي. هندستان جي ٻين ڀاڱن ۾ سڌاري جو آسرو ان ڪري آهي، جو يورپ جو تجارتي مال، سرمائي ۽ صنعت پنهنجي شروعات ڪئي آهي. شايد سنڌ ۾ تجارتي فائدو فقط تڏهن ٿي سگهي ٿو، جڏهن انصاف پسنديءَ ۽ روشن خيالي وارو اهڙو ساڳيو جذبو ايشيا جي ٻين ملڪن ۾ به متعارف ڪرايو ويو وڃي. هن طريقي سان نه فقط ان ملڪ کي فائدو رسندو، جنهن ۾ اهو اصول رائج هوندو، پر انهن ٻين ملڪن ۾ به سڌارو ۽ ترقي ٿيندي، جن ساڻ ملڪ جا تجارتي تعلقات قائم هوندا.

## سامونڊي بندر

مکيه سامونڊي بندر ڪراچي ۽ ڏاراجا آهن. ڪراچي جو بندر ته تمام پراڻو آهي، جنهن کي هندن جي پراڻن ۾ 'رام باغ' جي نالي سان لکيو ويو آهي. ساڳيو ڦاڪ اڄ به انهي نالي سان مشهور آهي. هيءُ ماڳ 24 ڊگريون 51 فوٽ اتر، ويڪرائي ڦاڪ ۽ 67 ڊگريون ۽ 16 فوٽ اوڀر ڊگهائي ڦاڪ تي موجود آهي. شهر هڪ سامونڊي ڪاريءَ ۽ راس مونزي واري ماڳ تي اڏيل آهي. هن بندر وسيلي بمبئي، ملبار ۽ عربستان سان واپار هلندو آهي. بندر ڏانهن ويندڙ سامونڊي رستي وارو لنگهه سوڙهو آهي. پاڻي تانگهو اٿس. ڪناري وٽ ڏيڍ فوٽ پاڻي مس ٿيندو. پر جڏهن وير چڙهندي آهي ته سيپٽمبر کان مئي مهيني تائين 400 ٽن وزني جهاز هتي بيهي پاڻ بچائي سگهندا آهن. ٻئي موسم ۾ جيڪڏهن جهاز هتي پهچندو ته نقصان کان بچي ڪونه سگهندو. ڪراچي اصولي طور مڪران جي حڪومت ۾ شامل هئي، پر پوءِ سڌ وارن ان کي فتح ڪري ورتي. هتان سال م معصول جي اوڳڙ هڪ لک رپيا ٿئي ٿي. جيڪڏهن حڪومت سياڻپ کان ڪم وٺندي ته معصول گهڻو ڪجهه وڌي سگهي ٿو.

هتي ڌنجي (Dhiniji) نالي وڏا ٻيڙا آهن، جيڪي اڏاوت ۽ روپ ۾ ڪجهه بي ڊولا لڳندا آهن ۽ پنجاهه سالن کان به سئو ٽن بار کڻي سگهندا آهن. هاڪاريندا تڏهن آهن، جڏهن سمنڊ سانتيڪو هوندو آهي. جيڪڏهن موسم خراب ٿي ويندي ته پڇي ٽٽي ويندا آهن.

ڏاراجا، ٺٽي شهر جو بندر آهي ۽ لاهري بندر وانگي آهن، جنهن


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

جا پراڻا ٺرڙ ڏاراجا پرسان موجود آهن. هي شهر سنڌوءِ جي مکيه چوڙ واري ماڳ کان ويهه ميل ڪان مٿي آهي. هن بندر سان وڏيڪ تجارتي سهولتون موجود آهن. ٿورا ڪي ورهه ٿيندا جو ڏاراجا جو بندر شاهه بندر کان گهڻو وڏي ويو آهي. شاهه بندر سنڌوءَ جي ڦاٽن ۾ گهٽ وڌ پاڻي هجڻ ڪري ناس ٿي ويو آهي.

**برآمد ۽ درآمد**

سنڌ جون پنهنجون تيار ٿيل شيون جهڙوڪ شورو، ڪار، سوڊا، چانور، اناج، مگ، چمڙو، مانگر مڇ جون کليون، ريشمي ڪپڙو، گهوڙا ۽ نير وغيره پار ڏيسارو موڪليون ويندليون آهن. سنڌ ٻاهران ناريل، ڪارڪون، لوهه، ٽين، سيهو ۽ ٽامون وغيره گهرائيندي آهي. سنڌ جي تجارت سان لاڳاپيل شين جو وچور هيٺ ضميمي ۾ ڏنو ويو آهي. (13)

سمنڊ وسيلي جيڪو خاص واپار ٿيندو آهي، سو ڀاٽي ۽ لوهاڻا هندو ڪندا آهن، جيڪي سنڌ جا قديم رهاڪو آهن. ميمڻ ذات جا ڪي ٿورا مسلمان آهن، جيڪي تجارت جو ڌنڌو ڪندا آهن. باقي سنڌ جو اندروني واپار بنا فرق جي جيڪو چاهيندو ، سو ڪندو آهي. هنن ڪانسواءِ ڪي ملتاني آهن، سي به ڌوڪڙ پئسي جي ليکي چوکي ۾ پڙ آهن. پئسو پنجڙ به جام اٿن. سنڌ ۾ گهڻي وقت کان وٽي آباد آهن. دولت ڪري سندن سنڌ ۾ وڏي بيٺلائپ آهي، صراف آهن، پئسي جي ڏيتي ليتي ڪندا آهن. حڪومت تي چڱو خاصو اثر سروخ اٿن. اهي ملتاني، ڪابل، قنڌار، ملتان، قلاوت ۽ بهاولپور سان واپار ڪندا آهن. سندن واپار خشڪيءَ ۽ درياهه وسيلي هلندو آهي. هنن جي ماڻهن وسيلي مال جي درآمد ٿيندي آهي ۽ سڄي صوبي ۾ ڪپائي ويندي آهي.

پوري پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته سنڌ جي واپار کي تمام گهڻو وڌائي سگهجي ٿو. منجهس اهڙيون ڪي قدرتي نعمتون آهن، جن وسيلي يورپ ۾ تيار ٿيل تجارتي مال هنڌين ماڳين موڪلي سگهجي ٿو. سنڌ ان جاءِ تي واقع آهي، جتان هندستان جي اترئين علائقن ۾ ايران تائين پهچڻ ۾ دير ڪانه ٿي ٿئي. هتان جي آبهوا،


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي به ذري گهٽ يورپ جي ماڻهن جهڙي آهي. هتان جي ماڻهن جون ضرورتون به يورپ جي ماڻهن جهڙيون ۽ ڏکڻ هندستان جيان آهن. پر هتان جي اپاڃي سرڪار اهڙي آهي، جنهن مان چڱائي جي اميد آسرو رکڻ ٻيرن کان ٻير گهرڻ برابر آهي. هتي نه شخصي تحفظ آهي ۽ نه وري سڪون ۽ اعتماد. اهڙيون ڳالهيون آهن، جن وسيلي تجارتي وايومنڊل کي هٿي ملي سگهي ٿي.

## محصول ۽ ڍل

سنڌ جي مختلف علائقن مان مختلف قسمن جي محصول ۽ ڍل اڳڙندي آهي. ڏاکڻين علائقن ۾ ڍل ۽ جنس ۾ اڳڙي ٿي. ڪن علائقن ۾ وري جمع ٿيندي آهي. عام طور ٿي ڍل ان زمين مان ورتي وڃي ٿي، جنهن کي پاڻي پهچائي آباد ڪيو وڃي ٿو. جن علائقن ۾ ٿي فصل ٿيندا آهن، اتي اُپت جو ٽيون ، چوٿون يا پنجون حصو ورتو ويندو آهي. اهڙي ڪٽ زمين جي وڃي فصل ڏسي، پوءِ ڪٿي ويندي آهي. پر ان ڏس ۾ فصل جي بها ۽ پورهئي وغيره کي نظر ۾ ضرور رکيو ويندو آهي. آباد زمين تان هيٺين شرح موجب ورتي ويندي آهي.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪمند | في بيگه | 12 روپيه | في سال |
| تماڪ | في بيگه | 2 /71 روپيه | في سال |
| سايون ڀاڄيون | في بيگه | 2 /71 روپيه | في سال |
| آفيم | في بيگه | 21 روپيه | في سال |
| نير | في بيگه | 80 روپيه | في سال |
| اناج | في بيگه | 6 روپيه | في سال |

في بيگه زمين جي ماپ چاليهه وکون هم چورس آهن. جيڪڏهن نير جي پوک هوندي آهي ته بيگه جي ماپ ٻيڻي ڪئي ويندي آهي. هتان جي هن قسم جي جمع بنديءِ کي هندستان جي ٻين علائقن جي


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

جمع بندي سان پيٺائي ڏنو ويو ته اسان کي سنڌ وري مناسب ڏسڻ ۾ ائي. ڍل ايتري ٿوري آهي جو نالي ماتر پئي ڏسبي آهي. هيچي ۽ ظالم وڏيرو ڪڙمي جو حق ماري پهنجو پيٽ پريندو آهي. هن ڏچي کان سواءِ ڏکيو مامرو فوج لاءِ اناج ڪٺو ڪري سانڍي رکڻ آهي . سنڌ جي حڪومت هن ڏچي کان آجي ڪونه آهي. جڏهن، ڪيڏانهن پيدل فوج جي چڙهائي ٿيندي آهي ته ملڪ جو اڌ اُن سرڪار ڪٽي ويندي آهي پوءِ زمين جو مالڪ هاري کي ڪيترو ڏئي نه ڏئي، سڪار جي مٿي جو سور ڪونه آهي. جن علائقن ۾ ڍل ڀڌل ڪانه هوندي آهي ته اتان ٽالپر مير حڪومت سان حصيدار ٿي ڍل ۾ ان خريد ڪندا آهن ۽ وجي پانڌن ۾ سانڍي رکندا آهن. بعد ۾ ساڳيو ان پنهنجي رعيت کي وڏن اگهن تي وڪڻندا آهن. هن قسم جي ڳالهين مان ڪيتريون برايون پيدا ٿين ٿيون. وڏي ڳالهه ته اها پئسي جي هيچ ۽ لالچ آهي، جنهن وسيلي خريدي وارو پئسو سون ۽ هيرن جواهرن ۾ بدلجي وجي ٿو ۽ ڪيترن ئي سرڪاري ماڻهن جي خزانن ۾ گڏجي وجي ٿو. ان کانسواءِ هيءِ خانگي قسم جي ذخيره اندوزي آهي، جنهن ۾ پئسو هڪ جاءِ تي ڪٺو ٿي ويندو آهي ۽ عوام ۾ قرڻ کان بيهي ويندو آهي.

ضميمي ۾ هڪ جدول ڏني وئي آهي، جنهن ۾ مختلف علائقن مان گڏ وصول ٿيندڙ ڍل جو انگ جو به ترتيبوار ڏنو ويو آهي. ڍل جا اهي انگ اکر انهن ماڻهن وٽان معلوم ڪيا ويا آهن، جيڪي پاڻ زمين تي ڍل ڀڌندا آهن. معلوم ٿئي ٿو ته ڍل جا انگ اکر زمين جي اصلي اپت کان ٿورو ڪجھ وڌيڪ آهن ۽ موجوده دور کان ڪجھ سال به آڳاٽا به آهن، پر ٻئي نقطئه نظر کان سنڌ ۾ ڍل گهٽ ورتي وجي ٿي.

اها جدول جنهن جو مٿي بيان ڪيو ويو آهي، تنهن جو مطالعو ڪري ڏسبو ته حيدرآباد جي ميرن، مير سهراب، مير ٿاري ۽ ٻين ميرن جي اگڙندڙ ڍل، اڌ ڪروڙ تي به ڪاٿي پهچي ٿي. ڍل جي هن انگ ۾ انهن جاگيردارن جون جاگيرون به شامل ڪيون وڃن، جيڪي ڪن صدين کان وٺي هر پيڙهي سنڀاليندي اچي ٿي ۽ هو انهن جي عيوض سرڪار يا ملڪ ج آئي ويل سهائتا به ڪانه ڪندا آهن.



Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

اها ڪان سواءِ اهي زمينون يا ڊِل جا ڪي ٻيا وسيلا، جيڪي سيدن ۽ اسلام سان لاڳاپيل ملن مُلن موراڻن، پيرن ۽ فقيرن کي ڏنا ويا آهن، تن کي به مٿي ڏنل ڊِل جي انگن ۾ شامل ڪرڻ گهرجي. اهڙي قسم جي ذريعن مان ڪيتري ڊِل اڳڙي ها، تنهن جو پتو ڪونه آهي، ايشيا جو اهڙو ڪو ملڪ آهي ئي ڪونه، جيڪو ٻڌاڪ هٿي سگهي ته وٽس اهڙو مذهبي طبقو ڪونه آهي، جيڪو ائين ملڪي پيداوار کائيندو هجي.

هن حقيقت ۾ ڪنهن به قسم جو وڌاءُ ڪونه آهي ته مذڪوره سيدن، پيرن، فقيرن کي ڏنل زمين جي چوٿ جو حساب ڪبوته ڪل اپت جو ٽيون حصو وڃي بيهندو. اهڙو سلسلو اسلام جي اچڻ کان وٺي هتي شروع ٿيو آهي. ڪي ڏنل رعايتون چوٿين صدي هجريءَ سان واسطو رکن ٿيون. معلوم ائين ٿئي ٿو عربن سنڌ ۾ پهچڻ سان سرڪار کان اهڙيون زمينون ورتيون جن تي ڊِل ۽ محصول وغيره ورتو ئي ڪونه ويندو هو. ڪاغذن ۾ اهي ڳالهيون به موجود آهن ته ڪن عربن جو پهرئين دور سان واسطو آهي ۽ ڪي وري بعد ۾ ايندا آباد ٿيندا ويا آهن. چاڪان ته اسلام جي ناتي سان عربن جي عزت ڪئي ويندي هئي ۽ اسلام پکيڙڻ جي ارادي سان کين ڏوڪڙ پئسو به ججهو ملندو هيو.

## آدمشماري

آدمشماري جي خيال ظاهر ڪرڻ لکان اڳ م اها ڳالهه ضروري آهي سنڌ بابت ٻين يورپي ماڻهن کان وڌيڪ ڄاڻ هجي. هتان جا ڏيهي ماڻهو هن قسم جي موضوع تي ڌيان ڪونه ڏيندا آهن. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته وٽانئن آدمشماري بابت جيڪا به ڄاڻ ملي آهي، سا ويساهه جوڳي ڪونه آهي. سنڌ جي موجوده راجڌاني حيدرآباد لاءِ چيو وڃي ٿو ته منجهس ٽيهه هزار ماڻهو رهندا آهن. ٺٽي ۾ وسندڙ ماڻهو ويهن هزارن کان ڪنهن به صورت ۾ مٿي ڪونه ٿيندا. ڪراچي جو شهر ساموندي بندر ۽ واپار سان لاڳاپيل آهي. هن شهر جي آدمشماري مٿئين ٻنهي شهرن کان گهٽ ٿيندي. اها هڪ عام ۽ خطري ڳالهه آهي ته، پراڻن ملڪن جي وڏن درياهن جا ڪنارا ننڍن


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

وڏن شهرن ۽ ڳوٺن سان سٿيا پيا هوندا آهن. نقشن مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌو جهڙي وڏي درياهه جا ڪنارا اهڙن شهرن ۽ ڳوٺن کان وانجهيل آهن. جيڪڏهن شهر ۽ ڳوٺ سنڌو جي صفا ڪناري موجود ڏسڻ ۾ نه ٿا اچن ته اهو نه سمجهيو وڃي ته ماڻهين هوندا ئي ڪونه ۽ ڪنارا ماڻهن کانسواءِ غيرآباد آهن. هن ڪتاب ۾ منڍ ۾ ئي اهڙو نقشو ڏنو ويو آهي ۽ انهن سان چڻ ڪو وير رکندا آهن. سنڌو جو وهڪرو سدائين هڪ ڪرو ڪون رهندو آهي. سدائين پئي پنهنجا پيٽ بدلائيندي آهي. هڪ سال سندس وهڪرو هتي هوندو هو ته پئي سال پنج ڪوهه پري نڪري ويندو، ٽئين سال خبر نه آهي ڪٿي هوندو. ان ڪري سندس ڪنڌيون ڪنارا پروسي جوڳا ڪونه هوندا آهن. سندس منهن کان وٺي سمنڊ ۾ چوڙ ڪرڻ تائين هن جي سڄي ديگھه ۾ تڪڙيون تبديليون اينديون رهنديون آهن. ان ڪري درياهه جي ڪنارن سان ماڻهو ڇڊا ڇاڊا آباد آهن.

حقيقي انگن اکرن جي ڄاڻ نه هجن کان سواءِ سنڌ جي آدمشماري پڌائڻ اجائي ۽ بيڪار آهي. پر مان عام طور تس هن خيال جو آهيان ته هن ملڪ جي آبادي هندستان جي وچولي قسم جي آبادي کان ڇڊي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. مون کي اچرج ٿئي ٿو ته ائين چو آهي، ڇاڪاڻ ته هندستان جي ٻين ملڪن جي پيٽ ۾ سنڌ ۾ ضروريات زندگي سان لاڳاپيل شيون ڏاڍي سولائي سان ملي سگهن ٿيون، ان هوندي ماڻهو ڇڊا ڇاڊا آباد چو آهن. هن ڏنڌي سان تعلق رکندڙ ڪيترا ماهر موجود آهن. پر انهن سان گڏ پينو فقيرن جو به انت شرو ڪونهي. سنڌ پن جي معاملي ۾ گهٽي ناڻءِ چڙهيل آهي. سنڌ جي انهن علائقن ۾ جتي ٻروچ گهڻا آهن يا وري ڪي رولو قبيلا آهن يا سماٽي قبيلن مان ڪي مالوند ماڻهو آهن ته اتي ماڻهن جي آبادي ڪجھ ڇڊي ڇاڊي آهي، نه ته سنڌ جي ٻين علائقن ۾ ماڻهن جي آبادي گهٽ ڪانه آهي. ان جي مقابلي ۾ هندستان جا ڪيترائي ملڪ آهن، جن ۾ آدمشماري تمام گهٽي گهٽ آهي.

## سنڌ جا ماڻهو

سنڌ جا ماڻهو سگهارا ۽ باهمت آهن ۽ هر مشڪل کي منهن

ڏيئي سگهڻ جا اهل آهن. سندن منهن مهانڊا ۽ هڏڪاٺ اولهه هندستان جي ٻين ماڻهن جهڙو آهي. هتان جي وڏ گهراڻا ماڻهو تمام گهڻا ٿلها هوندا آهن. ايشيا جي ٻين ملڪن ۾ هن ٿولهه کي عزت آبروءَ جي نشاني سمجهڻ کان سواءِ خوبصورتيءَ جي علامت به تصور ڪيو ويندو آهي. معاشري ۾ جيڪي دولتمند ۽ چيڙي نبيري وارا هوندا آهن سي ٿلهي ٿيڻ جا ڏاڍا جتن ڪندا آهن، ان نيت سان کائيندا به تمام گهڻو آهن. ڪڪ ڀڃي ڀيڻو به ڪونه ڪن ته متان ڏٻرا ٿي وڃون. ٻروچ ۽ سمن جي قبيلي مان ڪيترن ماڻهن جي ٿولهه ڪري منهن مهانڊا يهودين جهڙا ڏسڻ ۾ ايندا آهن ۽ سنڌ جي ٻين ماڻهن کان نيارا پيا لڳندا آهن. منهن اپو، نڪ چوپ، ڪنڌا پرون وڏيون ۽ سهڻيون پُرڪشش اکيون سنڌين جا اهي عام منهن مهانڊا هوندا آهن. مرد ۽ عورتون ، يعني ٻئي جنسون ڏاڍيون سهڻيون ٿينديون آهن. جن ماڻهن سنڌ گهمي ڦري ڏٺي آهي، تن جڳ رايو به اهو آهي. سنڌ جي دنگ سان رهندڙ ماڻهو جيڪي سنڌين کان گهڻو واقف هوندا آهن، تن جو خيال اهڙو آهي.

سنڌ ۾ رهندڙ هندو مهاڄن ۾ اولهه هندستان جي ساموندي علائقن جي ٻين هندن جهڙا هوندا آهن. پر لٽي ڪپڙي ۾ ڏيل ڏيا ۾ اهي مجهه گهٽ هوندا آهن، انهن سان لاڳاپيل خاص ذڪر اڳتي ايندو.

ايشيا جي ٻين ملڪن جيان هتي به ٻن قسمن ها ماڻهو رهندا آهن، جيڪي اٿڻ ويهڻ ، چال چلت ۾ هڪ ٻئي کان مختلف هوندا آهن، جن جو واسطو فوج سان هوندو آهي. فوج ۾ هڪ ٻروچ آهن، انهن جا ابا ڏاڏا سنڌ ۾ چاوا هئا. هتان جا اصل باشندا جيڪي وڏا جاگيردار آهن، تن جو واسطو به فوج سان آهي. انهن جو سڀاءُ تعصبي ۽ هٺيلو، ساڙوڻا، مڪار ۽ هيئنين سوچ وارا هوندا آهن، پر ظاهر طور ڏاڍا اخلاق وارا ملنسار ٿين ٿا. هيئين طبقي وارا ماڻهو ڏاڍا ابوجهه آهن. هتي اهم سوال آهي ته طبقن ۾ ايترو وڏو فرق ڇو آهي. اهڙيون ڳالهيون ڪنهن شعوري ڪشش جو نتيجو ڪونه هونديون آهن. هيءِ هڪ قدرتي شي آهي. جيڪڏهن هڪ پيرو ڪنهن سنڌي کي چڙ آئين جوش اچي ويو ته ان کي ماٺو ڪرڻ ۽ روڪڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي ۽ پوءِ ڪڏهن معاف به ڪونه ڪندو


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

آهي. هتان جو ٺڳ ۽ عيار طبقو به مشهور آهي. اهي ڄڻ هڪ قسم جا فطري چور هوندا آهن. ڏسڻ وائسڻ ۾ ڏاڍا ملوڪ پيا لڳندا. اٿڻ ويهڻ ۾ مان مريادا ۽ نياءُ پر رات ٿيندي ته چوري ڪرڻ کان ڪونه مڙندا يا ڏينهن وارا شاندار ڪپڙا لاهي پاسي ڪري رکندا، پنڻ واري ٻگري ڪلهي تي رکي ڪوهن جو وڪڙ ڪري وڃي ٻئيءَ جوءِ ۾ نڪرندا، جتي ڪين ڪير ڪونه سڃاڻيندو ۽ پوءِ گداءُ (پن) شروع ڪندا. پنڻ ۽ چوري ڪرڻ سنڌ جي ڄڻ فوجي جي سرشٽ ۾ داخل آهي اهو طبقو جنهن سان هيءَ فوج واسطو رکي ٿي، تنهن جو ڌنڌو به چوري ڪرڻ ۽ پنڻ آهي. سندن خيال آهي پنڻ ۽ چوري ڪرڻ ڪري سندن اخلاق ڪونه بگڙن ڪونه ٿا.

هندن ۽ مسلمانن مان جيڪو واپاري طبقو آهي، تنهن جو نصل ئي ڄڻ ڌار آهي. اهي ماڻهو پورهئي ڪرڻ جا ايترا شوقين آهن، جيترا مٿي بيان ڪيل ماڻهو ڪاهل ۽ نڪما آهن ۽ اهي پنهنجي ڌنڌي کان سواءِ ڪنهن ٻئي شي ڏانهن ڌيان ئي ڪونه ڏيندا آهن ۽ پنهنجي ڪرت ۾ ايڏا ته رذل هوندا آهن جو ڪانئن پنهنجو پاڻ به وسري ويندو آهي ۽ ڪنهن آرام ۽ آرائش جو به خيال ڪونه ڪندا آهن. پر اهي پنهنجي واپاري ڏيتي ليتي ۾ ديانتدار گهٽ هوندا آهن. واپاري ۾ به وڏي جاکوڙ ڪندا آهن. سرڪار جا نواب مٿن ڳاٽي ڀڳا معصول مڙهي ڇڏيندا آهن، مٿي ڪوڪاريندا ته گهڻو آهن، پر ان جو ڪڙتيل ڪونه نڪرندو آهي.

ايشيا جي ٻين ملڪن جي ماڻهن ۾ جيڪي عام اوڻايون ملنديون، سي سنڌين ۾ ڪونه آهن، جيڪڏهن آهن ته به تمام ٿوريون . هتي اڻ پڙهيل ماڻهو تمام گهڻا ملندا ۽ جهالت تصور ڪرڻ کان گهڻو وڌيڪ آهي. دنيا جي تختي تي اهڙا ماڻهو آهن ئي ڪونه، جيڪي سنڌين جيان اڻ پڙهيل هجن. اهي پڙهڻ ڏانهن ڌيان به ڪونه ٿا ڏين. اسلام سان لاڳاپيل تعليم فقط سيدن ۽ پيرزادن لاءِ مخصوص آهي. اهي ڏهن مان نو ڪي ته اهڙا هوندا آهن، جن ڪي قرآن شريف جون ٻه آيتون ياد رهنديون آهن، تن ڪي پيا ورجائيندا آهن، ٻيو ٿيو پلو.

سو جهالت ڪري وڏائي، هٺ ۽ تڪبر ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. مسٽر "ناٿن ڪرو" هڪ سچيت ۽ سڄاڻ ماڻهو هو.هو صاحب سنڌ ۾

به گهٽ رهيو. هن پنهنجي خيال جي ڏاڍي سچائي سان اظهار ڪيو آهي. سندس بيان آهي ته سنڌ ۾ اسلام کي پکيڙڻ ۾ جاکوڙ ڏاڍي ڪئي وڃي ٿي، پر جذبن ۾ سچائي موجود ڏسڻ ۾ ڪانه ايندي. عيدن ملهائڻ کان سواءِ روحانيت ماڻي پئي پائنبي آهي. ٻي هر شئي تي پابندي آهي، باقي چرين ڪرين ۽ سست سيدن کي خوب کارائڻ کلي آزادي آهي. سونهن سنجهڻ جي پرکڻ جو اهو معيار وڃي رهيو آهي ته پيرن جي عڪاسي آهن. منجهن ساڙ ۽ ڪينو به گهٽ آهي ۽ ڪتابن ۾ جيڪي اڻ پڙهيل جاهل ماڻهو آهن، تن ۾ هي ماڻهو به شامل سمهجيا وڃن.

سنڌين مان ڪي وطن جا غدار به آهن.هيءُ ڪيڏو نه قومي عيب آهي. هتي ماڻهو جي قتل جا ڏوه به گهٽا ٿيندا آهن. اهو تڏهن ٿيندو آهي، جڏهن حڪومت فوجي نوعيت جي هوندي آهي ۽ سندن وحشت بربريت جو ڏاڪو ڪجھ وڌيڪ هوندو آهي. ان هوندي به سنڌ جا ماڻهو پنهنجي اتر اوڀر واري پاڙيسري ملڪن کان هن ڪڏي ڪم ۾ گهٽ آهن. سنڌي مهمان نواز به ڏاڍا آهن. خاص طور تي بلوچ نسل جا سنڌي ماڻهو هن ڳالهه ۾ اڳتي آهن. هتان جي سرڪار بلوچن کي ڪجھ حق ڏنا آهن. اهي حق وٽن تيستائين محفوظ آهن جيستائين اهي سرڪار ۽ دربار جا نمڪ حلال رهندا. پروچ پنهنجي عورتنجو وڏو احترام ڪندا آهن ۽ اهي سندن ذهن، عقل ۽ عمل تي ڇانيل هونديون آهن. انهن سان جيڪي عهدناما وغيره ڪيا ويندا آهن ته انهن ۾ سندن عورتن جو راضپو به شامل هوندو آهي ته اهڙن عهدنامن ۽ واعدن تي اعتبار ڪري سگهجي ٿو ۽ ائين سمجهڻ گهرجي ته چڻ قرآن شريف وچ تي رکي عهدناما طئي ڪيا ويا آهن.

دنيا جي ڪنهن به ملڪ جي ماڻهن جو ايترو في سيڪڙو پني ڪونه ٿو، جيترو سنڌ ملڪ جي آدمشماري جو في سيڪڙو هن ڏنڌي سان لاڳاپيل آهي. پاڙيسري ملڪن ۾ هتان جا واندا ماڻهو وڃي فوج ۾ بيهندا آهن، چوريون ڪندا آهن، پنندا به آهن ۽ ڏکيو سکيو پيا پيٽ گذر ڪندا آهن. اهي ٻاهرين ملڪن ۾ وڃي ڏنڌو به پنهنجي طبيعت ۽ مزاج مطابق ڪندا، پوءِ ڪٽي اهو عارضي هجي، اولهه هندستان جي ملڪن ۾ سنڌ جا ماڻهو عربن جيان ويڙهاڪ ۽ بهادرآهن. هي ماڻهو


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

ڪجھ وقت کان ڪان وٺي انهن ملڪن ۾ انگريزن سان لڳاتار وڙهندا رهيا آهن ۽ هنن بهادريءَ جو مظاهرو ڪيو آهي.

سنڌي فوجي ڪي ڏيهي حڪمران، ڇهن کان ڏهن رپين ، مهينو پگهار ڏيندا آهن. هي شخصي طور تي ڏاڍو بهادر ٿئي ٿو. پر جنگ وقت عرب جيان ٿڌائي ۾ گهٽ هوندو آهي. جنگ دوران ٻين هندستاني فوجين جيان منجهس عزت نفس گهٽ ٿئي ٿو. هڪ جهونجهار جيان حملو ڪندو آهي، پر سڪيا نه ملڻ ڪري پوئتي هٽي به جلدي ۾ ويندو آهي. عرب فوجين ڪي هڪ ڳالھ ۾ ماري ويو آهي، جو هيءُ ٻٺاڪي وڏيڪ آهي. ٻي ڳالھ اها به آهي ته فوج نالي جي تنظيم وٽس نالي ماتر به ڪونه آهي. عرب فوجي، ضابطي ۽ قائدي جي پابندي ڪندا آهن، سنڌي فوجين ۾ اها ڳاھ به ڪانه آهي. عربن ۾ اهڙيون ڳالهيون ڏسي هندستانين ۾ ساڳيو جذبو جاڳيو آهي. ان ڪري عربن کي عزت جي نظرن سان ڏسندا آهن.

سنڌي فوجي نشاني جا ڏاڍ پڪا آهن. بالجتي کان منهن پرڻ واريون بندوقون هلائي پڙ ٿي ويندا آهن ۽ هٿيارن کي هلائڻ کي پنهنجو قومي ورثو سمجهندا آهن، اهو به پائيندا آهن ته تلوار سنڌين جو قومي هٿيار آهي. سنڌ جي ٺاهيل تلوار جو وڏو مان ۽ مرتبو آهي. پر مون کي شڪ ٿئي ٿو ته سنڌي فقط تلوار تي ڀاڙي وينا ته پنهنجي فوجي شهرت پاٽي ۾ لوڙهي ڇڏيندا. پوري پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته سنڌ جي اصلي سگھ بارودي هٿيار ۾ لڪيل آهي ۽ اها ئي سنڌ جي اصلي سگھ آهي. اها ڪهڙي نه کلڻ هاب هٺ ۽ وڏائي واري ڳالھ آهي، جو سنڌي سمجهندا آهن ته سندن تلوار جو ڪير مقابلو ڪري ڪونه ٿو سگهي. هڪ فوجي سپاهي جي حيثيت ۾ سنڌي ڏاڍا مخلص ۽ فرمانبدار ٿين ٿا. پر منجهن اهو عيب آهي جو وٽن فوجي ضابطو ۽ تنظيم ڪونه آهي. جڏهن پنهنجي رڳ تي ايندا آهن ته پنهنجي ڪئمپ مان به ڇوڙي ڪندي ڪونه مڙندا آهن. سنڌ جا ڪيترائي قبيلا آهن. انهن قبيلن جون وري ڇاڙهون آهن، انهن ڇاڙهن جا وري ڀاڱا حصا آهن، جن جا مختلف نالا آهن. انهن سڀني جو اٺڻ ويهڻ هڪ جهڙو آهي، جنهن کي عام ماڻهو چئي سگهجي ٿو، منجهن، ريتن رسمن ۽ مذهب ڪري ٿورو ڪجھ فرق آهي.

## ريتون رسمون

سنڌي ماڻهو اصلي سنڌ جا ئي رهواسي آهي. ٿوري وقت کان پوءِ جڏهن هو پاڻ ۾ ملندا آهن ته هڪ ٻئي کان پهريائين پنهنجي ٻارن جي هٿ سچي ۽ مال رزق جو پڇندا آهن. چاڪاڻ ته انسان جي عزت لاءِ اٺن، مينهن، ڍڳن ۽ ٻڪرين جوڪنهن وٽ هجڻ ضروري سمجهيو ويندو آهي ۽ انهن جي ڪٽنب جي ڀاتيءَ جهڙو ڀانيو ويندو آهي. اهي ماڻهو جيڪي سنڌ جي اوڀارئين دنگ سان(ٿر ۾) رهن ٿا، سي سنگهار آهن ۽ مال رزق ڪانسواءِ جياپو ئي ڪونه ٿي سگهي. هو پيهيون پڪا اڏي وانديون ٺاهي وهندا آهن ۽ اڇ هٽ سپاٽي هٽ وتندا آهن. مال جي سنگ سانڍ ڪندا، ٻين ملڪن جي ڌاڙن جيان هو، هو تنبن ۾ ڪونه وهن. پر سَر ٻڌي ۽ ٻيو گاهب گڏ ڪري، هلڪيون سلڪيون ڪانئيون اڏي جهوپڙي جوڙي وٺندا آهن. انهن سانگي ماڻهن جو کاڌو ٻاجهري جي مانيءَ ۽ کير مکڻ آهي. ٻاجهري اڪيلو ان آهي، جيڪو سندن علائقي ۾ ٿيندو آهي. هن فصل جي پوکي راهي به ايتري ٿيندي آهي جنهن سان انهن جو پيٽ گذارو به مس ٿيندو آهي. گوشت فقط ٻاڪرو کائيندا، پر اهو به ڪنهن ويلي وقت سان ڪنهن عيد براد تي، ڌنار پاڻ سان هٿيار کڻندا آهن، چاڪاڻ ته سندن علائقو بربٽ بيابان آهي جتي چور ڌاڙيل هوندا آهن. ڪين ابڪو هوندو آهي ته متان هي سندن مال ڪاهي وڃن. هي انساني سماج ڏاڍو سادو آهي. ايترو سادو جيترو سادا ويچارا ماڻهو پاڻ هوندا آهن. ساڻن جيڪڏهن ساڙ ۽ ڪينو ڪبو ٿا ڪا لالچ ڪبي ته ويچارا ڏاڍي پسارين پئجي ويندا.

## ويس

هنن ماڻهن جو خاص طور تي مسلمانن جو (چاڪاڻ ته اتي دنگ سان راجپوت رهندا آهن(14) لباس جوڙي جي ڪپڙي ته اتي انگ سان چولو هوندو آهي، جيڪي ٻئي نير ۾ ٻڏل هوندا آهن. مٿان لنگيءَ جو سندرو ٻڌل هوندو آهي، جيڪا ننڍي جي ٿهيل، پٽ، سوٽي تند ملائي جوڙي ويندي آهي. مسڪين ماڻهو جهڙو تهڙو ڪپڙو سندري طور چيلھ سان ٻڌندا آهن. ڪڏهن وري ضرورت ويل اها


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

لُنگي مٿي سان ٽوپي مٿان به ويڙهي چڙهيندا آهن جيڪا سدائين سندي مٿي ۾ پيل هوندي آهي. مسلمان عورتن جو ويس قدم هندو ريتن رسمن مطابق هوندو آهي. ٿلهي ڪپڙي جيي انگي يا گج پائينديون آهن. مٿي تي ڏاس مان ٺهيل ڏگهي پوتي رکنديون آهن جيڪا هيٺ وچي پير ڪٽندي آهي. مذڪوره انگي يا گج سيني تائين هوندو آهي، جيڪو ڪلهن کان هيٺيان ۽ مٿان ڏوري سان ٻڌي قابو ڪيو ويندو هو ۽ پٺي خالي ڇڏي ويندو هئي. اهي مسلمان جن جي دعوي آهي ته هو هندن مان ڦري مسلما ن ڪونه ٿيا آهن،پر انهن ماڻهن جي ڦريءَ مان آهن، جن اسلام جو بنياد رکيو هو، تن جون عورتون سٿڻون ۽ مٿان چولو پائينديون آهن. سندن لتا ڪپڙا گهڻو ڪري سائي رنگ جا هوندا آهن، جنهن مان پتو پوندو آهي ته سندن لاڳاپو ڪنهن سيد گهراڻي سان آهي.

اهي ماڻهو جيڪي سنڌوءَ جي ڪناري يا ويجهو ڪنهن ميداني علائقي ۾ رهندا آهن، سي مٿي بيان ڪيل ماڻهن کان مختلف آهن، سندن ڏنڌو پوکي راهي يا ونج واپار هوندو آهي. سندن گهر به گهڻو ڪري هڪ جاتا هوندا آهن ۽ لڏ پلاڻ به ڪونه ڪندا آهن. هن قسم جي ماڻهن جو معاشرو وسيع هوندو آهي. ڪٿي وري ائين به ڏسڻ ۾ آيو آهي ته پنهنجن فصلن جي وٺين پاسن ۾ اهي ننڍا وڏا ڳوٺ ٻڌي و هندا آهن.

چوڙ واري علائقي جي اولھ پاسي ۽ ٺٽي کان اتر اولھ ڏس ۾ بلوچن جو هڪ قبيلو آهي جن کي جاڪيا (Jaguias) ♦ سڏيو ويندو آهي، رهندا آهن. هو ڪانن مان ٺهيل پکن ۾ رهندا آهن ۽ لڏي پٽڻ مهل اهي به پٺيون کنيو هليا ويندا آهن. سندن پکا ڏاڍا مضبوطيءِ سان ٺجضڌ هوندا آهن، جيڪي گرميءِ، سردي، مينهن ۽ انڌارين جي سٽ به سهي ويندا آهن. انهن پکن ۾ رهندڙ ماڻهن کي سنڌي پاکڙيجا (Pakhiraja) سڏيندا آهن. مان سمجهان ٿو ته هن لفظ جي معني جهنگل جو بادشاه آهي.

---

♦ٿي سگهي ٿو جوکيا هجن.


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

## ڪاڌ خوراڪ

سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهن جي وڏي انگ جي ڪاڌ خوراڪ مڇي ۽ چانور آهي. پر هتي ڪي اهڙا ماڻهو به رهندا آهن، جن جو رسم ۽ رواج کين مڇي کائڻ کان منع ڪري ٿو. اهي برهمڻ ۽ پاٽين مان ڪي ٿورا ماڻهو آهن، جيڪي مڇي ڪونه کائيندا آهن. هتي لاهوري گجر جام ٿيندي آهي ۽ ماڻهو هن کي گهڻو ڪتب آڻيندا آهن، ذائقي ۾ سٺي ته ڪانه هوندي آهي، پر سستي تمام گهڻي آهي ۽ ٻيو ته منجهس واڌ ويجهه وارا جزا پڻ گهڻا آهن.

## هندو

هندو، سنڌي معاشري جو هڪ حصو آهن ۽ پنهنجو اصل مذهب سان لاڳاپيل آهن. انهن مان ڪي پاٽيا ته ڪي لوهاڻا آهن. انهن جا گرو به جدا جدا هوندا آهن، جن مان پوڪرڻ Pakarna ۽ ڪي سرست برهمڻ آهن. عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ وقت پاٽين ۽ لوهاڻن ذڪر گهڻو اچي ٿو. انهن ٻنهي ذاتين جو اصل نصل سنڌي آهي، پر هاڻي وڻج واپار ڪارڻ اولهه هندستان جي ٻين ملڪن ۽ عربستان ڏانهن هليا ويا آهن.

سنڌ جي هندو پاٽيا قبيلي کي پنهنجي ريت رسم مطابق فقط سائي ڀاڃي کائڻي ڪونه آهي پر کين مڇي کائڻ به اجازت آهي. پر هن قبيلي مان ڪي ماڻهو لڏي پلاڻي هندستان هليا ويا ۽ اتي وچي وشنو ڌرم اختيار ڪيائون، جنهن ۾ شخصي صفائيءَ ۽ سٺائي تي گهڻو زور ڏنل آهي. ان ناتي سان هن کاڌي خوراڪ ۾ به هنن پرهيز ڪرڻ شروع ڪئي آهي. سنڌ ۾ رهندڙ ڪي پاٽيا پنهنجي اصلي ڌرم تان ڦري ويا آهن.

سنڌ ۾ لوهاڻن هندن جو تعداد تمام گهڻو آهي. هو پنهنجي گذر سفر لاءِ هر ڌنڌ ڪندا آهن ۽ وقت جي حڪومت ۾ شريڪ ٿي وڏا سرڪاري عهدا به ماڻيندا آهن. هن مان اهي ماڻهو جيڪي مسلمانن سردارن ۽ حڪمرانن وٽ وڏن عهدن تي آهن تن جو ويس مسلمانن جيان هوندو آهي ۽ ڏاڍا صاف ۽ معزز پيا لڳندا آهن. باقي ٻيا ڏاڍا گدلا هوندا آهن ۽ سندن ڪپڙا به ميرا ڪنا پيا ڏسبا آهن. سنڌي ۾


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

ڀهاڪو ڏيندا آهن ته 'فلاڻو اهڙو ميرو آهي جهڙوڪ لوهاڻو'. ڀاٽيا ۽ لوهاڻا، ٻئي جڻيو به پائيندا آهن ته مسلمانن جيان ڏاڙهي به رکائيندا آهن، پر هاڻي هنن ڏاڙهي ڪوڙائڻ شروع ڪئي آهي. اهي لوهاڻا جيڪي سرڪاري نوڪرين ۾ آهن، تن کي ڏاڙهي رکرائڻ جي سختي سان تاڪيد ٿيل آهي. اهي پاڻئون چاڻئون به ڏاڙهي جو خيال رکندا آهن. لوهاڻن هندن ۾ گهڻين شادين ڪرڻ جو رواج ڪونه آهي. لوهاڻن هندن جو واسطو سرست برهمڻ سان آهي. لوهاڻن ۽ لوهاڻن جي برهمڻن جي هلت چلت اٿڻ ويهڻ ۾ ڪو خاص فرق ڪونه هوندو آهي. سندن برهمڻ به هن جيان مڇي گوشت کائيندو ۽ شراب جا چُڪا به چاڙهيندو آهي. جنم، مرتئي ۽ وهانو جي موقعي تي ڪيس گهڻو ڪجهه ملي ويندو آهي، جنهن سان سندس پيٽ گذر به ٿيندو آهي. هو هڪ ديوي ماتا جي به پوڄا ڪندا آهن. سمنڊ يا سنڌو درياهه جي پوڄا واسطي هنن جون ڪيترين پيگوڊائون ٺهيل آهن. سنڌو درياهه جي پوڄا لاءِ ڪنهن ٿانو ۾ درياهه جو پاڻي آندو ويندو آهي. پوڪرڻ، برهمڻ، ڀاٽين جا ٻانڀڻ آهن. اهي سرست برهمڻ کان وڌيڪ پڪا هندو آهن. پوءِ به هندستان ۾ رهندڙ ٻين فرقي جي هندن کان گهٽ ڪٽر آهن.

## ٻولي

سنڌ جي ٻولي پنهنجي لکت واري آهي. سندس لکڻ جو نمونو پنهنجو آهي ۽ ڪابي ۽ کان ساڄي طرف لکي ويندي آهي. سندس علامتون اصليت سان واسطو رکن ٿيون ۽ تڪڙي لکي سگهبي آهي. اکر هڪ ٻئي ۾ اندر ويندا پيا پائبا، مٿس ٿورو ويچار ڪري ڏسبو ته هنن جي لکت ٻين لان وڌيڪ ملبار جي ٻولي جي لکت جهڙي آهي. پر جيڪڏهن هر اکر کي پڇي جدا جدا ڪري ڏسبو ته ان سان ڪابه هڪجهڙائي ڪانه ٿي رکي. سنڌ ۾ عام طور به ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. انهن مان هڪ ته سنڌي آهي جيڪا سنڌ جي اصلي ۽ بنيادي ٻولي آهي، ٻي ٻاروچي ٻولي آهي جيڪا لکيل صورت ۾ ڪانه ٿي

ملي پر مان ڪٿي ڪٿي عربي رسم الخط ۾ لکيل ڏٺي آهي.◆ جيئن مان مٿي چئي آيو آهيان ته سنڌي ٻولي جي صورتخطي موجود آهي ۽ ان کي پنهنجي الف ب آهي. مان ان جي ٿوري چاڻ به رکان ٿو. معلوم ٿئي ٿو ته اها چڻ سنسڪرت جي هڪ چاڙه آهي، جنهن هندستان کي ٻيون ڪيترين ئي ٻوليون آهن. مان هتان جي عالمن جو هن ڳالھ ۾ قائل آهيان ته سنڌي ٻولي سنسڪرت مان ڦٽي نڪتي آهي. ساڳئي ذريعي جي آڌار تي چئي سگهان ٿو ته سنڌي ٻولي م گجراتيءَ کان وڌيڪ سنسڪرتي لفظ موجود آهن ۽ ٻيو ته سنڌي ٻولي م نئين دور سان لاڳاپيل نوان لفظ گهٽ آهن. مون کي اها ڳالهه به محسوس ٿئي ٿي ته هنن جي ڪن لفظن جا اصل بنياد هڪ جهڙا آهن، پر ٻولي جي سپني لفظن ۾ هڪ جهڙائي ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي. گجراتي ته خالص هندي ٻولي آهي. سنڌي ۽ پنجابي ٻوليءَ جي لفظن ۾ گهڻي هڪ جهڙائي نظر اچي ٿي. ائين ٿو چڻ ته پنجابيءَ جو لهجو آهي.

سنڌي ٻولي هتان جا رهاڪو هندو ۽ عام ماڻهو ڳالهائيندا آهن ۽ سنڌ جي عام ٻولي آهي. ڏکڻ طرف ٿر واري علائقي ۾ جاڙيجن جي ڪڇ م به ڳالهائي ويندي آهي، پر ان ۾ ٿورو فرق آهي. ڀاٽيا ۽ لوهاڻا هندو به هاڻي اچي ڪڇ ۾ رهيا آهن ۽ پاڻ سان منهنجي نج ٻولي به کڻي آيا آهن. آبيرا، چاڙا ۽ ڏنار پنهوار گجرائتي ڳالهائيندا آهن. هي ڪڇ جا رهاڪو ڪونه آهن، پر ڪيترين صدين کان ٻين کان اڳ هتي اچي ويٺا آهن ۽ ٻين مٿان غالب ٿي ويا آهن. هاڻي ڪڇ ۾ گجراتي ٻولي لکي پڙهي ويندي آهي. بروچن جا گهڻا قبيلا ٻاوچي ٻولي ڳالهائيندا آهن. هو بلوچستان مان لڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا آهن. سنڌي ٻولي عربي، فارسي، پنجابي ۽ سنسڪرت جي گڏيل ڪچڻي آهي. هن ٻولي جي ڳالهائڻ جا لهجا به گهڻا آهن. مان ضميمي ۾ سنڌي ۽ ٻاروچي ٻولي جا ڪي لفظ ڏنا آهن، جن جي پاڻ ۾ تمام گهڻي هڪجهڙائي آهي.

---

◆امڪان آهي ته هن سنڌي ٻولي عربي لپيءَ ۾ لکيل ڏٺي هوندي.



Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

## حڪومت تي هڪ نظر

سنڌ جي ڪلهوڙن جي حڪومت قبائلي سردار نموني هوندي هئي، جيڪو ڪلهوڙن جي قبيلي جو سردار ٿيندو هو، سوئي سنڌ جو حڪمران تسليم ڪيو ويندو هو. هر مسلمان فرد پنهنجي عقيدي موجب وقت جي حڪمران جو فرمانبردار رهڻو آهي. هندو وري اهڙا هوندا آهن. ان ڪري اهي هر حڪمران سان چڻ واڳجي ويندا آهن. ڪلهوڙا گهراڻي جي پڇاڙيءَ واري حڪمران جي زماني ۾ اهڙا ڪي ڪذا ڪرتوت ٿيا، جو سندن فوج ڪانئن ڦري وئي. اهڙين وڳوڙي حالتن موجوده ٽالپر گهراڻي کي اڳتي اچڻ جو موقعو ڏنو، جنهن سنڌ جي سياسي واڳ سنڀالي ورتي.

هن گهراڻي سنڌ جي حڪومت ڪرڻ جو فوجي طريقو استعمال ڪيو. راڄ ڪرڻ جي هن طرز کي جيڪڏهن سوچي ويچاري ڏسجي ته سارو ڪوڪلو ۽ نپل نظر ايندو. سندن حڪومت ڪرڻ جو مول مقصد دولت گڏ ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجھ به ڪونه هو. هنن ڏن ڪٺي ڪرڻ ڪارڻ ڏاڍايا ۽ ڪٺورتا کان ڪم ورتو. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو سندن ٽيهن سالن جي حڪومت دوران محصول پورو ٽيون حصو گهٽجي ويو آهي. حڪمران چا ڪندو آهي، جو آباد علائقا سرڪاري عملدارن کي ٺيڪي تي ڏئي ڇڏيندو آهي . اهي عملدار زمين جي ڍل ايڏي مٿي وصول ڪندا آهن جو ماڻهو ڏئي ڪونه سگهندا آهن. عدم ادائگي جي حالت ۾ ڏنڊ ۽ ٻيون ڇٽيون پري پنهنجي عزت ۽ ڳل بچائيندا آهن ۽ ايترا پئسا پري ڏيڻ لاءِ تيارٿي ويندا آهن، جيڪي مٿن مڙهيا ويندا آهن. (15)

ٽالپر مير هر جمعي تي دربار ۾ پنهنجي سامهون، انصاف لاءِ قاضي وهاريندا آهن، انهيءَ لاءِ ته جيئن ڪنهن سان ڏاڍ نه ٿئي. انهيءِ جو مقصد به گڏ ڪرڻ هوندو آهي. فريادي ۽ جوابدر ڏر کان ايتري ته گهٽا پئسا ورتا ويندا آهن، جو ڏني پورا ڪونه ٿيندا آهن. اهڙا ڪي ٿورا مثال ملندا، جو ضمير فروش قاضي ڪنهن ڏر کان پئسا ڪونه وٺندو هجي. اهو تڏهن ٿيندو آهي، جڏهن ڪو ڌاريو ولايتي ماڻهو ڪنهن سنڌي تي دانهيندو آهي. اهڙي قسم جا مامرا مير

Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

غلام علي اُڪلائيندو آهي. ڦاسي جي سزا ڏيڻ جو اختيار ٻن مکيه ٽالپر سردارن کي هوندو آهي. ٻيا عملدار اهڙا ڏوهي هنن ڏانهن موڪلي ڇڏيندا آهن.

ٽالپر خاندان واري موجوده حڪومت فوجي ڏاڍ ۽ جبر واري حڪومت آهي. ايشيا جي ملڪن ۾ اهڙي فوجي ڏاڍ ۽ حڪومت جي ٻين ڪڌن ڪرتوتن جا حوالا تاريخن ۾ درج ڪونه ڪيا ويندا آهن. پر ڪو ماڻهو اهو سوال پڇي سگهي ٿو ته اهڙي ڏاڍ ۽ دٻڙ دٺونس واري حڪومت جو ڪٿي لکيل احوال ملي سگهندو يا نه، ٽالپر گهراڻي بابت حقيقت حال اها آهي ته هن مقبول عام حڪومت تي غاصبانه قبضو ڪيو آهي ۽ فوج جي مدد سان جيڪو هو راڄ هلائي رهيا آهن، سو به ان جو ڪارڻ ته جيئن هنن جي خلاف ڪير ٻڙڪ به ٻولي نه سگهي. سندن حڪومت جي موجودگي جو ٻيو سبب اهو آهي ته ڪابل جي ڍڍاڻ حڪومت ۾ ڦيٽاڙو حڪومت ڪاهي پيو آهي ۽ سنڌ تي اهڙي نموني راڄ ڪري رهيا آهن، جو هنن جي ڪنهن تي اک به ڪانه ٿي ٻڏي. هي گهراڻو پنهنجي رعيت جو گهڻگهرو ڪونه آهي. سندن راڄ کي اٽيهوئي ڍهڻ جو اُبڪو آهي. هو ڀان به ڍلن، محصولن ۽ پرائي دولت جي ڦرلٽ ڪرڻ مان سمجهن ٿا ته سندن راڄ ٻوين پساهن ۾ آهي ۽ گهڻو جٽاءُ ڪري ڪونه سگهندو. ان ڪانسواءِ هنن ٻروچن کي عام رعيت کان وڌيڪ حق ڏئي ڇڏيا آهن، جيڪو گهڻي ڪري فوج ۾ شامل آهن ۽ اهو سٺي ۽ انصاف پسند حڪومت جو طريقو نه هوندو آهي.

اسان ڏسون ٿا ته جنهن خاندان کان حڪومت کسي وئي هئي، جنهن حڪمران گهراڻي کان ٽالپرن ڏکي اقتدار کسي ورتو، تنهن جو سنڌين مٿان چڱي ريت ضابطو هو. سندن ڪلهوڙا خاندان سان تعلق هو، جنهن سنڌ مٿان گهڻي زماني تائين راڄ ڪيو ۽ ان عرصي دوران سنڌ وڏي ترقي ڪئي. ٻيو هنن جي سردارن جو واسطو مرشد طبقي سان هو، جنهن جي، مسلمان رعيت گهڻي عزت ڪندي هئي ۽ انهن جي جان جو بچاءُ به ڪيو ويندو هو. ڪلهوڙن جي پوئين دور ۾ هندن تي ڏاڍ ۽ ڏمر ضرور ڪيو ويو هو. پر ان جو سبب اهو هو ته ڪلهوڙن جي تخت ۽ تاج لاءِ وڏو ڏچو پيدا ٿيو هو. هندو هميشه


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

امن ۽ شانتي پسند ڪندا آهن. مٿن جيڪڏهن ڏوس ڏمر ٿيندو يا ڪنهن انيتي يا انياءِ ڪيو ته فوج جي سهائتا سان هلندڙ ڏاڍ جي راڄ ۾ سندن ڪوُڪ ڪير سڻندو ۽ ڪير سندن واهر ٿيندو. ڌيان رکڻ جوڳي ڳالهه اها آهي ته حڪومت جي تبديلي ۾ ايشيا جا ماڻهو بيوس هوندا آهن. سندن امنگن ۽ احساسن کي ڪو ڌوڪو رسندو به آهن ته سندن احساس کين صحيح گس ٻڌائي ته سنگهندا آهن. پنهنجي وطن سان لاڳاپيل اهم معاملن ۾ دلچسپي به گهٽ وٺندا آهن ۽ اهو به ڪونه سوچيندا ۽ ويچاريندا آهن ته سندن خوشحالي ڪهڙين ڳالهين ۾ آهي. سياڻي جو کين ڪوبه اونو ڪونه آهي. ٻڌن ٻانهن جيان ڪڏ لڳا وتندا آهن، پوءِ ڪٽي ڪير به چار ڏوڪڙ ڏئي يا کين ڦري فقير ڪري ڇڏي.

ڪلهوڙن پنهنجي گهراڻي جي وڃايل حڪومت هٿ ڪرڻ واسطي ويهن ئي نهن جو زور لاتو، پر ڪجهه ڪري نه سگهيا. مسلمان گهراڻو جيڪڏهن ڪنهن ٻئي وڏي گهراڻي جو جوڙ جيس جو هوندو آهي ۽ سگهه ۾ هڪجهڙائي رکندو آهي ته ساڻ ۽ ڪيني کان سندس چنگهن ڪيڻ ۾ وسان ڪونه گهٽائيندو آهي. سو ميرن ٽالپرن به ڪلهوڙن سان ائين ڪيو. سنڌ مختلف قسمن جي حڪومت هيٺ رهي آهي، جو هن ملڪ سان ڏاڍ به ڪيا آهن. پر ٽالپرن مذڪوره حڪومتن کان وڌيڪ سنڌ جي رهواسين مٿان ڏاڍ ۽ ڏمر ڪيو آهي.

سنڌ جي هندوءَ ڪيترين صدين کان وٺي اسلامي حڪومتن کان سواءِ ٻي ڪابه حڪومت ڪانه ڏٺي آهي. سندن رشتا ناتا هندستان جي هندو برداري کان ٽٽي ويا آهن. جيڏانهن به اک وٺائي ڏسن ٿا ته کين مسلمان ئي اک چڙهن ٿا. هندن مان پنهنجي ذات جي نفاست، نزاڪت ۽ امتياز وارو احساس ڇڻ ته ختم ٿي ويو آهي. سنڌ کان ٻاهر ٻين علائقن ۾ اڃا اهڙيون ڳالهيونن موجود آهن. اتي مسلمان حڪمران ڪيڏي به ڪٽي هندن کان نفرت ڪندا آهن، پر پوءِ به هندو پنهنجي ڌرم جي مٿَا ۽ اصول قائم رکندا آيا آهن. اهڙين ڳالهين کي نظر ۾ رکي مسلمان حڪمرانن هندن کي رعايتون ڏائي ڇڏيون آهن. مسلمانن جي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ واري حڪمت عمليءَ ڪري اهڙو ڪو هندو ڪونه اٿيو آهي، جنهن پنهنجي آزاد ملڪ لاءِ جاکوڙيو هجي يا


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

انهن هندن جي آجپي لاءِ هٿ پير هنيا هجن، جيڪي مسلمانن جي ظلم جي چڪيءَ ۾ پيسجي رهيا هجن.

سنڌ جي ڪهڙي نه گهڻ رنگي تصوير آهي. هن هزار سال جي عرصي دوران ڪو هندو ماڻهو ڏسڻ ۾ ئي ڪونه ٿو اچي. جنهن پنهنجي جان بچائڻ جا جتن ڪيا هجن يا پنهنجي برادري کي هن بدترين غلامي مان آجي ڪرائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو هجي. سنڌ جي فتح کان پوءِ هتان جي اصلي رهاڪوءَ ڪڏهن به هن ملڪ کي آزاد ڪرائڻ جا جتن نئي ڪونه ڪيا آهن. رڳو سما گهراڻو آهي. جنهن ڀهريائين مزهب بدلايو ۽ پوءِ سنڌ جي سياسي واڳ سنڀالي هئي.

هندن جا قبيلا جيڪي هتان جي اصلي ڌرتي ڌڻي هئا، سي اڄ مسلمانن جي غلامي ۾ قطارون ٻڌيو بيٺا آهن ۽ مسلمانن سان گڏجي چڻ ته مسلمان ٿي ويا آهن ۽ ائين پيو ڀانئبو ته چڻ پاڻ به مسلمان ٿي ويا آهن. سندن نالا ۽ ويس سو جدا آهي، جن سان پتو پوي ٿو ته هندو آهن. پنهنجي ڌرمي متن کي نظر ۾ رکي کين مسلمان کان الڳ رهڻ کپي ۽ پنهنجي الڳ وجود جو احساس ڏيارڻ کپي.

ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته هڪ ئي گهر جا مختلف ڀاتي هڪ ئي وقت ٻنهي مذهبن جي اصولن جي پوئواري ڪندا آهن. جڏهن به هندو گهراڻو مسلمان ٿيندو آهي ته نالا اهي ئي هندن وارا رکندو آهي. هندو وري پنهنجي مذهب سان به سچا آهن ۽ مسلمانن جو مذهب اسلام جي به دل سان عزت ڪندا آهن. جتي اهڙو قسم جو معاشرو ۽ اهڙي قسم جو اٿڻ ويهڻ هجي ته اتي گهٽ ۾ گهٽ هي ڳالهه به هجڻ کپي ته مذهبن ۽ ذاتين جو فرق ضرور هجڻ کپي ۽ هندو هندو هجي مسلمان مسلمان رهي. سنڌ ۾ هندو ڌرم جي اڄ اها حالت آهي. هي ملڪ هندستان جي ڏکڻ اولهه ڏس تي آهي. سنڌ جا اصلي ماڻهو پري کان ئي سڃاڻي وٺبا آهن.

اسان پنهنجي اصلي موضوع تان ڪجهه ٿڙي ٻئي طرف هليا ويا آهيون. هنن ٻن چئن ٻولين وسيلي اهو ڏيکارڻ چڻ ضروري ٿي پيو هو ته سنڌ جو اصلي رهاڪو هندو سنڌ جي حڪومت کي تبديل ڪرڻ جو طاقت رکي ٿو. هن مان اهو مقصد به آهي ته کين ڌرمي اتساهه برغلائي وٺجي ۽ وري اٽي ڪلهوڙن کي سنڌ جو حڪمران


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

ٻڌائجي.

هتي اسان کي ڪي ڳالهيون ڏسي اچرج به ٿئي ٿو ته ٽالپر غير عوامي ۽ غير مقبول حڪمران هوندي به هندن سان تعصب ڪونه رکندا آهن. هندن تي حڪمرانن جوتمام گهڻو ويساهه آهي. ڪن ڳالهين ۾ ٽالپر مٿن مسلمانن کان به وڌيڪ اعتماد رکن ٿا. چاڪاڻ ته هندن کي وڌيڪ اهم ۽ حساس کاتن ۾ وڏيون نوڪريون ڏنيون ويون آهن. سنڌ ۾ شيعن ۽ سنين کي هڪ جهڙا حق آهن. حڪمران پاڻ مسلمانن جي شيعي فرقي سان واسطو رکن ٿا. سنڌ اندر تعداد ۾ سني وڌيڪ آهن.

مٿن مسلمانن کان به وڌيڪ اعتماد رکن ٿا. چاڪاڻ ته هندن کي وڌيڪ اهم ۽ حساس کاتن ۾ وڏيون نوڪريون ڏنيون ويون آهن. سنڌ ۾ شيعن ۽ سنين کي هڪ جهڙا حق آهن. حڪمران پاڻ مسلمانن جي شيعي فرقي سان واسطو رکن ٿا. سنڌ اندر تعداد ۾ سني وڌيڪ آهن.

ٽالپر ميرن جو هندو بت پرستن ڏانهن آزاد قسم جو رويو آهي، پر سندن دلي خواهش ڪين ملسمان ڪرڻ جي آهي. غريب طبقي واري هندن کي ڪنهن نه ڪنهن طريقي اسلام جي ويجهو اچڻ تي مجبور به ڪيو ويندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن هندو لوهاڻي هڪ مسلمان کي چيو ته “يار تون منهنجو ڀاءُ آهين” يا چوندس ته “مان توسان سفر تي گڏجي هلڻ ٿو چاهيان” پوءِ ان واڻئين جو زوري... وڏي(طهر ڪري) مسلمان ڪري ڇڏيندس . پر اجان تائي اها ڳالهه ڪانه ٿي آهي جو مذهبي اختلااف جو سبب ڏئي هندن جي مال ملڪيت کي ڇيهو ڪونه رسايو ويو آهي ۽ نه ئي وري سندن ڏيل کي ڪو ڌڪ پهچايو ويو آهي. ڪلهوڙا گهراڻي جي زوال مان شايد ٽالپر ميرن ڪو سبق سکيو هجي ۽ ان ڪري اڻ ڌري حڪمت عملي اختيار ڪئي هجي. اهو به ٿي سگهي ٿوته هندو پئسي ڏوڪڙ وارا آهن ۽ ڪنهن امڪاني مالي مدد جي آسري تي سهپ واري ڳُجي ڌاري هجين.

ٻئي پاسي کان سندن مقرر ڪيل نواب اهڙو ته ڳاتي ڀڳو محصول ٿا مڙهين، جو اهڙي ڏاڍ کان سڄي دنيا خبردار آهي. سندن لالچ ج به سنڌو آهي ته سيڙهو. وَڍي(رشوت) جا به واهه جو هيراڪ

آهن. ان ڪري وڏج واپار ٺپ ٿي ويو آهي ۽ وڏج واپار سان لاڳاپيل ڪارخانا به پوين پساهن ۾ آهن. جيڪڏهن وقت سر انهن خلا کو انقلابي قدم نه کڻبو ته اهي ڪارخانا هلڻ کان بيهي ويندا. هن حڪمت عملي ڪري ٿوري وقت لاءِ ته کين فائدو رسندو پر وڏج واپار ۽ ڪارخانن گهٽ ٿي وڃڻ ڪري سندن محصول گهٽ اچڻندو ۽ آمدني، جيئن پوءِ تيئن گهٽبي رهندي. اها به هڪ حقيقت آهي ته ٽالپر ميرن پنهنجو گڏ ڪيل پئسو ڏوڪڙ، پنهنجي ٽر ورن قلعن ڏانهن موڪلي ڇڏيو آهي ۽ اتر پار کان ايندڙ حملي آورن کان پاسي تي رکي ڇڏيو آهي. جن جي هلان جو ادڪو اٿيهوئي سنڌ کي لڳو پيو هوندو آهي. هاڻي وري انگريزن جي فوج به سندن اوپارئين دنگ وٽ اچي پهتي آهي. ان ڪري به کين اقتدار کسجڻ ۽ خزاني ڦرجڻ جو ڌپ اچي وڪوڙيو آهي ۽ هنن پنهنجو خزانو کڻي جابلو علائقي جي هڪ قلعي ۾ محفوظ ڪرايو آهي، جيڪو حيدرآباد کان اتر الهندي طرف آهي. (16) هي قلعو هاڻي نهي تيار ٿيڻ وارو آهي. هن قلعي جي جاگرافيائي صورتحال ۽ تعمير اهڙي آهي جو سنڌ جا حڪمران هن قلعي کي اِجيت سمجهندا آهن. ميرن جو سچو خزانو سون ۽ هيرن جواهرن تي مشتمل آهي. ملڪ جي ڍل ۽ محصول جيڪو گڏ ٿيندو آهي، تنهن مان سون ۽ هيرا خريد ڪيا ويندا آهن. هن خزاني ۾ جمع ڪيا ويندا آهن. پر سندن هنن ڪرتوتن مان سنڌ جي وڏج واپار صنعت کي ڪيڏو ڪاپاري ڌڪ لڳي رهيو آهي، تنهن جو کين ويچار ڪونه آهي. اهڙي طريقي سان جيڪي سون ۽ چاندي جون ڏيٺيون ۽ نقعد زر هڪ جاءِ تي گڏ ٿيندي رهندي ٿي، سا ملڪ ۾ ڦرڻ کان بيهجي وڃي ٿي. ملڪ جو حقيقي خزانو اهو آهي، جيڪو ڦرندو رهي.هڪ هنڌ بيٺل پئسي جو اندازو ڪرڻ به ڏاڍو ڏکيو آهي. جيڪڏهن اسان سرڪاري ڍل ۽ محصول ۽ سالياني خرچ جو اندازو لڳائيندا‌سين ، جهڙي ريت ضميمي ۾ درج ڪيو ويو آهي، ته پتو پوندو ته ٻارهون عوام ۾ ڦرندڙ دولت تمام گهٽ آهي. ان ليکي سان پتو پوي ٿو ته ميرن وٽ گڏ ڪيل خزانو تمام گهڻو آهي.

ميرن جي اختيار ڪيل حڪمت عملي تمام سادي ۽ کل جوڳي آهي. هو ولايتي ماڻهن جي رلڻ ملڻ کان ائين پيا ونءُ ويندا آهن،


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

جيئن ڪانءُ وچي ڪمان ڪان، منجهن شڪ ۽ گمان ڪندا آهن. ساڻ ۽ ڪيني ۾ گهٽ ڪونه آهن. سندن هلت چلت اهڙي هوندي آهي، جو ولايتي ماڻهو پنهنجي بي عزتي پيا محسوس ڪندا آهن. ائين ڪرڻ مان هو ائين سمجهندا آهن ته پنهنجي ملڪ جي آمدني جا وسيلا اسان کان لڪائي سگهڻ ۾ ڪامياب ويندا ۽ سندن رعيت جا ذهني لاڙا ۽ خوهشون ڪهڙيون آهن، تن کن به ولايتي ماڻهو بي خبر رهجي ويندا. سندن اها به عادت آهي ته ولايتي ماڻهو سان ڏاڍي هٺ، وڏائي ۽ آڪڙ سان پيشا ايندا آهن، اهڙيون قسم جون اجايون ڳالهيون ڪري پنهنجي اعلي شان، مان ۽ مرتبي جو ڄڻ اظهار ڪندا آهن، پر اهو ڪڏهن به سمجهڻ نه گهرجي ته سندن حال ۽ مال هڪ جهڙو آهي. سندن ولايتي ماڻهن لاءِ ساڻ ۽ ڪينو ڏيان ڏيڻ جوڳو آهي. جڏهن هو اسان ولايتي ماڻهن کي دڙڪو دهمان ڏين ٿا ته سمجهڻ کپي ته هو اجائي لاف ۽ ٻٽاڪ هڻي رهيا آهن. ڪندا ڪجھ به ڪونه، سڪڻي ڪُني گهڻي ايامي. حقيقت اها آهي ته هو خود پاڻ ڊڃي رهيا آهن ۽ پنهنجي ڊڄ ۽ اڊڪي لڪائڻ لاءِ جتن ڪري رهيا آهن. هو پنهنجي جذبن تي ضابطو رکي ڪونه سگهندا آهن ۽ حقيقي وت کان وڌيڪ هام هڻندا آهن. گڏ ڪيل خزاني بابت مير صاحب چوندا آهن ته اهو تڏهن استعمال ڪيو ويندو جڏهن سنڌ کي ڪنهن ٻاهرئين هلان جو اُبڪو هوندو ۽ مذڪوره خزانو تڏهن فقط عام ڀلائيءِ واسطي ڪتن آندو ويندو. پر عام طور چيو ائين ويندو آهي ته جڏهن سنڌ کي ڪا سوڙهه پئي ۽ ڪو ڌاريو ديس تي ڪاهي آيو ته ميرصاحب خيرن سان اهڙا ڊڄڻا آهن جو پنهنجي ناڻو پيڙن تي رکائي مسقط وچي ساهه پٽيندا.

انگريزن ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي ولايتي طاقت ميرن جو ڌيل ڪونه ڏڪايو آهي. هو به هميشه هنن کي چرڪندا رهيا آهن. گذريل پندرهن سالن ۾ اهڙا ڪي واقعا ٿي گذريا آهن، جن مان ڪين اهو ٿورو ڪجھ احساس ٿيو آهي ته انگريز اهڙي قوم آهن، جيڪي وڏن بادشاهن ۽ وڏين قومن مٿان سوپ ماني سگهن ٿا ۽ اهي هاڻي وڏيون وڏيون ٻرانگهون پريندا، سندن دنگن جي چوڌاري تڪرو تڪڙو گهيرو ڪري رهيا آهن، سنڌ جي ٻٽاڪي ميرن ۾ هاڻي اچي ڦڙي

پئي آهي ۽ اهڙي قسم جي ڌڪ ۽ ڌاءِ کي لڪائي به ڪونه ٿا سگهن. اهڙي اڌڪي ۽ ڌپ کي هنن ڪيترن موقعن تي ورجايو به آهي. پر جيئين ته انگريز سرڪار حالتن کان مجبور هئي ۽ ڪڇ ۾ پنهنجي اثر رسوخ کي وڌائڻ ۾ رڌل هئي. ان ڪري سنڌ جي ميرن ۾ ڪنبڻي پئجي ويئي آهي. اها به هڪ حقيقت اها آهي ته هو هاڻي قنڌار جي حڪومت جا ڏن پرو ڪونه رهيا آهن. پٽ انگريزن جي ڪڇ ۾ پهچڻ ۽ اثر وڌائڻ ڪري. سنڌ جا حڪمران چالاڪي ڪري افغان حڪمرانن ۽ انگريز سرڪار جي وچ ۾ غلط فهميون پيدا ڪري رهيا آهن، توڙي هنن سان سنڌن لاڳاپا ٿتي به ويا آهن. ان جو اڪيلو سبب اهو آهي ته ڪين انگريزن جي حملي جو ڌپ آهي. هن ڪنبڻي ڪري هنن ڪڇ جي راهِ کي انگريزن سان دوستاڻن لاڳاپن چنڻ جي صلاح ڏني آهي. توڙي جو اها دوستي قائم ٿئي ڪجهه مهينا ئي مس گذريا آهن.

حقيقت به اها آهي ته سنڌ جي حڪمرانن کي اچي ڌپ ورايو آهي ته مٿان ولايتي طاقت حملو ڪري ڪانئن سنڌ ڦري وٺي. موقعي جي مناسبت سان اها ڳالھ وقتائتي لڳندي ته مير صاحب اهڙي متوقع حملي جي اڳواٽ بچاءِ لاءِ جيڪي سٿون ۽ رٿون سگهندا، تن جي ڪجھ چنڊ چاڻ ڪجي. موضوع جي لحاظ کان ان کي بلڪل تت جي صورت ۾ پيش ڪندس. ان جو سبب اهو آهي ته پڙهندڙن جي گهڻائي هن قسم جو موضوع ۾ متان دلچسپي نه وٺندي هجي.

## فوج

سنڌ جي حڪمرانن جي فوج مسلمانن قبيلن مان ڀرتي ڪئي ويندي آهي. هي فوج ڳٽپ جي لحاظ کان مختلف هوندي آهي. پر جنگ ۾ بهادري سان وڙهي ڪونه سگهندي آهي. اهي قبيلا پنهنجي لٺ سردارن جي حڪمن جي تابع هوندا آهن. سرڪار طرفان اهڙن سردارن کي زمين جو ٽڪر ملندو آهي، جنهن مان ساري خرچ جو پورائو ڪندا آهن. حڪمرانن جي پنهنجي مرضي هوندي آهي ته ڪهڙو جاگيردار ڀاڻ وٽ رکن ۽ ڪنهن کي ٽڪي اٿو ڏين. هڪ سال جي ٿوري عرصي ۾ ڪيترن ئي جاگيردارن جون هيڏانهن جو


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

هوڏانهن بدليون سدليون ڪندا. ڪڏهن ري گونڪ پوندو ته ڏهه سال به ڪنهن جي بدلي ڪونه ڪن. انهن سردارن وٽ فوجي سپاهين جا نالا سندن اولاد جي نالن سميت داخل هوندا آهن ۽ اهڙن نالن کي سندن ذات سميت خبرداري سان درج ڪري حفاظت سان سانڍي رکندا آهن. اهڙي فوج جو واسطو گهڻو ڪري ٻروچ قبيلن سان هوندو آهي. جيڪڏهن ڪو سردار انهن کي اِر ڪري ڪڍي ڇڏيندو آهي ته دربار ۾ وڃي داهيندا آهن. دربار اچار ڪري سندن ڏک سور ۽ اهنج ايذاءُ درو ڪندي آهي. جيڪڏهن سندن نالا وغيره درج نه ڪيا وڃن ها ته سندن دانهن ڪوڪ ڪير ورنائي ها. نالن لکڻ ڪري اهو ٿيو آهي جو سردار جي انياءَ کي ٻنجو اچي ويو آهي.

سردار، ڪڏهن فوجي سپاهي کي روڪ ڏوڪر پئسا ڪونه ڏيندو آهي پر هر فوجي لاءِ ان ٻڌل آهي، جيڪو هر فصل تي کيس ملندو آهي. ڪلهوڙن جي واري ۾ ، جاگيردارن جهڙوڪ ٽالپر، جاڪيا Jaquias ، ليڪي Leckes ۽ کوساب Khosabs♦ ۾ گهٽيون ڪي اونايون هونديون آهن. اهي ملڪ جا ويڙهاڪ قبيلا هوندا هئا، جن وٽ پنهنجي الڳ جهنڊا هوندا هئا. ان جي پيٺ ۾ ٽالپرن هڪ نئون ۽ سٺو طريقو اختيار ڪيو آهي. اهي پاڻ وٽ ڪو وڏو جاگيردار ڪونه رکندا آهن. هر جاگيردار وٽ هڪ هزار ماڻهو مس هوندا آهن. وڏ ۾ وڏ ٻارهن سئو ماڻهو رکي سگهندا آهن. ڪلهوڙن حڪرانن وٽ ليکي ۽ کوسا قبيلا هوندا هئا. جيڪي آئي ويل پنهنجا ڪونڌر قطاري اچي سرڪار جي سهائتا ڪندا هئا. پر ميرن اهي ٻئي قبيلا پاڻ وٽان ڪڍي ڇڏيا آهن. اڳي جاگيردار خود خيال هوندا هئا، هاڻي انهن کي عملدار طور مقرر ڪيو ويو آهي. جن جو انگ هڪ به سئو ٿيندو. اهڙي ريت نومڙين جي قبيلي مان ٿي سئو ماڻهو کنيا ويندا ويا آهن. حقيقت وري هي آهي ته ٽالپرن کي نومڙين مان ڏني پئي بچان ايندي آهي.

قلعي ۾ رهندڙ فوج هميشه پنهنجي فرض جي ادائيگي لاءِ تيارهوندي آهي، جنهن جو انگ به ڇئن هزارن کان مٿي ڪونه

---

♦ امڪان آهي ته اهي ٽئي ذاتيون جوکيا، ليکي ۽ کوسا هجن. (مترجم)


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

ٿيندو، اهي حيدرآباد ۾ مقرر ٿيل آهن. انهن جو اڌ گهوڙي سوار دستن تي مشتمل آهي. گهوڙا ڪين سرڪارر طرفان ڏنا ويا آهن. اهڙي قسم جا ماڻهو ميرن جا ذاتي نوڪر به آهن ته فوجي سپاهي به. هر ڇهه ماهيءِ هرهڪ فوجي سپاهي کي اَنُ ملندو آهي. آئي ويل جڏهن فوج جي ضرورت پوندي آهي ته ساري سنڌ جي جاگيردارن ڏانهن فرمان موڪليو ويندو آهي ته اهي ڪنهن مقرر جڳهه ۽ وقت تي اچي گڏ ٿين ۽ پاڻ سان فوج به وٺيو اچن. سڄي سنڌ ۾ اهڙو حڪم ٽن ڏينهن اندر پهچي ويندو آهي ۽ پندرهن ڏينهن اندر پنجٽيهه هزار لشڪر گڏ ٿي سگهي ٿو، جنهن جو 2/3 حصو گهوڙي سوارن تي مشتمل هوندو آهي. هن ملڪ جو هر ماڻهو ٻڌاڪ هٿندو آهي ته سنڌي فوج هڪ لک آهي. پر پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته مير سهراب وٽ ٻارهن هزار فوج آهي ۽ مير ٺاري وٽ پنج هزار فوج ٿي ته وڌو ڇيهه ٿيو. هي ٻئي مير حيدرآباد جي ميرن جا پانهن ٻيلي آهن. سڄيءَ سنڌ جي فوج ٿي ته وڌ ۾ وڌ پنجاهه هزار مس ٿيندي.

هيءَ فوج مسلمانن جي مختلف قبيلن سان واسطو رکي ٿي، جن جو ڪل انگ ڪيترائي سئو آهي. پر انهي سڄي فوج جو مهندار ضرور ڪوپروچ هوندو آهي، جيڪو گهڻو ڪري ٽالپر چيو ويندو آهي. منجهس سيني ٽالپرن جو ويساهه هوندو آهي. ٽالپر پنهنجي ٻين ساٿي جي خواهش جو احترام ڪونه ڪندا آهن ۽ پنهنجي مرضي موجب جيڪو پسند پوندواٽن تنهن کي فوجي مهندار مقرر ڪري ڇڏيندا آهن. سارو لشڪر تلوارن ۽ ڍالن سان مسلح هوندو آهي. ٿوريون ڪجهه مُنهن پرڻ واريون بندوقون به اٿن. جنگ وقت انهن کي مقرر پگهار ڪان وڌيڪ ملندو آهي. حڪمراني جي خزاني مان هر پيادي کي ٽي دوهراDohras ملندا آهن. گهوڙي سوار کي ان کان ٻيڻ تي ڏهاڙي ڏجي ٿو. اها ڏهاڙي جنگ دوران هوندي آهي. قبيلن جي سردارن کي سندن عملداريءَ جي عهدي موجب ڏهاڙي ڏبي آهي. سنڌ جو توبخانو افسوسناڪ حد تائين ڪمزور آهي. وٽن ڪي ٽي يا چار توبون هونديون. سنڌي فوج سپاهي جي هن قسم جي مضبوط جنگي هٿيار تي اک ڪانه ٻڌندي آهي. وٽن جيڪي به چار توبون آهن به، سي به خيرن سان پڱل آهن.


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

جيڪو گهوڙي سوار دستو اٿن، تن ۾ مختلف قسم جا گهوڙا شامل آهن. ٽٽو قسم جا گهوڙا ته سنڌي فوج ۾ جام پيا ڏسبا، پر ان ۾ خچرن جو انگ ججهو آهي. اٺ ته ٽالپر امير کان ويندي فقير تائين هر ماڻهو وٽ ڏسبو آهي. وٽن اعليٰ قسم جا شاندار گهوڙا آهن، پر انهن کي ڪيڏاري ڪاڻ سانڍيو ڪونه ويندو آهي. ٻي ڳالهه ته انهن جا سنب وڏا ٿين ٿا، منجهن هڪ ٻيو وڏو عيب آهي ته انهن گهوڙن کي رلاءِ ۽ من سيڪاريا ويندا آهن ۽ جڏهن ڪين سرپور ميدان ڏياريو ويندو آهي ته اهي رلا ۽ مُن ڇڏي ميدان ڪونه ڪندا آهن، جيڪو جنگ ۾ لازمي پنڌ هوندو آهي. هتان جا بندوق باز هٿ جا ڏاڍا سڌا ٿيندا آهن، جن جو مٿي به بيان ڪيو ويو آهي. اهي ڀالجتيءَ کان وٺي هن اوزار سان پيا مشق ڪندا آهن.

سنڌي فوجي سپاهيءِ جي پگهار ڇهه ماهي تي ملندڙ اَنَ ۽ اَنَ جي اگهه مان معلوم ڪري وٺبي آهي. ان ليکي سان هر فوجي سپاهي جي پگهار ٻه يا اڍائي رپيا، مهينو وڃي بيهي ٿي. اها پگهار تمام ٿوري آهي. جنگ وقت ڪيس واڌو پگهار ملندي آهي، جنهن جو بيان مٿي اچي چڪو آهي ته سندس کاڌ خوراڪ اهو هوندو آهي، جنهن جو مٿي ڪاٿي اچي ويو آهي. پر جڏهن هو گهر کان ٻاهر هوندو آهي ته به سندس کاڌو سادو هوندو آهي.

مٿي ڏنل منهنجي مختصر راءِ جي اظهار مان اهو ڏسڻ ۾ ايندو ته سنڌ ۾ فوج جو انگ ايڏو گهٽو ڪونه آهي ۽ فوج هٿ ڪرڻ جا وسيلا به جام نه آهن. جيڪڏهن سنڌ جا حڪمران جنگ جي ميدان تي ايترا ئي ڪونڌر قطاري سگهن ٿا، جيتري انگ جي هو هام هڻن ٿا ته به ڪا خطري جي ڳالهه نه آهي. ڇاڪاڻ ته جنهن طريقي سان سندن فوجي تنظيم ڪئي وڃي ٿي، پوءِ اها فوج ڪيتري به ججهي هجي، هڪ تربيت يافته لشڪر سان وڙهي پوري پئجي به سگهندي. دنيا اندر جيڪي فوجون، جيگيردار حڪومت کي امداد طور ڏينديا آهن، سي فقط ملڪ جي اندروني وڳوڙ کي منهن ڏيڻ لائق هونديون آهن. پر جڏهن موجوده دور جي هڪ منظم ٻاهرين فوج سان مهاڏو اٽڪائينديون آهن ته هار کائي وينديون آهن. وٽن ڍنگ جا هٿيار ڪونه آهن. منجهن ظابطي، اصول ۽ قائدي نالي ڪا شئي موجود

ڪانه آهي. هلڪي سلڪي هار ڪائڻ تي ٽڙي پکڙي ويندا آهن.

ٻين ملڪن جي ابتڙ، سنڌ ۾ اوهان کي ڪو قلعو بند شهر ڏسڻ ۾ ئي ڪونه ايندو. جيڪڏهن ڪو غنيم مٿس هلان ڪري ايندو ته ڪيس روڪڻ جي سگهه ڪانه آهي. جيڪي ٿورا گهڻا قلعا آهن، سي به ڪي خاص ڪونه آهن. سنڌو جي اولهه پار ڪي قلعا آهن. اهي بناوٽ ۾ مضبوط نه پر جاگرافيائي صورتحال ڪري ڪجهه اهنجا آهن. هتان جي حڪمرانن جي اها حڪمت عملي رهي ئي ڪانه آهي ته هو ڪو عوام جي بچاءِ واسطي ڪو قلعو جوڙين. ان ڪري سنڌ جا خوشحال علائقا دشمن جي فتح ڪرڻ لاءِ ڏاڍا سولا آهن. هن ڪان جڏهن سنڌ تو حملو ٿيو آهي ته سنڌ وارن ٿر ڏانهن ڊوڙي وڃي پناهه ورتي آهي. ٿر واسين ڏکئي وقت ۾ سندن جان ۽ مال جو ڏاڍو بچاءِ ڪيو آهي ۽ هنن جا سور ۽ سختيون پنهنجي سر تي سٺيون اٿائون پر ڪڏهن به منهن گهنجائي سام جهلڻ کان انڪار ڪونه ڪيائون.

جڏهن خطرو وڌيڪ محسوس ڪندا آهن ته پنهنجون ملڪيتون پاڻ تباهه ڪرڻ جو شاهي فرمان جاري ٿيندو آهي. ان کان پوءِ ٻروچن ۽ ٻين قبيلن جي ٻيگهي مچي ويندي آهي ۽ پنهنجي ماڻهن جي مال مڏيءَ جي ڦرلٽ ڪرڻ شروع ڪندا آهن. دشمن جي ڦرلٽ ڪري سارو قيمتي مال پنهنجي ملڪ کڻي وڃي پنهنجن جا ٻول پري تنهن کان پنهنجا لٽي ڦري پاڻ چو نه کائن. اهو ئي سبب آهي جو دشمن هن ملڪ کي سولائي سان فتح ڪري وٺندو آهي. جڏهن علاودين سنڌ تي حملو ڪيو هو ته سومرن به ائين ڪيو هو. همايون جڏهن شيرشاهه کان شڪست کائي سنڌ ۾ داخل ٿيو ته شاهه حسن ارغون به هن رٿ تي عمل ڪيو هو. اڪبر بادشاهه جي زماني ۾ جڏهن عبدالرحيم خان خانان سنڌ تي هلان ڪئي هئي ته مرزا بيگ به ساڳي ڳالهه ورجائي هئي ۽ پنهنجي راجڌاني ٺٽي کي ساڙي تباهه ڪرڻ ۽ ڦري لٽي ناس ڪرڻ جو حڪم صادر ڪيو هئائين.

## افغان حڪومت

احمد خان دراني کان پوءِ قنڌار جي حڪومت متحد ٿي ڪڏهن سنڌ کي فتح ڪرڻ لاءِ حملو ئي ڪونه ڪيو آهي. جيڪڏهن


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

اسان افغان دور جي تاريخ جو مطالعو ڪنداسين ته اسان کي اهو معلوم ٿيندو ته اهي يا ته قبائلن سان جنگين ۾ رڌل رهيا آهن يا شاهي خاندان ۾ ڦيٽاڙي ڪري، پاڙيسري ملڪن مٿن پئي حملا ڪيا آهن ۽ پنهنجي پاڻ بچائڻ لاءِ پئي هٿ پير هنيا اٿائون. تنهن هوندي به هنن حملا ڪري به ٽي ڀيرا سنڌ کي ڀيلي ڀينگ ڪيو آهي. وري ڪڏهن حملو ڪيو اٿن ته وٺي پوئتي موٽي ويا آهن. ڪڏهن وري حملي دوران پنهنجي ملڪ جون وڳوڙي حالتون ڏسي پوئتي موٽڻ لاءِ مجبور ٿي پيا آهن ۽ ڪين ڪلهوڙن لاءِڪنهن عهدنامي جيترو وقت به ڪونه ملي سگهيو، جن لاءِ هنن هي ڪشالا ڪڍيا هئا.

گذريل ڪيتري وقت کان قنڌار جي حڪومت شاهي گهراڻي جي مختلف ماڻهن جي نفاق جي ور چڙهي وئي آهي. بئي پاسي کان سک سندن دشمن آهن، سندن سڄي قوم فوجي سپاهين جي صورت ۾ متحد آهي. سندن بئي اکيون هاڻي سڌ ۾ کتل آهن ۽ ٿوري عرصي اندر مٿس حملو ڪرڻ وارا آهن. جيڪڏهن ڪا ٻي طاقت وچ ۾ دخل اندازي نه ڪندي ته سک سنڌ کي فتح ڪري وٺندا.

## انگريز سرڪار جي حڪمت عملي

انگريز سرڪار هوريان هوريان سرڪندي وڃي سنڌ جي دنگ وٽ پهتي آهي ۽ اسان جي قبضي هيٺ ملڪ جون حدون وڃي اميرن جي حڪراني واري ملڪ سان مليون آهن. اسان جي قبضي هيٺ ملڪ جي دنگ سان سنڌ جي ڌاڙيل باھ ٻاري ڏني آهي. انهن ڌاڙيلن جو آزار ڪيترن سالن کان وٺي هلندو پيو اچي. ڪيترا ڀيرا ميرن وٽ دانهيو به ويو آهي، پر ڪونه ڪڙتيل ڪونه نڪتو آهي. انگريز سرڪار طرفان ڌاڙيلن خلاف سخت قدم کنيو ويو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ اهي ڀڄي هندستان جي مختلف علائقن ڏانهن هليا ويا آهن. سندن خلاف بئي قدم کڻڻ ۾ دير ٿي وئي آهي. اهي ڌاريل جيڪي ڀڄي وڃي سنڌ جي حدن ۾ لڪيا آهنتن خلاف خت ڪاروائي جا امڪان آهن. اسان ڌاڙيلن خلاف ڪاروائي جي آجيان ڪريون ٿا. ان ڪري سنڌ جي اميرن سان جنگ ڇيڙن جا به امڪان آهن. جيڪڏهن جنگ ڇڙي به پئي ته ڪوبه پئه پولو ڪونه آهي. جيڪڏهن سنڌ تي حملو

ڪيو ويو ته سوڀ اوس به انگريزن جي ٿيندي، پر شرط اهو آهي ته سنڌ تي حملي ڪرڻ واسطي سال جي سٺي موسم جي چونڊ ڪرڻ گهرجي. انگريز سرڪار جي اهڙي حڪمت عملي مسئلا ضرور پيدا ڪندي. موجوده حالتن ۾ ٽر واري دنگ پرسان موجود هجڻ انگريز سرڪار لاءِ وڌيڪ بهتر آهي. اُن ڏس ۾ ڪڇ جي جاڙيجي سردار کي وڌيڪ آزادي ڏيڻي پوندي. اسان کي سڀ کان وڌيڪ فائدو هن ڳالهه مان به ٿيندو ته سنڌ سان تجارتي ناتا پيدا ڪجن. اهو مقصد سولائي سان پورو ڪوه ٿيندو. پر جيڪڏهن يورپي حڪمت عملي اختيار ڪئي وئي ۽ انگريز سرڪار جي دربار ۾ اثر رسوخ استعمال ڪري اهڙيون ڳالهيون مڃايون ويون، جنهن وٽ فوجن کي رسد پهچائڻ ۾ سهوليتون ڏيڻ واسطي تمام گهڻا وسيلا ميسر آهن، ته پوءِ ڪابه ڏکيائي ڏسڻ ۾ ڪانه ايندي.

سنڌو درياهه جي موجوده وهڪري جي بيان ڪرڻ کان اڳ ۾ مان هن عظيم درياهه جي سياءُ ۽ قديم تاريخ جي مختلف دورن ۾ وهندڙ مختلف وهڪرن تي ڪجهه روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪندس. انهي لاءِ ضروري آهي ته هن موضوع تي پنهنجي راءِ جي اظهار ڪرڻ ۾ اڳ ۾ هي ڳالهه به واضح ڪري ڇڏيان ته اهڙي قسم جو مواد مون مختلف قسم جي ڏيهي تاريخن مان ورتو آهي. ٻيو مواد مون انهن ڏيهي ماڻهن وٽان ٻڌگهي پڇا ڳاڇا وسيلي هٿ ڪيو آهي، جن جي ملڪ مان هي درياهه وهندو آهي. مان کلي دل سان پنهنجي هن گهٽتائي جو اعتراف ڪريان ٿو ته هن درياهه جو فقط پنجويهه سال پراڻي وهڪري جو صحيح نموني سان پتو پئجي ڪونه سگهيو اٿم. تنهن ڪري سندس قديم وهڪري بابت ڪجهه چوڻ غلط ٿيندو. قديم دور جي تاريخي حوالن وسيلي يا موجوده دور جي مشاهدي مطالعي کان سواءِ ڪنهن حتمي نتيجي ڪونه پهچي سگهبو ته پراڻو وهڪرو ڪهڙو هو. سمجهان ٿو ته مان انهن عزت مان مصنفن سان سهمت ڪونه آهيان، جن جا سنڌو جي قديم وهڪرن بابت نظريا ڪجهه ٻيا آهن. منهنجي سوچ مطابق هنن بنا ڪنهن سوچ ويچار ڪرڻ جي پنهنجا اهي خيال قلم بند ڪري ڇڏيا آهن، تنهن مان سندن حوالن ڏيڻ کي ايڏو ضروري ڪونه ٿو ڀانيان. اهي مصنف يورپ ۾ ويهي سنڌو


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

جي وهڪرن تي پنهنجا رايا ڏين ٿا يا اهڙن موضوعن تي ڪڙي ٽيڪا ٽپڻي ۽ چند چاڻ ڪن ٿا، جن ۾ ڪنهن حد تائين سچائي ۽ تحقيق ڪم ٿيل هوندو آهي. ڪي ماڻهو هندستان ۾ هوندا آهن پر انهن ڪڏهن نه ته سنڌ ڏوري ڏٺي آهي ۽ نه وري سنڌو جي وهڪرن کي اک مان ڪڍيو آهي، تن جون لکڻيون ته فقط اڻ پوريون آهن پر وڏيڪ منجهيل آهن.

سنڌو درياهه کي هندن جي ڌرمي ڪتابن ۾ سنڌ سا سنڌو سڏيو آهي. سن ساڳي زبان ۾ سنڌ يا سنڌو لفظ جي معني سمنڊ آهي. هن درياهه تي اهڙو نالو پاڻي جي ججهي مقدار هجڻ ڪري پيو آهي يا ان ڪري جو چاڙهه جي رت ۾ اٿل ڪري چوڏس ٻوڙان ٻوڙ لائي ڇڏيندو آهي. جڏهن اهو پاڻي سڪي ويندو آهي ته هڪ پاسي گاهن جي گلزاري لڳي ويندي آهي ته ٻئي پاسي کان پوکي راهي ٿيندي آهي ۽ زندگي سان لاڳاپيل هر شئي جا ڍير لڳي ويندا آهن. ان ڏيٺپي سان ٿي سگهي ٿو ته سنڌو جي اصطلاحي معنٰي سمنڊ هجي. ان سبب ڪري هندن جي ڌرمي ڪتابن هن درياهه سان لاڳاپيل ملڪ کي ’سنڌو ديس‘ لکيو آهي يعني سنڌو درياهه واري ملڪ، ديس يا ڏيهه . پتو نه آهي ته سنڌ ملڪ تان درياهه تي نالو پيو آهي يا سنڌو درياهه تان ديس تي نالو پيو آهي، سا غيب جي گدو چئي خانوند کي خبر مان دعويٰ سان چئي ڪونه ٿو سگهان ته ٻين درياهن جي سنگم مٿان به هن دياهه کي سنڌو سڏيو ويندو هو. هن درياهه کي سنڌو ٻين درياهن جي سنگم کان مٿي واري حصي کي سڏيو ويندو هو. منهنجو ذاتي رايو آهي ته ٻين درياهن جي سنگم کان بعد ئي سپني درياهن جي گڏيل پاڻي جي وهڪري کي سنڌو نالي ڪوٺيو ويندو هوندو. سنڌ تي مسلمانن جي حملي کان اڳ يا ائين ڪڻي چئيجي ته اسلامي دور کان گهڻو اڳي الور جي حڪمراني وارو ملڪ ڪشمير سان دنگئي هوندو هو. پر ان جو اصل ملڪ ’سنڌو ديس‘ هو. جنهن ۾ به راجڌانيون ۽ ڪيترا وڏا ننڍا شهر آباد هئا. ان ملڪ جي اصلي جاءِ وقوع ملتان کان هيٺ معلوم ٿئي ٿي. اهڙيون روايتون به موجود آهن جيڪي هن نظريي جي تائيد ڪن ٿيون. موجوده دور جي صورتحال مان ائين معلوم ٿئي ٿو سنڌ يا سنڌو ديس، سنڌ جي ڏکڻ واري پاسي ۽

سنڌو جي اپرندي ڪناري واقع آهي . جڏهن عربن سنڌ فتح ڪئي ته سنڌو درياهه جو نالو چڻ ته ختم ٿي ويو هو ۽ درياهه جنهن شهر ۽ ڳوٺ پرسان لنگهندو هو ته اتان ڪيس ان شهر يا ڳوٺ جي نالي پٺيان سڏيو ويندو هو. اهو ساڳيو طريقو صدين تائين هلندو رهيو آهي ۽ اجا به ساڳي دستور قائم آهي. ان جو سبب شايد اهو آهي جو تحقيق ڪندڙ جي دل ۽ دماغ تي هڪ درياهه جا گهڻا نالا چانئجي ويا آهن، تنهن ڪري ويچارومنجهي پوي ٿو ۽ اهڙي ڏچي ۾ اڙجي پوي ٿو، جنهن ڪي سلجهائڻ جو ڪيس ڳس ئي نظر ڪونه ٿو اچي. جيڪڏهن ان ڏچي ڪي نبيري ٿو ته ڪيس پوري پڪ ڪانه ٿئي ٿي ته سچائي ڇا آهي.

هن درياهه ۾ ڪي خاص ڳالهيون آهن. گهڻين جاين تي ته ڪيس ڪنارا آهن ئي ڪونه. ڪٿي وري سندس پرپاسي واري علائقي جي زمين ڪان ايترو مٿي چاڙهه ڪندو آهي جو ٻوڙان ٻوڙ لائي ويندو آهي. جنهن علائقي مان هي درياهه وهندو آهي تنهن جي مٽي وارياسي ۽ نرم آهي، تنهن ڪري وهڪرن بدلائڻ ۾ دير ڪونه ڪندو آهي. اهڙي مٽي ٻين وڏين درياهن جيان فقط سندس چوڙ واري علائقي ۾ ڪونه آهي، پر مان اوهان ڪي هتي اهڙيون حقيقتون ٻڌائيندس ته هن درياهه چوڙ واري علائقي ڪان گهڻو مٿي به هميشه پنهنجا وهڪرا پئي بدلايا آهن. ان ڪري سنس نون ۽ قديم وهڪرن ڪي سڃاڻي نکيڙ ڪرڻ اڻ ٿيٽي ڳالهه ڪٽي ڪانه آهي، پر ڏکي ضرور آهي. سنڌ جي تاريخ جو مواد ڪٺو ڪرڻ دوران ڪن ڪتابن مان ۽ پڇا ڳاڇا ڪندي زباني ڳالهين وسيلي ڪي حقيقتون معلوم ڪري اچرج ٿيو ته ٻارهيون صدي اڳ عربن جي هلان ويل، ارغونن جي حملي دوران ۽ موجوده زماني واري سنڌ جي آباد علائقي ۾ گهڻو فرق آهي. سنڌ جي مورخن جو بيان آهي(17) ته الور جي قلعي هيٺيان راءِ ڏاهر Rao Daher۽ عربن جي وچ ۾ جيڪي فيصلاڪن جنگ لڳي هئي، تنهن ۾ سنڌ وارن هارايو هو ۽ عربن جي حملي ڪري وائڙا ٿي پوئتي هٽندا وڃي درياهه ۾ پيا هئا ۽ سندن وڏو انگ درياهه ۾ ٻڏي مري ويو هو. راجا جو مئٺ به هڪ چاڙهه مان لڌو، جيڪا وهندي وڃي درياهه ٿي پئي. سنڌ جي ٻي تاريخ مان پتو پوي ٿو ته ته الور


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

(18) سنڌو جي هڪ وهڪري تي آباد هو، جيڪو ويندي سمنڊ تائين جهاز رانيءِ لائق هو. پوئين جي بيان موجب بهمن، Patan Bahmanتي آباد هئي ان کان پوءِ هن کي لوهاڻو درياهه سڏيو ويندو هو. ٻئي مورخ هن ڳالهه تي متفق آهن ته عربن جي فتح کان ڪجهه سال پوءِ نئين جو علائقو آباد ڪونه هو ۽ ماڻهو به منجهس ڇڊا ڇاڊا رهندا هئا. شروعاتي دور ۾ اهو وارياسو رڻ پٽ علائقو هو يا سمونڊ هيٺيان هو. سنڌ جا وڏيڪ سڪيا ستابا ۽ ساوا ڊاوا علائقا، جن ۾ سنڌو جو گهڻو پاڻي موجود هو، سي ديرڪ Dirak جو قديم علائقو يا چچگام Chachgam ۽ بادبان Badban هو. هو ٿر جي ڀرپاسي وارو علائقو هو، جتي هاڻي پاڻي جا اٿاٺ آهي ۽ واهه کوٽي آباديءَ لاءِ پاڻي پهچايو وڃي ٿو.

اڳتي ايندڙ حقيقتون جڏهن مون کي مليون تڏهن مون کي شڪ ٿيو ته سنڌو جي اپرندي ڇاڙهه الهندي کان وڌي هئي، پر هاڻي وري الهندي شاخ وڌي آهي. منهنجي پڇا ڳاڇا هلندي رهي جنهن هٿي وچي هنڌ ڪيو. انهيءَ مليل ڇاڻ مان ڪيئي سوچون اپريون، پر ڪيترن متضاد خيالن جو نبيرو به ٿي ويو ۽ مونجهاري وارو ڏنڌو پري ٿي ويو. توڙي جو ڪيترا پيرا مون سوچيو آهي ته وايچاريل ڪن نڪتن کي پنهنجي طرفان نقشا ڏئي پڌرو ڪيان. جڏهن اهڙي نقشي کي ننيوڪري پني تي ڪيڻ جا جتن ڪيم ته منهنجي سوچيل نقشي کان گهٽ لاپائتا ثابت ٿيا. اهي جڏا سڏا، ڪيئن به آهن پر مان پنهنجي طرفان هڪ ڪوشش ڪئي آهي ته جيئن اهي سچاڻ دوست سمجهي ۽ انصاف ڪري سگهن ته هيءُ موضوع ڪيترو منجهيل آهي پر ان سان گڏ دلچسپ به آهي.

هيءُ سڪل پيٽ جنهن کي مان سنڌو جو پراڻو وهڪرو سمجهان ٿو ۽ جنهن جو بيان به مٿي ڪري آيو آهيان ، سو قديم دور سان واسطو رکي ٿو ۽ اڃا به موجود آهي. مذڪوره پراڻو پيٽ موجوده درياهه ♦ Puarana Deria کان سٺ ۽ اسي ميل جي وچ تي دور پوروچوٺ آهي، جنهن کي ماڻهو پرڻو درياهه سڏيندا آهن. ان

♦ امڪان آهي ته اهو پراڻ درياهه هجي.


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

جي ڪنڌيءَ سان مشهور قديم شهرن جهڙوڪ الور بهمن آباد، اَبپور Abpur ۽ وڳهه ڪوٽ جا ٿرڙ ڏسي سگهجن ٿا. پويوم شهر ڪنهن زماني ۾ سومرن جو راجڌاني هو. مان پڪ سان چئي ڪونه ٿو سگهان ته هن قديم شهر جو اصلي ماڳ ڪهڙو آهي. پر مان سمجهان ٿو ته اهو ضرور ان ٿاڪ وٽ هوندو جتان پراڻو درياهه سنڌو جي موجود وهڪري ڪان ڇڇي ڌار ٿيندو آهي. اها پڪ آهي ته بکر Bhakir ڪان ضرور مٿان هوندو. گهڻن جو خيال آهي ته اهو شهر گنج بخش ڳوٺ جي ماڳن تي قائم هو، جيڪو بکر ڪان چاليهه ميل مٿي آهي. ان ڪري مان سمجهان ٿو ته پراڻو درياهه بکر جي موجوده شهر ڪان ويهه ميل اوپر ۽ الور ڏانهن وهندو هو. هيءُ شهر سنڌو جي هڪ چاڙهه لوهاڻي درياهه تي وسندڙ هو، جيڪو نقشي ۾ سنڌو درياهه ڪان ڪجهه ميل اولهه ۾ ڏيکاريو ويو آهي. مذڪوره لوهاڻي درياهه کي هاڻي بهمنوا Bahmana سڏيو وڃي ٿو.

بهمانا ڪان ويهه ميل اوپر ۾ ساڳي ئي ڳي ئي ويڪرائي ڦاڪ تي به درياهيءَ جي صورت اختيار ڪندو هو. هڪ چاڙهه جو ساڳيو نالو پراڻ هو ۽ ڏکڻ ڏِس تي وهڻ شروع ڪندي هئي. هن وهڪري جي پاٽي سان جُوڻ، بادبان پرڳٽا اباس ٿيندا هئا جيڪي هاڻي سُڄ لڳا پيا آهن. مذڪوره وهڪرو اڳتي هلي الله بندر♦ Allah Bandarوٽ درياهه سان ملندو هو ۽ هيٺانهن پٽن ۾ پلتجي لکپت درياهه واسيلي وجي سمونڊ ۾ چوڙ ڪندو هو. ائين وهڪرو ائين هو جهڙي ريت ان کي ڏسي سگهجي ٿو ۽ سنڌڳ جو صفا اوپاريون وهڪرو هو. ائرين Arrian جو بيان آهي ته هي وهڪرو چوڙ واري ٿاڪ وت وڏي ڍنڍ ٺاهي پوءِ سمنڊ ۾ پوندو هو ۽ ان ڍنڍ کي نارائڻ سرور Narayana Sirowar (19) سڏيو وڃي ٿو جيڪا ويهه ميل ۽ طرف ڏکڻ اولهه ٿيندو. حقيقتن مان ثابت ٿئي ٿو ته هن علائقي ۾ لکپت پرسان ڪا ڍنڍ ضرور موجود هئي. ٻئي ماڳ ڏاڍا قديم آهن ۽ هندو پراڻن ۾ سندن ذڪر موجود آهي. هندو ڌرم سان واسطو رکندڙ ماڻهو هن ماڳن تي پوڄا پاٺ ڪندا آهن. (20) هن

---

♦ امڪان آهي ته اهو الله بندر هجي.


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

بيان ڪان پوءِ مان موٽي پنهنجي اصلي موضوع تي ايندس، سو اوهان کي هي ڳالھ ٻڌائيندو هلان ته سنڌو جو پاڻي ايترو چاڙھ ڪندو هو جڳ وڏي علائقي تي پکڙجي ويندو هو. ان جا پراڻا نشان اڄ به الله بندر ۽ لکپت جي اوسي پاسي اتر ۽ اوڀر ۾ سنڌو درياھ جي موجوده چوڙ واري علائقي ۾ ڪڇ جي رڻ جي وچ تي اڄ به ڏسي سگهجن ٿا، جيڪي ڪڇ جي اتر پاسي، اولھ ۽ اوڀر ۾ پکريل آهن. هاڻي اسان موٽي پراڻ واري علائقي ڏانهن اچون ٿا ته جيئن سنڌو جي صفا الهنديءَ چاڙھ جي ذڪر وڌيڪ چٽائيءَ سان ڪري سگهون.

هن چاڙھ کي ڪنهن زماني ۾ لوهاڻو درياھ سڏيو ويندو هو. (21) پراڻ کان ڇڄڻ بعد موجوده خداآباد ۽ هالا ڪنڊي جي وچ تائين اولھ ڏکڻ وارو رخ اختيار ڪندو هو. ان کان پوءِ موجوده وهڪري سان وڃي ملندو هو. گڏيل پاڻي جو اهو وهڪرو ٻنڀور وٽان لنگهي ديبل پرسان وڃي سمونڊ ۾ چوڙ ڪندو هو. ان قديم شهر ٻنڀور (22) جا ماڳ ٺٽي ڪراچي رستي کان ويھ ميل پري آهن. مان پڪ سان چئي ڪونه ٿو سگهان ته درياھ کان هي چاڙھ ڪهڙي ٿاڪ وٽان ڇڇي ڌار وهڪرو اختيار ڪندي هئي. پر هڪ تاريخ طبقات اڪبري موجب هيءُ وهڪرو ٺٽي جو اولھ پاسو ڏئي وهندو هو. هي ويساھ جوڳي تاريخ آهي ۽ عام طور تي سمهجيو به ائين ويندو آهي ته ٺٽي جي اولھ کان به ڪڏهن سنڌوءَ جي هڪ چاڙھ وهندي هئي. هن وهڪري کي اسان ڪيترو به شڪ جي نگاھ سان ڏسون پر اها هڪ اگري حقيقت آهي ته ٺٽي ۽ ڪراچي جي وچ تي گگهه Gath♦ جا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جنهن جي ڪنڌيءَ تي ٻنڀور جا ٿرڙ اڄ به موجود آهن. اتي اسان کي هڪ ساموندي ڪاري به ڏسڻ ۾ ايندي جيڪا اچي، ڪنهن درياھ جي وارياسي پراڻي ٻيٺ وٽ کُتندي آهي. (23) جنهن مان سمجھ ۾ اچي ٿو ته انهي پراڻي ٻيٺ جو سمنڊ سان لاڳاپو هو. سنڌي ماڻهو به اها دعويٰ ڪندا آهن ته اهو سنڌوءَ جو سمنڊ ۾ چوڙ وارو ٿاڪ آهي. ايم ڊيلا روڪيٽس M.Dela Rocheties جي جوڙيل نقشي ۾ به هن چاڙھ جي

---

♦ امڪان آهي ته مٿان هيءُ گهارو ڦاٽ هجي.

وهڪري کي هالاڪنديءَ وٽان گذرندي ڏيکاريو ويو آهي ۽ اڳتي هيٺ ديبل جو اولاهيون پاسو ڏئي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. هن، ساراسان Sarasan کي هن وهڪري سان ڏيکاريو آهي.

پنپور هڪ شهر هو جيڪو راجا پنپي جي راڄ جو راڄڌاني هو. (24) هيءُ راجا ڏهين صدي عيسويءَ ڌاران هتي راڄ ڪندو هو. هي شهر چڱو خاصو وڏو ۽ مشهور هوندو هو. تاريخ جي هڪ مولف جي بيان مطابق جڏهن درياهه جي مذڪوره ڇاڙهه سڪي وئي ته پنپور شهر ۽ اوسي پاسي جا ماڻهو لڏي اچي ساڪيا Sakia جي پرڳڻي ۾ ويٺا.(25) هيءَ اها ڇاڙهه آهي جيڪا ٺٽي جو اولهه ڏئي لاهري بندر وٽان وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندي آهي. اها ڳالهه ته پنپور جو شهر سنڌو جي هڪ ڇاڙهه تي آباد هوندو هو، بنا ڪنهن تاريخي شاهديءَ جي بيان ڪئي وئي آهي. تحفه الڪرام Tahfat al Cram، پراڻين ڏند ڪٿائن، سنڌي بيتن ۽ حالتن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته پنپور شهر پرسان حقيقت ۾ لوهاڻو درياهه هوندو هو. جن حالتن ڏانهن اشارو ڏنو ويو آهي سي هي آهن ته ڪنهن شهر مان هڪ ڇوڪريءَ کي ڪنهن صندوق يا ڪاريءَ ۾ سمهاري درياهه جي ڪنهن ڇاڙهه ۾ لوڙهيو ويو ته وڃي پنپور جي شهر پهتي هئي. اها صندوق هڪ ڌوٻي کي هٿ لڳي جنهن ڪڍي وڃي پنهنجي سيٺ کي پهچائي هئي. اها ڇوڪري ان جي گهر ۾ پلجي نپجي نيٺ هن ڏينهن جوان ٿي ۽ سنڌي ٻولي جي بيتن جو هڪ وسيلو بڻي هئي. معلوم ائين ٿئي ٿو ته پنهنجي پيءَ ماءُ هن ٻار کي ٻوڙي ماري ختم ڪرڻ ٿي چاهيو پر اهو خوش قسمتي سان بچي وئي. جنهن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي.اها ڇوڪري ايڏي ته سهڻي هئي جو نالو "سسئي" رکيو هئائونس جنهن جي معنٰي آهي چنڊ. ڏند ڪٿا مطابق ان سسئي ۽ مڪران جي سردار (26) جي پٽ پنهون جي پاڻ ۾ پريت ٿي وئي. هن سسئي جي حسن جي هاڪ سڻي پنهنجي ملڪ مڪران مان ڪهي اچي پنپور پهتو. پر پنهونءَ جي پيءُ جي ڪنور دل، ٻنهي کي وقت کان اڳي ختم ڪري ڇڏيو.

ڳالهه اها نه آهي ته اهو عاشقيه داستان سچو آهي يا ايشيا جي ٻين ڪهاڻين جيان ڏند ڪٿا آهي پر هڪ ڳالهه کي اسين بلڪل سچو


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سمجهون ٿا. ڪهڙي به ڪوڙي ڪهاڻي ٻهمانا ڪان پنپور تائين درياهه جي چاڙهه وهائي آڻي ڪانه ٿي سگهي. جيڪڏهن هي وهڪروان دور ۾ نه وهندو هو، جنهن دور ۾ هي عشقيه ڪهاڻي وجود ۾ آئي ته پنپور جو ذڪر نه اچي ها. اهو ڌوٻي جنهن جو نالو لڪتن ۾ موجود آهي سو ڌن دولت وارو ماڻهو هو. وٽس ڪيئي نوڪر ڌوٻي رکيل هئا، جيڪي سندس گراهڪن جا ڪپڙا ڌوئيندا هئا. هڪڙي ڏينهن جڏهن هو درياهه تي ڪپڙا ڌوئي رهيا هئا ته کين هڪ صندوق پاڻي ۾ لڙهندي نظر آئي، جنهن ۾ اها چوڪري رکيل هئي. هن مان اهو اندازو ڪري سگهجي ٿو ته پنپور پرسان پاڻي ڪنهن ڍنڍ جي صورت ۾ ته پر وهندڙ حالت ۾ موجود هو ۽ اهو سنڌوءَ جو پاڻي هو. هن چوڙ واري علائقي ۾ سنڌو جا ڪيترائي ڦاٽ هوندا هئا. (27)

مٿي جيڪا ثابتي پيش ڪئي وئي آهي، تنهن مان اهو واضع ٿئي ٿو ته سنڌو جي وهڪري ۾ وڏي تبديلي اچي چڪي آهي. هاڻي مان اهڙيون حقيقتون بيان ڪندس ته ”پراڻ“ وارو وهڪرو هن درياهه جي چاڙهه هو.

سنڌو ۾ اهڙي وڏي تبديلي ضرور آئي هئي، جنهن جو ذڪر تاريخ جي گهڻن ئي مولفن ڪيو آهي. (28) پر اهي مولف انهي تبديلي جو سبب اهڙو ٻڌائين ٿا جيڪو حقيقت ۾ ٿي ڪونه ٿو سگهي. ايشيا جي ماڻهن جي اسان کي اڳ ئي خبر آهي ته اُهي ويچارا وهمن ۽ وسوسن جا شڪار هوندا آهن ۽ اهي واقعا جيڪي ماڻهن جي هٿ وس ڪان وڌاهوندا آهن، تن کي قدرت جا ڪارناما سمجهندا آهن. جڏهن درياهه ۾ هي تبديلي آئي ته درياهه ج هڪ عام تبديلي سمجهڻ بدران هن واقعي کي به قدرت مٿان مڙهيو ويو. مير طاهرن جو بيان آهي ته جنهن زماني ۾ راجا دلوراءِ الور تي راڄ ڪندو هو ته هن پنهنجي رعيت کي ڏاڍو ذليل ۽ خوار ڪيو. واپاري جيڪو پنهنجو مال ٻيڙين وسيلي ڪڻائي الور وٽان لنگهندا هئا تن تي اڌ مال جيترو سُنگ مڙهيو ويندو هو. ان ڪان سواءِ وٽن جيڪو قيمتي سامان هوندو هو تنهن لاءِ زور پريو ويندو هو ته راجا کي تحفي ۾ ڏين. هڪڙي ڏينهن سيف الملوڪ نالي هڪ مسلمان واپاري پنهنجو تجارتي مال ڪڻائي ديبل ڏانهن وڃي رهيو هو سو به اچي الور وٽان لانگهائو ٿيو،

ساڻس گڏ پنهنجي زال بديع الجمال به هئي. سندس ارادو حج تي وڃڻ جو هو. تنهن زماني ۾ مهراڻ درياهه (سنڌو) الور جي بلڪل پرسان وهندو هو. راجا دلوراءِ کي بديع الجمال جي سوائي سونهن جي کُڙڪ پئجي وئي. سو چيائين ته جڏهن سيف الملوڪ جون ٻيڙيون الور پرسان لنگهنديون ته بديع الجمال کي کڻائي وٺندو. سيف الملوڪ کي اهڙي پاپور وچي ڪن پئي، تڏهن ٻئي هٿ کڻي خدا کي ٻاڏايائين ته ڪا سولي ڪري. ان سان گڏ چا ڪيائين جو درياهه جي ڪنڌي سان هڪ ٿَڪري کي ٽڪڻ لاءِ کڻي ڪمي چڏيائين، جيڪي ٽڪري کي ٽڪيندا ۽ نڪتل پٿر درياهه جي پيٽ ۾ رکندا ويا. جڏهن ٽڪري ٽڪجي پوري ٿي ته درياهه پنهنجو وهڪرو بدلائي اوڏهين وهڻ لڳو، پوءِ سيف الملوڪ پنهنجا ٻيڙا چوڙي راهي ٿيو. ان کان پوءِ مهراڻ پنهنجو قديم پيٽ ڇڏي اهو وهڪرو اختيار ڪيو جنهن ۾ هاڻي سنڌو وهي رهيو آهي درياهه جي رخ موڙڻ جا ڏاڍا جتن ڪيائون پر سنڌو الور کي هميشه لاءِ ڇڏي ويو. سيف الملوڪ ۽ سندس زال حج تان موٽي آيا. وفات کان پوءِ کين ديري غازي خان سيتا پور جي وچ تي ۽ رتي ڪوٽ پرسان دفن ڪيو ويو. سندس ٻن پٽن جو به اتي قبرون آهي. سندن مزارن کي وڏي ادب ۽ احترام جي نظرن سان ڏٺو ويندو آهي. هي ماڳ نهايت قديم ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

تاريخ طاهريءَ درياهه جي هن تبديلي واسطي ساڳيو ئي سبب بيان ڪيو ويو آهي. وڌيڪ ٻڌائي ٿي ته هن واقعي کان پوءِ سنڌو رخ بدلائي بکر سيوهڻ ڏانهن ڪيو، الور ۽ پرپاسي وارا ننڍا شهر ۽ ڳوٺ جو جو انگ هڪ هزار ۽ نون سون جي وچ ۾ هو، سُڃ ٿي ويا. راجا دلوراءِ به پنهنجي راڄڌاني بدلائي وڃي دلور ۾ ڪئي. جيڪا موجوده ابپور جي شڪل ۾ بهمانا جي پرسان ڏسڻ ۾ اچي ٿ. ملڪ جي اهڙي اهم واقعي کي هتان جا مورخ اجهو هيئن بيان ڪن ٿا. جنهن طريقي سان اها اهم درياهي تبديلي آئي آهي، تنهن کي اسان ڪيترو به شڪ ۽ شهبي جي نظرن سان ڏسون پر هتان جون روايتون ۽ ڏند ڪٿائن اهڙيون آهن، جيڪي حقيقت جي پنپرائي ڪن ٿيون، جن جو ذڪر آءُ مٿي ڪري آيو آهيان. اهي اهڙيون ڳالهيون آهن جيڪي اسان مان گهڻن کي دل سان لڳنديون هونديون. هن قديم


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

وهڪري جي فائدي ۾ ٻيو هڪ اهم دليل اهو به آهي ته الور ٻهمانا ۽ وڳ ڪوٽ جا پراڻا شهر ۽ سنڌ هجون مشهور راجڌانيون هن وهڪري هي ڪنڌين سان آباد هيون. الور ۽ ٻهمانا ته تمام قديم ماڳ آهن، جيڪي هاڻي درياهه جي ڪنهن به وهڪري ۽ آباد علائقن کان تمام پري آهن. مان اها ڳالهه امڪان کان ٻاهر سمجهان ٿو ته سنڌ جا اهي ٻئي مکيه شهر ويران علائقي ۾ ته ڪونه جوڙيا ويا هوندا. پر سچاويڪ ڳالهه ته اها آهي جو مذڪوره شهر ضرور ڪنهن درياهه جي ڪنڌي سان اڏيا ويا هوندا، جيڪو اتان جي رهواسين جي ڌن دولت، سک ۽ آنند جو ڪارڻ به هوندو.

مون الور جي ماڳن کي سمجهڻ ۾ غلطي ڪانه ڪئي آهي. مون کي پوري پڪ آهي ته اهو آهر انهن ٿاڪن ۽ ٿاڻن تي وسندڙ هوندو جيڪي آءٌ سوچي ويٺو آهيان . اهو هاڻي بکر سرڪار جي پرڳڻي جي نالي ۾ موجود آهي. (29) بکر جو شهر الوڙ جي ٿرڙ مان ملندڙ ڪچي مال مان اڏيو آهي. سنڌين لاءِ هي ماڳ ايترا مشهور آهن جيترو پاڻ بکر شهر مشهور آهي. ٻهمانا، ٻاهبيٽا، ٻانيٽا يا برهمن آباد (مورخن هن لکي مختلف صورتخطي ۾ لکيو آهي) به لوهاڻي درياهه تي آباد هوندو هو. هن شهر کي بعد ۾ ٻهمنوا سڏيو ويندو هو. هن ڳالهه جي تصديق هن حقيقت مان ڪري سگهجي ٿي ته ان قديم شهر جا ٿرڙ اڄ به ڏسي سگهجن ٿا. ٻي ڳالهه اها آهي ته هتان عام ماڻهو به هن متعلق ٻڌائي سگهي ٿو ته اهو شهر ڪٿي هو. مان پڪ سان چئي سگهان ٿو ته غلطي وچان هن شهر کي ٺٽي پرسان ٻڌايو ويو آهي. هن شهر بابت گهڻي پڇا ڳاڇا ڪئي آهي ۽ ان جي نتيجي کان آءٌ بلڪل مطئمن آهيان ته ڪلاڪوٽ ۽ پنپور وارا ماڳ هن شهر جي ٿاڪ نه آهن. (30) منهنجي پڇا ڳاڇا موجب ٻهمانا ۽ برهمڻ آباد ٻئي، هن ئي شهي جا نالا آهن. ٻهماني ماڳن لاءِ پڪ سان چئي سگهان ٿو ته مان ڳولي لهڻ ۾ ڪامياب ويو آهيان. راجا دلوراءِ جي پاپن سبب برهمڻ آباد يا ته ڌرتي ڌڏڻ ڪريي ناس ٿي وئي يا ته ٿر جي واري ان کي پوري ڇڏيو. (31) ان جاءِ تي هاڻي نشاني طور هڪ ٿلهه بيٺو آهي، جنهن مان سمجهي سگهجي ٿو ته اهو قديم شهر ڪٿي هو.


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

اها درياهي تبديلي ڪهڙي دور ۾ آئي، تنهن جتي گهڻو بحث هلندڙ آهي. اها سو پڪ آهي ته اهو واقعو دلوراءِ جي راڄ دوران ٿيو. مختلف مورخن ۾ راجا دلوراءِ جي دور بابت اتفاق راءِ ڪانه آئي آهي ت اهو ڪهڙي زماني ۾ راڄ ڪندو هو. هڪ مورخ جو بيان آهي ته اهو قديم راءِ گهراڻي سان تعلق رکندو هو. ٻئي مورخ (32) جو چوڻ آهي ته اهو سومرا گهراڻي مان هو. (33) پر انهن مان ڪنهن به واضح ڪري ڪونه ٻڌايو آهي اهو راجا ڪهڙي خاص دور ۾ راڄ ڪندو هو. پر حالتن مان سو ايترو معلوم ڪري سگهجي ٿو ته هو مسلمانن جي قديم دور ۾ راڄ ڪندو هو. ٻئي مورخ، جنهن جو حوالو مٿي اچي ويو آهي، سو ٻڌائي ٿو ته هڪ امير ڪي ٻه پٽ هوندا هئا، هڪ جو نالو دلو ۽ ٻئي جڳ نالو ڇتو هو. دلو گادي تي ويٺو ڇتو حج ڪرڻ لاءِ مڪي هليو ويو. اتي وڃي شادي ڪيائين ۽ 140 ھ ۾ سنڌ موٽي آيو. هن پنهنجي ڀاءُ جي اخلاق سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي. راجا دلوراءِ وري سندس گهر واري کي برغلائڻ لڳو. ڇتو سندس اهو حال ڏسي سندس ملڪ ڇڏي سيوهڻ وڃي ويٺو. اتي ئي وفات ڪيائين. سندس قبر مٿان قبو ٺهرايو ويو جيڪو عام ۽ خاص ماڻهو لاءِ زيارت گاهه بڻيل آهي. تاريخن ۾ ته سندس قصو ائين آهي پر مان راجا دلوراءِ جي دور کي ٻي صدي هجري جي شروعات ۾ سمجهان ٿو. انهي جا ڪي بنيادي سبب آهن جن جو هيٺ آءٌ وستار سان بيان ڪري رهيو آهيان. (34)

اسان اڳي اهڙو بيان ڪري آيا آهيون ته سيف الملوڪ جون ٻيڙيون سنڌو يا پراڻ وسيلي الور مان لنگهي ديبل بندر ڏانهن وڃي رهيون هيون. اهو واقعو ٻي صدي هجري کان پوءِ ڪونه ٿيو هوندو. ڇاڪاڻ ته ستين صدي عيسوي جي پڇاڙي ڌاران اسان هن وهڪري کي سيوهڻ ۽ بکر کان وهندي ڏسون ٿا ۽ ائين هجڻ جو قوي امڪان به آهي. مان اهڙي دعويٰ تي دل ٻڌي ڪونه ٿو سگهان ته اهو وهڪرو جيڪو بکر ۽ خدا آباد وٽان مٿي ٿو سو ان دور ۾ موجود ڪونه هو. مان اهڙا دليل ضرور پيش ڪندس جن مان اختلاف راءِ پيدا ٿيڻ جو امڪان موجود آهي.

هن منجهيل مسئلي کي نبير واسطي سنڌ جي قديم شهرن جي


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

جاءِ وقوع کي پڪ سان طئه ڪيو ويندو. هي هڪ اهڙو طريقو آهي جنهن سان هن موضوع تي وڌيڪ روشني وجهي سهگجي ٿي. اسان پهريون ديبل بندر جو احوال جو اوريندا سون. هڪ نهايت سچاڻ ۽ سچيت ليکڪ ديبل کي عربي ٻولي جو لفظ سمجهي ٿو ۽ ان کي ديب ال سنڌي ڪري ٿو. (35) يعني سنڌ جو هڪ ٻيٽ جيڪڏهن سندس اهو ويچار صحيح آهي ته پوءِ اسان کي ديبل واري دور جي عربي مورخن ۽ جاگرافي دانن جي لکتن ڏانهن واهجائٽو پوندو. پر جيڪي عربي ڪان سواءِ ايشيا جون لکتون منهنجي نظرن مان گذريون آهن ته انهن ۾ ديب ال سنڌي جو لفظ ڪٿي به نظر ڪونه آيو آهي. ان جي بدران يا ته دابل ڏٺو اٿم يا ديول، جن ۾ عربي ٻولي وارو حدف ال موجود نظر ڪانه ٿو اچي. ديول جو لفظ گهڻو ڪري هندي لفظ دويپ Dip مان ورتل آهي، جنهن جي معنٰي ٻيٽ آهي. (36) يا ٿي سگهي ٿو ديول مان ورتو هجي، جنهن جي معنٰي هندن جو مندر آهي. ان نالي سان ديبل شهر ۾ هندن جو هڪ وڏو مندر هو. (37) ديبل جو شهر سنڌو درياهه جي صفا اولاهين ڇاڙهه جي اولاهين ڪنار سان وسندڙ هو. ان وهڪري جو نالو ساڳرو Sagara هو. اسان اها حقيقت، مٿي بيان ڪيل ليکڪ جي ڏنل احوال کان پاسيرو ٿي قلم بند ڪري رهيا آهيون. اسان حالتن مان اندزو لڳائي رهيا آهيون ته حقيقت بلڪل ائين هئي جيئن اسان ويچاري رهيا آهيون. چاڪاڻ ته محمد بن قاسم ديبل تي حملي ڪرڻ کان اڳ ۾ درياهه ڪونه اڪريو هو. ساگري واري ڇاڙهه پنپور کان مٿيندي هئي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ديبل جو بندر پنپور شهر پرسان هو، جنهن کان سمنڊ چاليهه ميل پري آهي. ديبل لاءِ هاڻي چيو ويندو آهي ته ٿس مسلمانن حملا ڪري اجاڙي ناس ڪري ڇڏيو. ٻئي بندر لاءِ ان کان اوپر طرف ڪنهن ماڳ جي چونڊ ڪئي وئي هئي. ن.ون شهر ۽ بندر به ديبل جي پراڻي نالي پٺيان ديبل ئي مشهور ٿي ويو. اهو شهر ۽ بندر به ٿوري وقت کان پوءِ ائين ڦٽي ويو جيئن پنپور اجڙي ويو هو. ان جي جاءِ اچي لاهري بندر يعنٰي لاڙ جي بندر ورتي. هي نالو ان ايراضي جو آهي جيڪو هاڻي سنڌو جي چوڙ وارو علائو آهي (39) پر خاص طور ان جي اولهه وارو پاڱو بکر جو شهر سنڌو جي ان جاءِ

تي واقع آهي جنهن کي مورخن هميشه گهٽي اهميت ڏني آهي. منهنجي خيال ۾ انهن کي هڪ اجايو خيال ويٺل آهي ته بکر تمام پراڻو شهر آهي. ڏيهي مورخن جي چوڻ مطابق هي موجوده دور جو هڪ نئيون شهر آهي. تحفه الڪرام جي مولف جو بيان آهي ته جنهن ڳوٺ جي پراڻن پڊن تي هي شهر تعمير ڪيو ويو، تنهن جو نالو فرشتا Ferishta هو. ڳوٺ جي نالي مان معلوم ٿئي ٿو ته اهو عرب طرز جو نالو آهي. انو مان اهو ٿئي ٿو ته هي ڳوٺ عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ اڏيو ويو هوندو. جڏهن الور جو شهر ڦٽي ناس ٿي ويو ته بکر جي شهر زور ورتو. ساڳي تاريخ جو مولف ٻڌائي ٿو ته بکر، بڪر لفظ جو بگاڙ آهي جنهن جي معنٰي پرھ ڦٽي آهي. هن وسندي تي اهو نالو سيد محمد مڪي رکيو هو. مون کي پڇا ڳاڇا دوران اهو معلوم ڪونه ٿيو ته بکر کي ڪڏهن المنصوره جي نالي سان به سڏيو ويو آهي، جهڙي ريت آئين اڪبري لکيو آهي. (40) پر ان جي عربي اصليت ڪجھ وڌيڪ ثابتي گهري ٿي.

سيوهڻ لاءِ ته پوري پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته تمام قديم آهي. الور ۽ بهمانا کان وڌيڪ پراڻو آهي. تحفه الڪرام مطابق هي لستان سئوان Lustan Saiwan ، سيهوڻ ۽ موجوده دور جو سيوستان آهي. هن شهر جي نالي جي هِجي مان پتو پوي ٿو ته هي شهر گهڻو جهونو آهي. راجا سيوهڻ هن شهر جو بنياد رکيو ۽ ان جي نالي پٺيان مشهور ٿي ويو. هو سنڌ نالي هڪ ماڻهو جي ڦريءَ مان هو، سمجھ ۾ اچي ٿو ته مذڪوره ماڻهو هن ملڪ ۾ ماڻهن جو وڏو هو. ان ناتي سان راجا سيهوڻ ڪنهن قديم دور سان واسطو رکي ٿو. هن شهر جڳ قلعو سما گهراڻي جي ڪنهن ڄام تعمير ڪرايو هو. جڏهن بکر جي حدن ۾ آيو ته ارغونن مٿس قبضو ڪيو. اڪبر جي دور ۾ هڪ آزاد علائقي جي راجڌاني به رهيو آهي.جڏهن ڪلهوڙن سياسي سگهه حاصل ڪئي ته انهن جي راڄ ۾ شامل ٿي ويو.

مون کي شڪ آهي ته قديم زماني ۾ هن ماڳ پرسان سنڌو ڪونه وهندو هو، هن موضوع تي پڇاڙي جي ٽيڪاٽپڻي ڪئي ويندي.


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

حيدرآباد قديم نيرون ڪوٽ آهي. ڪيس نيرون ڪافري به سڏيو ويندو هو. جنوني مسلمان هن شهر کي ان نالي پٺيان سڏين ٿا. پتو نه آهي ته هي شهر ڪهڙي دور ۾ اڏيو ويو. سيوهڻ بابت ائين چيو ويندو آهي. نيرون، الور جي ماتحت شهر هو. جڏهن راجا ڏاهر کي پتو پيو ته هن قلعي جو سردار ساڌسويساه گهاتي ڪري رهيو آهي ته هي ڪيس هي سب لاهي چڏيائين ته هو اچي ساڌس گڏجي عربن سان مقابلو ڪري. پر هن جلدي ڪري مسلمانن آڏو آڻ مڃي ۽ قلعو سندن حوالي ڪيو. قديم دوي ۾ ساڱرو درياه هن شهر جي اولهه پاسي کان وهندو هو.

برهمڻ آباد بهمانا، هي شهر لوهاڻي درياه جي ڪناري سان آباد هو ۽ ان ماڳ پرسان واقع هو، جتان لوهاڻو درياه پراڻ کان ڇڇي ڌار ٿيندو هو. اگهم ڪوٽ کي ڪلان ڪوٽ به سڏيو ويندو آهي. هي شهر ننڍي کان اولهه ۾ ستن ميلن تي واقع آهي. عربن جي فتح کان گهڻو وقت پوءِ به هن شهر جو ذڪر ملي ٿو.

ننڍو، پوئين دور جو تعمير ٿيل شهر آهي. هن شهر جو بنياد سما گهراڻي جي ڪنهن پوئين حاڪم، ساموئي يا ساموئي نگر Samoinagar شهر جي پرسان رکيو ويو. ڪنهن زماني ۾ ساموئي نگر سندن راجڌاني هو. سومرن جي سونڊا Sundra پرڳڻي جي ناس ٿيڻ کان پوءِ ماڻهن اچي هن ماڳ کي وسايو. اسان کي هن وقت تائين فقط هي چاڻ ملي آهي جنهن وسيلي اسان سنڌ جو جاگرافيائي بيان ڪري سگهنداسون ۽ جيڪو ڪجھ مٿي بيان ڪيو اٿم تنهن کي انهن پراڻين لکتن سان پيٽي ڏسندس، جن کي عالمن ۽ ڏاهن ماڻهن ويساه جوڳو سمجهيو آهي. هن موضوع تي ڳالهائڻ کان اڳ ڪن قديم ماڳن جو ذڪر ڪندس جن کي ايشيا جي چوند ڪتابن تمام قديم سمجهيو آهي. پر افسوس آهي ته انهن بابت پڇا ڳاڇا دوران مان ڪو حوال هٿ ڪري ڪونه سگهيو آهيان.

اشڪندرا يا سڪندر جو مشهور ۽ مضبوط قلعو هو. جڏهن عربن سنڌ جي راجڌاني فتح ڪئي ته راجا ڏاهر جي گهراڻي مان ڪن ماڻهن هن قلعي جو بچاءُ ڪيو هو. هتي مسلمانن جي ڏاڍي مزاحمت ڪئي وئي هئي. مزاهمت جو اهو حال ڏسي محمد به قاسم

دلشڪستو ٿي پيو هو، جيڪو پاڻ لشڪر جي ڪمان ڪري رهيو هو. اشڪندرا جي فتح ڪان پوءِ مسلمان ملتان ڏانهن روانا ٿيا هئا. معلوم ٿئي ٿو ته اهو شهر الور ۽ ملتان جي وچ تي ڪاٿي هو.

مان هن کي ڪا اڻ ٿيڻي ڳالهه ڪونه ٿو سمجهان ته سڪندر اعظم سڪندريا نالي جيڪي شهر قائم ڪيا هئا هي به انهن مان هڪ هو. شايد هيءُ اهو شهر آهي جيڪو هن سوگدي Sogdi علائقي ۾ تعميرڪرايو هو. جاءِ وقوع به سڪندريا نالي شهر سان هڪجهڙائي رکي ٿو. نالي به ذري گهٽ ساڳيو آهي. ايشيا ۾ هن شهر جي نالي جهڙو ٻيو شهر موجود ڪونه آهي. اسڪندر يا سڪندر، اليگزينڊر جو نالو آهي جيڪو عربي ۽ فارسي ۾ ائين لکيو ۽ چيو ويندو آهي. نَوَ سئو سال گذرڻ ڪان پوءِ هن شهر جي نالي جي اصليت باقي نه رهي هوندي. هن شهر ۾ هڪ خوبصورت بت هو جيڪو گهوڙي تي سوار هو. پوري ريت هٿيار بند هو ۽ سندس پوڄا ڪئي ويندي هئي. هندو ڌرم ۾ اهڙي قسم جي بت بابت پڙهيو سڻيو ڪونه اٿم، دل ۾ خيال پيدا ٿئي ٿو ته اهو مئڪدوني جهونجهار سڪندر جو بت هو جيڪو هن جي نالي واري شهر ۾ موجود هو ۽ ان جي پوڄا وغيره ڪئي ويندو هئي.

هيم ڪوٽ يا جهم ڪوٽ جو شهر راجپوت ملڪ جي راڄڌاني هو، جنهن جي ٿرڙ اڄ به پليار پرڳڻي ۾ ڏسي سگهجن ٿا. مون کي سندس وڏيڪ چاڻ ڪانه آهي. چيو ويندو آهي ته هندو ڌرم جي دئتن هن شهر جر تعمير ڪئي هئي. پر واري ٽڪري جي پٿر ۾ عجيب غريب قسم جي کوٽائي ۽ ٽڪ ٿيل ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جيڪا اڄ سوڌو موجود آهي. مٿي ڇت ۾ وري اهڙي گهاڙ ٿيل آهي جو پٿر، ڳئون جي اوھ ۽ ٿڻن جيان ڏسڻ ۾ ايندو، چوندا آهن ته ڪنهن سمي انهن ٿڻن مان کير وهندو هو، پر هاڻي ان بدران پاڻي وهندو آهي. چون ٿا اها ڪالي يوگا جي موجود هجڻ جي ثابتي آهي. مون کي شڪ ٿئي ٿو ته اهو هيم ڪوٽ ساڳيو ڪلان ڪوٽ ته نه آهي جنهن کي بعد ۾ تغلق آباد به سڏيو ويو جيڪو ٺٽي کان اولھ طرف ٿوري پنڌ تي آهي. مي نگر ٻارهين صدي عيسوي ۾ هي شهر اڱڙي ذات جي ماڻهن جي قبضي هيٺ هو ۽ ملتان جي ماتحت هو. امڪان آهي اَڱڙي ذات وارا


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

ماڻهو، هتي سمندر جي ڇڏيل ماڻهن جو اولاد هجن. (43) لوهاڻي درياهه تي آباد ۽ بهمانا ڪان تمام پري ڪونه هو ۽ هاڻي لڏي داد پور جي پرڳڻي ۾ آهي.

مٿي جيڪي پنهنجا بيان پيش ڪيا اٿم انهن ۾ سنڌو درياهه جي وهڪري بابت حقيقتون چونڊي پنهنجي راءِ جو اضهار ڪندس. ان سان گڏ هن درياهه جي وهڪرن ۽ سنڌ ملڪ بابت ڪن يورپي عالمن جا بيان ۽ رايا به ڏيندس. انهي مقصد سان ته جيئن ڏسي سگهجي ته ڪٿي اختلاف راءِ آهي ۽ جيڪڏهن اختلاف راءِ آهي ته ان جو سبب ڪهڙو آهي.

مان اڳئي سبب بيان ڪري آيو آهيان ته قديم دور ۾ درياهه بکر ۽ سيوهڻ جي پرسان ڪونه وهندو هو ۽ اتان وارو وهڪرو مکيه درياهه نه پر چاڙهه هو. مسلمان مورخن جو بيان آهي ته نيرون ڪوٽ جي فتح کان پوءِ محمد بن قاسم سيوهڻ ڏانهن روانو ٿيو. اهڙي ريت هي شهر به فتح ڪيو ويو . ان وقت بغداد مان سندس چاچي وٽان، ڪيس ڏاهر تي بنا دير حملي ڪرڻ جو حڪم پهتو هو (44) تنهن ڪري هو موٽ اچي نيرون ڪوٽ پهتو. هن هتي پهچي راجڌاني تي حملي ڪرڻ جون تياريون ڪيون. هن مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته سيوهڻ سنڌو جي ڪکيه وهڪري تي آباد ڪونه هو. اسان هن حقيقت کان بي خبر آهيون ته نيرون ڪوٽ سنڌو درياهه پرسان هوو چاڪاڻ ته ديبل جي فتح کان پوءِ فوجي سامان ۾ قلعي پچڻ جا اوزار پيڙين وسيلي حملي لاءِ نيرون ڪوٽ آندا ويا هئا. اهو سامان سنڌو جي ساڱري نالي واري چاڙهه سان آندو ويو هو. جيڪڏهن ان جاءِ جو پورو پتو پئجي وڃي ته عربن سنڌو ڪٿان پار ڪئي هئي ته جيڪر سارا منجهيل مامرا نبري وڃن. هڪ مورخ عربن جي پار اڪرڻ جون به جايون هڪ راوڙ ٻي جيور ٻڌائي آهي پر هن دور ۾ اهي ماڳ ۽ مڪان موجود ئي ڪونه آهن. هتي اها ڳالهه به نظر ٿي اچي ته عرب لشڪر ۾ هڪڙن جو خيال هو ته جتي ڏاهر آهي اتي وڃي مٿس حملو ڪجي. ٻين جو خيال هو ته برهمڻ آباد تي حملو ڪجي. منهنجو رايو آهي ان وقت عرب فوج برهمڻ آباد جي پرسان موجود هئي. پار اڪرڻ لاءِ جيڪي پيڙيون درڪار هيون تن جي ذميواري


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

به محمد بن قاسم تي رکي وجي ٿي. پر اها ڳالھ مناسب ڪانه ٿي لڳي. هن مهم بابت پهريون ته اسان کي اهو ٻڌايو وڃي ٿو ته عرب فوج سان گڏ پنهنجون ٻيڙيون هيون. معلوم ٿئي ٿو ته لشڪر پار اڪرڻ ۾ پنهنجيون ئي ٻيڙيو ڪتب آنديون هونديون.

مون قديم درياھ جي حوالي سان هڪ نقشو ڏنو آهي، جنهن ۾ اها ڳالھ ظاهر ٿي رهي آهي. ته عرب حقيقت ۾ درياھ جي ان پاسي هئا جنهن پسي الور جو شهر واقع هو. پر سيوهڻ کان وٺي الور تائين سارو علائقو برپٽ هو، تنهن ڪري الور ڏانهن انهي طرف کان پيش قدمي ڪرڻ ڏکيو مامرو هو. تنهن ڪري درياھ جي پر ڏيئي اڳتي وڌڻ شروع ڪيو هئائون. عرب فوج جا عملدار برهمڻ آباد تي حملي نه ڪرڻ ڪري محمد بن قاسم جي طرز عمل تي اعتراف ڪري رهيا هئا، امڪان آهي ته اهو ماگھ سندن ان رستي پرسان هو. مٿين حقيقت مان معلوم ٿئي ٿو ته عرب فوجن کي لوهاڻو درياھ پار اڪرڻو هو. پر پتو ڪونه ٿو پوي ته هنن پنهنجي ٻيڙا ڪتب چو نه آندا هئا. هن مان به ڳالهيون واضح ٿين ٿيون هڪ ته اهي ٻيڙا وڏا هئا، جن کي اڪارڻ ۾ استعمال ڪرڻ ڏکيو هو يا ته راجا ڏاهر پنهنجي فوج سان ٻئي ڪناري موجود هو.

مان وڏيڪ واسطي هتي بکر کان وٺي سمنڊ تائين سنڌو جو نقشو ڏيان ٿو. مون سان گڏ ڊاڪٽر ونيسنٽ Dr. Vincent به گڏ آهي جنهن ائرين ۽ ٻين يونانين جا ٻڌايل پنڌ ۽ پيچرا ڏئي ان دور جي سنڌو جي پراڻي پيٽ وارو وهڪرو ڏئي وڃي سمنڊ تائين نڪتو هو ۽ سردارن ۽ عام ماڻهن کي ائين الوداع ڪئي هئائين جيئن چڻ حقيقت هئي. گهڻي زماني گذري وڃڻ کان پوءِ سنڌو جو اهو وهڪرو ڳولي لڌائين، جيڪو سڪندر جي دور جو امڪاني وهڪرو هوندو.

## سوگدي پکر

مصنف، جنهن جو مٿي حوالو ڏنو ويو آهي، تنهن سوگدي کي پکر واري جاءِ تي سمجهيو، ڊي ائن ول جي ويچار موجب مذڪوره ٿاڪ هن نسل جي ماڻهن جو راڃڌاني هو. جيڪڏهن ايشيا جي تاريخن تي ويساھ ڪجي ته پکر جي شهر جو اچ کان ٻارهن


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

سئو سال اڳي وجود ئي ڪانه هو ۽ هي شهر مسلمانن اڏيو هو. مان ساڳي ذريعي جي آثار تي ايترو چئي سگهان ٿو ته سنڌو جي ڇاڙهه الور کي ڇڏڻ کان اڳ پکر پرسان ڪونه وهندي هئي. اهو ئي سبب هو جو ماڻهو الور کي ڇڏي اچي بکر ۾ آباد ٿيا هئا. ان ڳالهه جو امڪان ضرور آهي ته پکر شهر جي پرسان ڪاٺي سوگدي جو ٿاڪ به موجود هوندو. هن سمجهڻ لاءِ ڪافي سبب به آهن ته انهن جو علائقو سنڌو جي اوپر پار پري پري تائين پکڙيل هوندو هو. مون کي هي ڳالهه ٻڌائيندي شڪ ضرور ٿئي ٿو ته جن ماڻهن جو اسين بيان ڪري رهيا آهيون، سي اڄ وارا سوڍا راجپوت هجن ته ڪئت ناهي. موجوده دور ۾ اهو نسل سنڌ ۽ گجرات جي وچ وارا علائقا والاريون ويٺو آهي. پر ڪجهه صديون اڳ انهن ماڻهن جو امر ڪوٽ ۽ ان جي ماتحت علائقي تي قبضو هو ۽ سنڌ ۾ ڪين سردار سمجهيو ويندو هو. هي روايتون به اعتبار جوڳيون آهن ته قديم زماني ۾ الور کان اتر پارسندن خود مختيار حڪومت به قائم هئي. هن ڳالهه مان معلوم ائين ٿئي ٿو ته سوگدي ۽ سوڍن جو علائقو ذري گهٽ هڪ وچي بيهي ٿو، جيڪو ڊاڪٽر ونيسنٽ جي خيال جي پٺڀرائي ڪري ٿو، جنهن جو چوڻ آهي ته سندن راجڌاني الور کان اتر ۾ هن شهر ۽ ملتان جي وچ تي هئي.

ڊاڪٽر ونيسنٽ چوي ٿو ته، "اها ڪيڏي خوشي جي ڳالهه ٿئي جيڪڏهن ڪو مورخ چناب جي سنگم واري ٿاڪ کان وٺي ٺٽي تائين سنڌو جي پيٽ ۾ ڪنهن ٻيٽ جو ذڪر ڪري ها پر سندن ماٿ مان ائين لڳي ٿو سيئي هڪ خيال جا آهن. هن مان اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته اسان انومانن ۽ اندازن کان ڪجهه اڳتي وڌي ڪنهن حيثيت تي پهچي ويا آهيون جنهن مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته بيڪيئر Bekierسيڪئير Sekier ۽ ٽيڪئير Tekier نالي ٽي ماڳ هئا جيڪي منصوره جا ماتحت هئا " پهريائين نالي (بيڪئير جيڪو بيڪر(بکر) Bekker آهي ۽ منصوره جو نالو به صحيح آهي) ۾ هي صاحب غلط ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سيڪيئر کي ائين اڪبري ۾ ساڳي هجي ۾ لکيو ويو آهي. ٽيڪيئر کي ساڳئي ڪتاب ۾ هڪ قلعو ڪري بيان ڪيو ويو آهي. اهو ماڳ دي لارو ڪيٽي Dela

Rochetteجو لائو هيري Louheri لوهري آهي.

مان سنڌو جي وهڪري جي تبديلي جو ذڪر ڪري آيو آهيان، جيڪڏهن اها حقيقت آهي ته پوءِ اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي ته يونان وارن درياهه جي پيٽ ۾ موجوده ٻيٽ جو ذڪر چونه ڪيو آهي. سيڪيئر ته ظاهر ظهور سکر Sachar آهي، جيڪو سنڌو جي اولهه ڪناري ۽ زنق جي سامهون آهي، جيڪي لهري Lahri جي موجود شهر جا نواحي ڳوٺ آهن. ٽيڪيئر بابت منهنجو خيال آهي ٽگر Tiggirجو پرڳڻو آهي، جنهن کي نقشي ۾ درياهه جي اولهه ۽ بکر کان ڏکڻ پاسي ڏسي سگهجي ٿو. مان عجائب المخلوقات Ajaib al Makhlukatجي حوالي جي آڌار تي ڊي اَن ول سان سهمت آهيان . منهنجو خيال آهي ته منصوره جا ماڳ نصرپور وٽ آهن. نيوبيا Nubiaجي جاگرافيدان (46) جي حوالي جي آڌار تي ڊاڪٽر ونيسٽ چوي ٿو ته منصوره جو ماڳ بکر آهي. جڏهن سنڌو جي انهي دور جي ويچار ڪجي ٿو ته مون کي ٻين کان وڌيڪ ڊي اَن ول وڌيڪ صحيح معلوم ٿئي ٿو. مان اڳئي بيان ڪري آيو آهيان ته لهري، لوهر ڪوٽ Loharkot ۽ الور مختلف ماڳ آهن.

## ميوسي ڪئنس، اوڪسي ڪئنس، سيوي سوي ۽ سيهوڻ

ڊاڪٽر ونيسنٽ لکي ٿو ته "سيوي کيSevi ، شواءِ Sewie ، شواهڻ Sehowan ، سهوڻ Sihwan ۽ سڪوان Schwan جي هجي ۾ به لکيو ويندو آهي. هنن سڀني نالن سان ڪنهن هڪ ماڳ کي صحيح معنٰي ۾ سڃاڻڻ ڪا سولي ڳالهه ڪانه ٿيندي. اسان جا نقشا به هن ماڳ لاءِ اهي سڀئي ساڳيا نالا ڏيکارين ٿا. آئين اڪبري سيوهڻ ۽ سوي جي وچ تي جبلن جو هڪ بگهو سلسلو ڏيکاري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو ته اهي ٻئي جدا جايون آهي، توڙي جو هڪ ئي سرڪار ۾ موجود آهي." سيوهڻ جي مختصر احوال ۾ مان اڳتي ٻڌائي آهيو آهيان ته هن کي ڪڏهن به سيوي جي نالي سان سڏيو ڪونه ويو آهي. هيءُ هڪ جدا علائقو آهي جيڪو بکر جي اولهه پاسي ۾ قنڌاڙ ڏانهن ويندڙ رستي سان آهي. هن علائقي جا اصلي رهاڪو سيوس


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

Sewesيا سئبز Sabiz هئا. ڇهين صدي ۾ هن قبيلي جي راجڌاني ڪاڪا راڄ Kakaraj (47) نالي هڪ شهر هوندو هو. مذڪوره علائقي ۾ هڪ وڏو قلعو هوندو هوجنهن جو نالو سوي هو، جيڪو هڪ جبل جي ڪڇ ۾ هوندو هو. هتي هر هڪ پٿر گول شڪل جو هوندو هو. هن مامري مان ايترو چئي سگهندس ته اهو نالو هندن جي مهاديو شوِ تان ورتل آهي، جنهن جي لنگ جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. ان ڪري پٿر گول شڪل جا هوندا هئا. مان هن ڳالهه ڏانهن به اشاري ڪرڻ جي جرئت ڪندس ته سيوس يا سئبز اهي ماڻهو آهن جن کي ائرين سلو ڪري سڏيو آهي، جيڪي هرڪيولس Herculesجي پوڄا ڪندا هئا، ۽ پنهنجي چوپائي مال کي ڏنبو ڏئي ڪي خاص نشان ظاهر ڪندا هئا. هندن ۾ اڄ به عام رسم آهي ته ڳابي تي ترشول Treident جو ڏنبو ڏيندا آهن (48) ۽ ان ڪان پوءِ شو ديوتا جي ٻل چاڙهڻ لاءِ کيس ڳور ڇڏي ڏيندا آهن. هي صوي Sewiاصلي سيوي Seewee آهي جنهن جو ابوالفضل ذڪر ڪيو آهي. هيءُ ٺاڪ سيوهڻ کان ماڳن ٻيو آهي، جنهن کي مون سيوي Sewieجي نالي سان ڪڏهن به ڪونه ٻڌو آهي.

ڊاڪٽر ونيسينٽ جو خيال آهي ته مئسيڪنس سيوي ۽ سيوهڻ جا امڪاني راجا هئا. مون کي هن ڳالهه تي ڪونه اعتراض ڪونه آهي. مان هنن راجائن جي نالن جي لغت تي ڪجهه بحث ۽ چنڊ ڇاڻ ڪرڻ چاهيان ٿو ۽ حقيقت هٿ ڪرڻ واسطي ڪن اصولن تي مدار رکڻو پوندو. سيوهڻ اهڙو نالو آهي جيڪو سنڌ ۾ تمام گهڻو مشهور آهي. تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو ته سيوهڻ شهر جي بنياد رکڻ واري ماڻهو جو نالو به اهو هو. پر مان هن شهر کي اوڪس يهوهڻ Ox Sehwanيا مسڪوان Muschwan سڏي ڪونه ٿو سگهان ۽ ائين سمجهڻ لاءِ ڪي سبب به ڏسڻ ۾ ڪونه ٿا اچن ، اوچ outhch لفظ جي معنٰي آهي (49) مڻ Mand ۽ هي پنجابي ٻولي جو لفظ آهي. هن زبان سان سنڌي ٻولي به هڪجهڙائي رکي ٿي. مو Mu يا موء Mouشهر جو بنياد پنجين صدي عيسوي دوران راءِ سهاسي جي زماني ۾ رکيو ويو هو. پر اڄ ڪلهه واري دور ۾ هن لفظ جي معنٰي جو ڪو به پتو ڪونه ٿو پوي، توڙي اسان کي پڪ آهي ته ان لفظ

جو هتان جي ٻولي سان واسطو آهي. ڊاڪٽر ونيسنٽ جي راءِ موجب مان ڪٽي مئسي ڪئنس کي سيوهڻ جو راجا سمجهان پر هن نظريي ۾ ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن، جيڪي منهنجي خيال سان سهمت نه آهن. مثال طور هن جي راڄ جي حد ڪهڙي قائم ڪجي، ٻي ڳالهه اها به ته سندس راجڌاني درياهه جي ڪنار سان يا ان جي پرسان هئي. پر ٻئي پاسي کان مان هن خيال جو آهيان اڳي درياهه سيوهڻ وهندو ئي ڪونه هو. ان ڪري مذڪوره نظريي تان هٿ کڻڻو پوندو. ڊاڪٽر جي قائم ڪيل نظريي بابت بيان ڪندي پنهنجي خيال جو اظهار هن ريت ڪندس ته مان ڊاڪٽر ونيسنٽ جي مئسي ڪئنس ۽ اوڪسي ڪئنس جي حڪومتن ۾ ٿوري بدل سدل ڪرڻ چاهيان ٿو يعني اوڪس ڪئنس کي سيوهڻ واري علائقي ۽ مئسي ڪئنس کي سيوهڻ ۽ پراڻ جي وچ تي، الور ۽ ٻهمانا جي وچ واري علائقي جو راجا سمجهان ٿو. هن جوڙجڪ سان هي ڳالهه طئه ٿي ويندي ته راجا اوڪسي ڪئنس جو راڄ لکي Lakhi جي جابلو سلسلي ۾ مئسي ڪئنس جي راڄ جي وچ تي هو. جيڪڏهن مئسي ڪئنس کي سيوهڻ وارين حدن ۾ رکنداسين ته فاضل مصنف لاءِ اهڙو علائقو رهندوئي ڪونه جنهن لاءِ پڪ سان چئي سگهي ٿو ڪهڙو علاقو راجا جي راڄ ۾ هو. مان ڊاڪٽر صاحب سان هن ڳالهه ۾ سهمت آهيان ته راجا سامبس لکي واري جابلو سلسلي واري علائقي جو راجا هو. هن علائقو جو بيان ايترو چٽو آهي جو ان علائقي جون جاگرافيائي حالتون ايتريون پڪيون آهن جو هزارن سان جي هيٺ مٿاهين کان پوءِ بدلجي ڪونه سگهنديون آهن. هتي مان هم اهم ڳالهه ڏانهن اوهان جي ڌيان ڇڪائڻ جي ڪوشش ڪندس ته سنڌو جي وهڪري پرسان لکي وارو لڪ موجود آهي. جيڪڏهن سنڌو سڪندر جي دور ۾ هتان وهندو هجي ها ته يونان جا مورخ هن اهم لڪ کي ڪونه وسارن ها. هي لڪ لنگهن ۾ ڏاڍو ڏکيو آهي (50) جيڪو لنگهي هڪدم ئي درياهه مٿان اچي بيهبو. جيڪڏهن راجا سامبس کي جابلو علائقي جو راجا سمجهنداسين ته سندس راجڌاني سنڌيماڻ کي سولائي سان ڳولي ڪونه سنگهنداسين. ان جو سبب اهو آهي جو اهو لفظ ملڪ جي نالي سان به واسطو رکي ٿو ته درياهه جي نالي سان به


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

تعلق اٿس ۽ سنڌين جي ابي ڏاڏي ۽ هند ڀاءُ جو نانءُ به سنڌ هو. هنن سڀني ڳالهين ڪري سمجهڻ ڪپي ته سنڌيماڻ ضرور هڪ اهم شهر هوندو.

ڊاڪٽر ونيسنٽ پٿالا کي ڳولي لهڻ لاءِ واٽون ولاڙيندو ٿو وتي ته آءٌ به هن جا پنڌ پوچرا رَند ۽ راهون پڇائي ڪڍ لڳي پيو آهيان . پت پچا ڳاچا ڪرڻ کان اڳ ۾ انهن حقيقتن کي پيٺائي ڏسي رهيو آهيان ته سنڌو جي ڦاٽ پراڻ جي موضوع تي چا چا چيو ويو آهي.

سڪندر جي حملي کان اٺ سئو سال پوءِ سنڌ ۾ مختلف راجائون راڄ ڪري رهيا هئا. اهي ڪنهن سگهاري حڪومت جا ڏن پرو ضرور هئا، پر اندروني مامرن ۾ هو خودمختيار ۽ آزاد هئا، يا ائين ڪٺي چئجي ته الور کي حڪمرانن جي ماتحت هئا. ان سن گڏ اسان کي راءِ ڏاهر جي حڪمت جي حالتن مان پتو پوي ٿو ته هي راجا پنهنجي گهراڻي جي ٻين راجائن جيان سگهارو هو. پر اهو به ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته سنڌو جي چوڙ واري علائقي ۾ رهندڙ سامونڊي ڌاڙيلن تي سندس وس پڇندي ڪانه هئي. ٿي سگهي ٿو ته اتان جا راجا هن جا مقرر ڪيل ڪونه هئا ان ڪري سندس حڪومت جا تابعدار ڪونه هئا. جنهن دور جو اسان هاڻي ذڪر ڪري رهيا آهيون، تنهن زماني ۾ سنڌ ملڪ جي راجائن جون هيٺين ريت راجڌانيون هوندون هيون.

ديول حڪمران_ جاهين ڀاداBhada

نيرون ڪوٽ حڪمران (شمني، سمنا Samna )

سيوهڻ حڪمران، ٻجيراءِ ٻچوراءِ Batchera پٽ چود رام (چوئٽ رام)

Chuad rame

الو حڪمران، راجا ڏاهر پاڻ

سيوي حڪمران، ڀادا (ٻڊو) Bhada پٽ ڪاڪو

هاڻي اسان کي پيٺائي ڏسڻو پوندو ته سڪندر واري دور ۾ به سنڌ جي سياسي جوڙجڪ ائين يا ڪنهن ٻئي نموني هئي. ائرين جو بيان آهي ته " جڏهن سڪندر مئسي ڪئنس جي راڄ ۾ پهتو. مليل اطلاعن مان چاڻ پئي آهي ته هند جي سڀني ملڪن مان سندس ملڪ وڌيڪ شاهوڪار هو." هن معلومات موجب مان هن کي الور جو

راجا سمجهان ٿو. چاڪان ته ويساهه جوڳن تاريخي حوالن مطابق سڪندر جي حملي کان نو سئو سال پوءِ به هي ٿاڪ هڪ سکي ستابي ۽ دولتمند علائقي جي راجڌاني هو. جيڪڏهن مامرو منجهيل آهي، ته پوءِ اسان کي نو سئو سالن بدران ڇهه سئو سال سمجهڻ گهرجي. الور کي مئسي ڪئنس جي راجڌاني سمجهڻ کان پوءِ، ڏکڻ پار، پراڻ ۽ لوهاڻي دريا وارا علائقا به سندس ملڪ جي دنگ ۾ سمجهان ٿو. ان نقطئه نگاهه کان سوگدي وارو علائقو الور کان اتر درياهه جي ڪناري سان موجود هجڻ گهرجي. منهنجي خيال ۾ اهو خطو ملتان ۽ الور جي وچ ۾ هوندو. مان اڳي به ذڪر ڪري آيو آهيان ته سوڍا راجپوت هڪ وسيع علائقي ۾ رهندا هئا، جتي سندن سگهاري حڪومت قائم هئي. سندن حڪومت بابت اسان کي پوري ريت خبر آهي ته اها الور کان گهڻو اتر طرف هئي. هن قبيلي جي رهڻ واسطي هي به چڱو وسيع خطو آهي.

اوڪسي ڪئنس کي مان سيوي جڳ راجا سمجهان ٿو. ائرين جو بيان آهي ته ”سڪندر مئسي ڪئنس جي راجڌاني ۾ هڪ قلعو تعمير ڪرائي اتي پنهنجي فوج رهائي. بعد ۾ هيءَ پنهنجي تير انداز، ائگريان وارو فوجي دستو، گهوڙي سوار دستا ۽ درياهي فوج وٺي پر واري راجا اوڪسي ڪئنس تي هلان ڪئي.“ سڪندر جو فوجي مهندرا ڪرايٽرس فوج جي وڏي ڀاڱي سان درياهه جي اوپر يا ڪاڀي پاسي موجود هو، جنهن ۾ درياهي فوج به شامل هئي. اوڪسي ڪئنس درياهه جي ساڄي پاسي هو ته پوءِ سڪندر کي درياهي فوج وٺي وڃڻ جي ضرورت ڇو محسوس ٿي هئي. چاڪاڻ ته اهو ڪم ته ڪرايٽرس جي درياهي فوج به سرانجام ڏيئي پئي سگهي. الور جي ناتي سان سيوي جي جاءِ وقوع، ائرين جي بيان ڪيل ٻين راجائن جي راج سان سهمت آهي. جيستائين ڪو قديم شهر ۽ حڪومت سيوهڻ ۽ بکر جر وچ تي موجود نه هوندي، تيستائين مامرو منجهيل رهندو ۽ ڪا ڳالهه سمجهه ۾ ڪانه ايندي. مان راجا اوڪئنس لاءِسيوي کان وڌيڪ ٻي ڪا مناسب جاءِ ڪونه ٿو سمجهان. هن مامري م ڊاڪٽر ونيسنٽ به ڪنهن حد تائين مون سان متفق آهي. سندس بيان آهي ته سيوي ۽ سيوهڻ ٻه جدا ماڳ ثابت


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

ڪرڻا پوندا. سندس دعويٰ آهي ت انهن مان هڪ تي راجا مئسي ڪئنس ۽ ٻئي تي راجا اوڪسي ڪئنس راڄ ڪندو هو.

مان سمجهان ٿو سيوهڻ واري علائقي تي رجا سامبس راڄ ڪندو هو. سمجهيو وڃي ٿو ته هن راجا، سڪندر سان سوگدي واري علائقي ۾ وڃي ملاقات ڪئي هئي. جيڪي ڳالهيون ٻنهي جي وچ ۾ طئه ٿيون تن مان هڪ به سوگدي جي علائقي ۾ مجود ڪونه آهي. انهن مان هڪ ڳالهه اها هئي ته "سامبس کي هڪ جابلو علائقي جو راجا مقرر ڪيو ويو هو." اهي پارپتا سيوهڻ واري علائقي جا آهن، جنهن ۾ لڪي وارو جابلو سلسلو موجود آهي. سامبس کي ان ڪري اتان جو راجا مقرر ڪيو ويو هوندو . چاڪاڻ جو هو اتان جو رهواسي هو ۽ اتان جي قبيلن ۾ سندس اثر رسوخ هوندو. سيوهڻ لاءِ چيو ويندو آهي ته اهو نهايت پراڻو شهر آهي. ان جي قدامت ڪري سمجهيو ويندو آهي ته سنڌين جي ابي ڏاڏي ۽ هند جي پاءُ سان سنڌ جي ڦري مان ڪنهن هن جهوني شهر جو بنياد رکيو هو ۽ ان جي نالي پٺيان سڏجڻ لڳو. سيوهڻ کي راجا سامبس جي راجڌاني سمجهي ۽ ان ئي شهر کي اسان سنڌومان به سمجهون ٿا. چاڪاڻ ته سنڌ ۾ ٻيو اهڙو ڪو پراڻو شهر موجود ئي ڪونه آهي جو نالي ۽ جاءِ وقوع جي لحاظ کان ايتري هڪجهڙائي رکندڙ هجي.سڪندر سمنڊ ڏانهن ويندي هيٺ سنڌو سان هاڪاريو هو. سفر دوران ڪيترائي راجائون اچي ساڻس مليا هئا ۽ پنهنجي حڪومتن بابت ساڻس ڳالهايو هو. يونان جي مورخن سندس اٿڻ ويهڻ مان سندن ملڪ جي پيدا وارين ذريعن، دولت ۽ زندگي جي معيار کي سمجهي ورتو هو. جيڪڏهن اسان اوڪسي ڪئنس، سيوسي ڪئنس ۽ سامبس کي سيوهڻ ۽ جابلو علائقي جا راجا سمجهنداسون ته مان اعتراف ڪريان ٿو ته مان ڪڏهن به اهو مشهور ملڪ ڳولي لهي ڪونه سگهندس.

هاڻي مان موضوع جي ان حصي ڏانهن اچان ٿو جنهن کي هاڻي سهڻي نموني سمجهي سوچي طئه ڪرڻ گهرجي. هن موضوع جو سڪندر جي سنڌو سان هيٺ هاڪارڻ سان واسطو آهي. چوڙ واري علائقي جي نهايت قديم شهر پٽالا جي ڳولا لاءِ وڏي سوچ ويچار کان

ڪم وٺي هن جاءِ جو نقشو ڪڍي گهڻو ڪجهه جاکوڙيو ويو آهي. پر پوءِ به سڪندر جي درياهي سفر جو هي ڀاڱو اڃا به اونداهو آهي.

ڊاڪٽر ونيسنٽ هن ويچار جو آهي ائرين وارو پٽالا، برهمڻ آباد کي سمجهڻ گهرجي. سندس هن راءِ سان آءٌ متفق آهيان. پر برهمڻ آباد جنهن جاءِ تي هي مصنف ٻڌائي ٿو ان جاءِ وقوع سان مان اختلاف رکان ٿو. مان هن شهر کي چوڙ واري قديم علائقي جي شروعاتي نقطي وٽ سمجهان ٿو. ان جي بدران ڊاڪٽر ونيسنٽ هن شهر کي ننڍي چوڙ واري معمولي علائقي جي شروعات وٽ سمجهي ٿو. هاڻي اهو شهر ناس ٿي متجي ويو آهي. هن موضوع جي ناتي سان ايشيا جي جن تاريخن جو مون مطالعو ڪيو آهي، تن سڀني جو مولفن جو خيال آهي ته سڪندر جي اچڻ کي ڪي زمانا اڳ زير بحث علائقي تان سمنڊ چڙهي ويو هو. پنهنجي نقطئه نظر جي اختلاف ڪارڻ مان سنڌو جي چوڙ واري علائقي مان پنهنجي سونهين ڊاڪٽر ونيسنٽ کي ڇڏي پنهنجي جاکوڙ ڪرڻ شروع ڪيان ٿو ۽ پٽالا کي اتي ڳولڻ جا جتن ڪيان ٿو، جتي ان کي هجڻ کپي. پر ان جڳهه تي نه، جتي ڊاڪٽر ونيسنٽ سمجهي ٿو جيڪو پوئين دور جو ننڍڙي چوڙ واري علائقي جي شروعات وٽ آهي.

پٽالا جو ماڳ ميوسي ڪئنس جي ملڪ کان هيٺيان واقع هو. سڪندر راجا سامبس سان جنگ ڪرڻ ۾ رڌل هو، پٽالا جو راجا وڃي ڪيس اتي مليو هو. جڏهن ميوسي ڪئنس بغاوت ڪئي ته سڪندر جنرل پيٿان کي اوڏاهن موڪليو. هي فوجي مهندرا پنهنجو لشڪر وٺي ميوسي ڪئنس تي ڪاهي ويو. ميوسي ڪئنس سندس مقابلو ڪيو پر ڪيس شڪست آئي. پيٿان موٽي سڪندر جي ڪئمپ ۾ آيو. سندس درياهي لشڪر ۾ ميوسي ڪئنس به موجود هو جيڪو سنگهرن ۾ سوگهو هو. مان هنن واقعن مان هي ڳالهه سمجهڻ تي مجبور آهيان ته سمڪندر جو درياهي لشڪر ميوسي ڪئنس جي راجڌاني کين ڪجهه فاصلو هيٺ هليو ويو هو. جڏهن سامبس خلاف حملو ڪيو ويو هو ته درياهي فوج جي موجودگي نظر ڪانه ٿي اچي. ان ڪري امڪان اهو نظر ٿو اچي ته سڪندر برهمڻ جي شهر کي ناس ڪرڻ کان پوءِ پيٿان کي اڳتي روانو ڪري پاڻ ٻيڙين


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

وٽ موٽي آيو، جيڪو سندس انتظار ۾ درياهه اندر بيٺل هيون ۽ پيٽان جي موٽي اچڻ تائين اتي رهيو پيو هو. سڪندر ٿي ڏينهن درياهي سفر ڪيو. جڏهن ڪيس چاڻ ملي ته پٽالا جو راجا ڀڄي ويو آهي ته بکر هاڪاري وجي پٽالا پهتو. ڊاڪٽر ونيسنٽ جي بيان مان هي حقيقت ظاهر ٿئي ٿي ته هو بکر کان هلي پٽالا تائين پهچڻ ۾ سڪندر کي وقت ڏئي ٿو ۽ پنهنجي حساب سان ميوسي ڪئنس کي سيوهڻ جو راجا سمجهي ٿو. پر جيڪڏهن اسان فرض ڪريون ميوسي ڪئنس سيوهڻ جو راجا آهي ته به سڪندر کي مٿي ڪيل وقت اندر ونيسنٽ جي پٽالا پهچڻ لاءِ به سئو ميل پنڌ ڪرڻو آهي. جيڪڏهن ميوسي ڪئنس کي الور جو راجا سمجهيو وڃي جيڪو ذري گهٽ بکر واري ويڪرائي ڦاڪ ۾ آهي ۽ پٽالا کي قديم برهمڻ آباد سمجهون، جيڪو قديم زماني ۾ چوڙ واري علائقي جي شروعات وارو ٿاڪ هو ته نڪ سامهون پنڌ جي حساب سان سڪندر جو هڪ سئو ميل فاصلو گهٽجي ويندو ۽ درياهه جي ورن وڪڙن سان اهو ساڳيو فاصلو وڃي ڏيڍ سئو ميل بيهندو جيڪو وسٽ جي لحاظ سان غير مناسب ڪونه ٿو لڳي. جيڪڏهن سڪندر ميوسي ڪئنس جي راڄڌاني کان اڳتي نڪري وڃي ٿو ته پوءِ اهو فاصلو اهميت جو حامل نه آهي.

ٻين به گهڻين ڳالهين ۾ برهمڻ آباد ۽ پٽالا جي وچ ۾ گهڻي هڪ جهڙائي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اهو به چيو ويندو آهي ته پٽالا جو راجا سمڪندر جي پهچڻ کان اڳ اتان نڪري رڻ پٽ ڏانهن هليو ويو. جيڪڏهن اسان ان رڻ پٽ کي واري وارو علائقو سمجهون، (منهنجو پنهنجو ويچار به ائين چئي ٿو) ته غلط ڪونه ٿيندو. چاڪاڻ ته بهمانا جي سامهون پراڻ درياهه جي پرسان ان وارياسي علائقي جي شروعات ٿئي ٿي. وڌيڪ ثابتي اسان کي هن واقعي مان ملي ٿي ان علائقي مان وري اڏامي اچي خود ان شهر کي تباهه ڪيو هو. ٻي ڳالهه ته پٽالا شهر جي ويڪرائي ڦاڪ ۾ سارو علائقو وارياسو آهي. ائرين جو به اهڙو ئي بيان آهي ته مذڪوره علائقي ۾ ڪوهه ڪونه آهن. وارياسي علائقي جو بيان چوڙ جي صفا هيٺين علائقي سان سهمت ڪونه آهي. جيڪڏهن اسان پٽالا کي ٺٽي جي اوسي پاسي واري

علائقي ۾ سمجهنداسون، ته اتي ويجهي چڪ ۾ ڪاٺي اهڙو وارياسو علائقو نظر ڪونه ايندو جنهن جو مٿي بيان ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن اهو شهر درياهه جي اولهه پاسي هجي ها ته ان تي يونان وارا سولائي سان حملو ڪري سگهن ها. ڇاڪاڻ ته اهي درياهه جي الهندي پاسي سان اڳتي وڌي رهيا هئا. ڊاڪٽر ونيسنٽ جي ٻڌايل ڇوڙ واري علائقي جي صورتحال ۾ اهڙو ٻڌايو ويو آهي جو سمجهه ۾ اچي ٿو ته پٽالا جي اوپر ۾ ويجهو ڪوبه واريا‌سو علائقو موجود ڪونه هو. پر ان جي بدران گهڻي فاصلي ته ضرور آهي، جيڪو حقيقي صورتحال سان سهمت نه آهي.

ائرين ٻي حقيقت ڏانهن به ڌيان ڇڪايو آهي جيڪا پيادل، مسلح ۽ نيم مسلح ۽ گهوڙي سوار فوج جي پيش قدمي سان واسطو رکي ٿي. سندس بيان آهي ته مذڪوره، “فوج پٽالا جي ٻيٽ تان پيش قدمي ڪري درياهه جي ٻي ڪناري سان اڳتي وڌندڙ لشڪر سان وڃي ملي هئي.” جيڪڏهن اسان فرض ڪريون ته پٽالا اهو ئي ماڳ آهي، جيڪو ڊاڪٽر ونيسنٽ سمجهي ٿو هڪ سوال ذهن ۾ اڀري ٿو ته نَون هزارن تي مشتمل اهو لشڪر ڪهڙي مقصد سان ٺٽي کان لاهري بندر پهتو۽ وچ وارو رستو، ڪيترين درياهي ڇاڙهن، ڍنڍن، ڍورن ۽ پاڻي جي وڏين ڇَرُن ڪري ڏايو ڏکيوبه هو. ان کان علاوه اهو سمجهڻ به ڏکيو آهي ته ٺٽي ۽ لاهري بندرجي وچ ته آخر اهو ڪهڙو ايڏو وڏو اهم علائقو هو، جنهن ڪارڻ فوج کي ايڏا ڪشالا ڪڍنا پيا هئا. ان ڇوڙ واري علائقي، ٺٽي ۽ لاهري بندر جي نقشي جو حوالو ڏيندي ائرين جي مٿئين بيان ڪيل حوالي جي (جيڪڏهن مسٽر روڪ صحيح آهي) غلط معنٰي ڪڍي وئي آهي.

منهنجو پهريون مکيه اعتراض، بهمانا جي سمونڊ لان پري هجڻ واري فاصلي تي آهي جنهن کي مان پٽالا سمجهان ٿو. مان ڪنهن به پراڻي تاريخ ۾ اهو حوالو ڪونه ڏٺو آهي جنهن ۾ ٻڌايل هجي ته پٽالا سمونڊ کان ڪيترو پري هو. پر اسان کي ائرين جي مطالعي مان پتو پئجي سگهي ٿو ته، سڪندر پٽالا مان سنڌو جي ساڄي پاسي واري ڦاٽ سان هاڪاريو هو. پر هن پنهنجي دوست ۽ فوجي مهندار “هيفاسيشن کي پٽالا انهي مقصد سان موڪليو هو ته


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

جيئن هو اتي وڃي قلعو تعمير ڪرائي.” هن مان انومان ڪري سگهجي ٿو ته سڪندر پاڻ شهر ۾ موجود ڪونه هو. پر اتان کان گهڻو پنڌ پري هو ۽ پٽالا جي راجا جو پيڇو ڪري رهيو هو. امڪان آهي ته اهو راجا پنهنجي لشڪر سميت سنڌو جي ساڄي اوڀارين چاڙهه ڏئي گهڻو پنڌ اڳتي نڪري ويو هو. هن درياهه جي ناتي سان مون هڪ نقشو (51) ڏنو آهي، جنهن ۾ سندس قديم وهڪري کي اجاگر ڪرڻ جا جتن ڪيا اٿم. ان نقشي ۾ اوهان کي هي ڳالهه ضرور نظر ايندي ته بهمانا کان سنڌو جي الهندي چاڙهه وسيلي سمنڊ تائين فاصلو، نئي کان لاهري بندر وٽ درياهي چوڙ تائين پنڌ کان گهڻو قديم ڪونه آهي. حالتن مان معلوم ائين ٿي رهيو آهي ته موجوده دور جي چوڙ وارو سارو علائقو سمونڊ هيٺ هو ۽ ڪنهن پوئين زماني ۾ سمنڊ اتان چڙهي ويو آهي. اهڙو ذڪر ڪيترن مورخن پنهنجن ڪتابن ۾ ڪيو آهي. ان علائقي جي ڌرتي جو مٽاڇرو به اهڙي ثابتي ڏئي ٿو. ماڻهن جي يادگيرين ۾ به اهڙيون ڳالهيون محفوظ آهن. معلوم ائين ٿئي ٿو ته سمنڊ اڃا به هٽندو پوئتي وڃي رهيو آهي.

ٿالمي، سنڌو جي الهندي چاڙهه جو نالو ساڳاپا ٻڌائي ٿو. سندس چوڻ آهي مذڪوره درياهه جي قديم اڀرندي چاڙهه جو نالو لوڻي ٻاري هو. (52) هو سنڌو جي وهڪري جي جاگرافي ٻڌائيندي چوي ٿو ته هي درياهه نئي کان مٿي به درياهي جي صورت ۾ ورهائجي ويندو هو ۽ ستن چوڙن وسيلي وڃي سمونڊ ۾ پوندو هو. پر انهن چوڙهن کي درياهه جون چاڙهون چئي ڪونه ٿو سگهجي. هن درياهه جي وهڪري جي اصول بابت منهنجا پنهنجا ويچار الڳ آهن جيڪي مان ڪنهن قديم جاگرافيدان کي مطالعي ڪرڻ کان سواءِ پاڻ ٺاهيا آهن. مون سنڌو جي وهڪري بابت جيڪو نقشو تيار ڪيو آهي، سو پلي ٿالمي جي تيار ڪيل نقشي سان ڀيٽائي ڏسو ته منجهن گهڻي قدر هڪجهڙائي ڏسڻ ۾ ايندي. ٻن پرسان وهندڙ درياهي چاڙهن جا نالا به هڪ جهڙا آهن. مان جنهن چاڙهه جو نالو ساگرو يا ساگر ڪري لکيو آهي تنهن جو نالو ٿالمي ساگاپا ڪري ڏنو آهي. سنڌو جي صفا الهندي چاڙهه جو نالو اهو هوندو هو. قديم دور ۾ جنهن وهڪري کي لوڻي ٻاري سڏيو ويندو هو، تنهن کي لکپت درياهه به سڏيو ويندو هو.

(54) ان جو هاڻي نالو لوڻي آهي. هاڻي مان موٽي پنهنجي اصلي موضوع تي اچان ٿو. منهنجي گذارش آهي ته مون کي هڪ اهڙي علائقي جي نالي جي موڪل ڏني وڃي جنهن جي خبر شايد ماڻهن کي گهٽ هجي.

ڪڇ جي ساموندي ڪاري ڪڇ ملڪ ۽ گجرات جي اپٻيٽ کي جدا ڪندي آهي. جتي هي ساموندي ڪاري ختم ٿئي ٿي، اتان کان ڌرتي جو هڪ غير آباد پٽو جنهن کي پاڻي ۽ رڻ سڏيو وڃي سو اتر ڪڇ کان ڦري لکپت بندر جي اولهه ۾ اچي پورو ٿئي ٿو. جولاءِ کان وٺي آڪٽوبر مهيني تائين، ڌرتي جو هي پٽو پاڻي هيٺ هوندو آهي ۽ ڪڇ جو ملڪ جڻ هڪ ٻيٽ ڏسبو آهي. اهو پاڻي (55) لڪي جي جابلو علائقي جي نئين وسيلي اچي ڪڇ ۾ رسندو آهي.

لڪي جو هي علائقو ڪڇ جي وچ مان اوپر کان اولهه ويندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. سندس اتر پاسي وارين نئين جو پاڻي ڪڇ جي چوڌاري ڦري ايندو آهي، جنهن جو مٿي بيان اچي ويو آهي. پر ڏاکڻين پاسي وارين نئين ۾ پلر جي پالوٽ جي رت کان سواءِ سڪل هونديون آهن يا منجهن ڍُبا تلاءِ بيٺل هوندا آهن. منن نئين کان علاوه ٻيون به ڪي نئيون هيون جيڪي اتر پار کان اچي رڻ مان ڌوڪي ڌرتي جي هن پٽي ۾ چوڙ ڪنديون هيون. منجهائنئن هاگرا Haggra(56) (هاڪرو) ۽ نارگلي Nargali هيون. اهي نئيون هيون جيڪي ٿورو اتر پار کان پراڻ ۾ وهنديون هيون. ٻنهي نئين جا وهڪرا هڪ ٻئي کان ڌار هئا. نارگلي نئن امر ڪوٽ کان ستن ميلن جي فاصلي تي، کيٽي Khetti کان اوپر پار اچي پاني Bhanni ۾ چوڙ ڪندي هئي.

مان اڳي به چئي آيو آهيان ته پراڻ جو وهڪرو هن هيٺاهين جوءِ م پهچندو هو ته جاڏي ڪاڏي پکڙجي ويندو هو. پر سندس آر اوپر ڏس تي ڪجهه مڙوئي سرس هوندو هو. چاڙهه جي رت ۾ خاص ڪري هتي پاڻي جي وڏي چر ٿي ويندي هئي. ان موسم جي ڪنهن خاصي حصي ۾ ان پاڻي جو وڏو ڀاڱو مٺي پاڻي تي مشتمل هوندو هو. جيڪڏهن پاڻي ۾ اجا به وڌيڪ چاڙهه اچي ويندو هو ته ڌوڪي وڃي ڪڇ جي ڪار ۾ پوندو هو. ڏکڻ اولهه جي چوماسي جي وڏن


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

وسڪارن ۾ به اڄ سوڌو رڻ جي اولهه واري آريسر نالي حصي مان ڪافي پاڻي ڏوڪي اچي هن ڪاري ۾ پوي ٿو. جڏهن پراڻ جي چاڙهه سمونڊ جي پاڻي کي روڪي ڪانه سگهي. جيڪو ڏکڻ اولهه جي چوماسي دوران ڪاهي اچي ڪڇ جي پٽن تي پوندو هو ۽ جيڪي بيٺل فصل هوندا هئا سي ته ناس ٿي ويندا هئا، پر زمين جي ذرخيزي کي به تباهه ڪري ڇڏيندو هو. (57) آخرڪار اها زمين به ڪڇ جي رڻ جيان غيرآباد ٿي وئي. فرق رڳو ايترو آهي جو رڻ پٽ وارو علائقو پٽن سان پريل آهي ۽ هن جوءِ جي زمين ڪجهه سزت ۽ سنوت واري آهي. اڳئين علائقي کي ڪڇ جو رڻ سڏيو ويندو آهي. هندي ٻولي ۾ هن کي ارن (آرڻ ) Erun (58) چئجي ٿو. منهنجي خيال ۾ هن لفظ جي معنٰي ”رڻ پٽ“ ٿيندي جيڪو پار ڪرڻ ۾ ڏکيو ۽ اٽائو هجي. هن کان سواءِ هن لفظ جي معنٰي جنگ جو ميدان به نڪري ٿي يا هو علائقو جتي جن ۽ ديو رهن.

نارائڻ سر ۽ ڪوٽي سر (59) هندن جا مشهور تيرٿ آهن. اهڙو ذڪر مٿي ڪاٿي به ڪيو ويو آهي. هي ٻئي شهي سنڌو جي لکپت ڏانهن ويندڙ چاڙهه جي اوڀارئين ڪنار سان آباد آهن، جيڪي چوڙ واري ٿاڪ کان ٻارنهن يا پندرهن ميل مٿي آهن. چيو ويندو آهي ته هي شهر هندن جي ٻين قديم تيرٿ گاهن جيترا پراڻا آهن. اهو به چيو ويندو آهي ته هي اهي مهان ماڳ آهن، جتي ڪنهن سمي ديوتائون اچي ڪٺا ٿيا هئا. هندن جي ڌرمي ڪتابن مطابق هي ٻئي شهر هندو ڌرم جون حدون آهن. واقعاتي شاهدي منهنجي راءِ جي پٺڀرائي ڪري ٿي ته وهڪري جي جنهن چاڙهه تي اهي مشهور شهر آباد هئا، سا ڪنهن دور ۾ چاڙهه نه پر سنڌو جو مکيه وهڪرو هئو.

سنڌو جي ساڄي پار واري چاڙهه جنهن جو ائرين به ذڪر ڪيو آهي، سا پنهنجي جاگرافيائي صورتحال جي نقطئه نظر کان ساڳرو چاڙهه معلوم ٿئي ٿي. اها چاڙهه چوڙ به اولهه پاسي ڏانهن ڪري. نيئرڪس جيڪو ساموندي ڪناري جو ذڪر ڪيو سو به ڪراچي جي اوسي واري راس مونزي Cape Monze ”ڪراڪري“ واري اپسمنڊ ۽ جابلو ايراضي سان سهمت آهي. چاڪاڻ ته سندس درياهي فج جا ٻيڙا سنڌو مان نڪري اچي ڪراچي واري

اپسمنڊ ۾ داخل ٿيا هئا. ان کان سواءِ اراس Iras وارو جبل سنڌن ساڃي پاسي ۽ سنڌو جي ڇوڙ واري ٿاڪ وٽ هڪ ٽڪري به موجود هئي. ڏيان ڏيڻ جوڳي ڳالهه اها آهي ته لکپت کان وٺي ويندي لاهري بندر تائين سنڌو جي ڇوڙن جي ڪنهن به ٿاڪ وٽ اڄ ڪا به ٽڪري ڏسڻ ۾ ڪانه ايندي، پر ڪنارن ۽ ڇوڙن وٽ واري ضرور موجود ملندي. ڪراڪري وٽ ڪجهه تبديلي ضرور ڏسڻ ۾ ايندي . اوسي پاسي ٽڪريون پيون ڏسبيون. سامونڊي ڪناري سان واري بدران به ٽڪريون نظر اينديون، جن سان سمنڊ جون ويرون ٽڪرائجي مٿي هوا ۾ پيون اڏامنديون آهي. ڪراڪري ڪاري جي منهن ۾ اڪيلي ٽڪري آهي جيڪا سمنڊ ۾ بيٺل پئي ڏسبي آهي. مذڪوره ٽڪري ۾ آرپار ڪاٽل آهي. سوراخ ايترو وڏو اٿس جو ننڍي ٻيڙي منجهائس لنگهي سگهي ٿي. جڏهن سامونڊي لهريون هن مار تکيون گذرنديون آهن ته ڊڄ جهڙا آواز ٿيندا آهن. جيڪڏهن نيئرڪس جا ٻيڙا ڪجهه اوپر طرفان لاڙي بندر کان سمونڊ ۾ داخل ٿين ها ته سمونڊ ۾ گهڙڻ سان هڪدم ئي کيس ساڄي پاسي جبل نظر ڪونه اچي ها ۽ ڪراڪي تائين ٽيهه چاليهه ميل سڄي سامونڊي ڪناري سان واري جون ڊڀون ڏسڻ ۾ اچن ها. پر ان جي بدران ڪاٻي پاسي کيس هڪ وارياسو ٻيٽ ڏسڻ ۾ آيو هو ۽ سامونڊي ڪنارو وارياسي هجڻ بجاءِ ٽڪرائتو هو. (60) جيڪو سندس ساڄي پاسي هو. مان سمجهان ٿو هو ان وقت سامونڊي ڪناري ويجهو سفر ڪري رهيو هو. منهنجو انومان آهي ته ان وارياسي ٻيٽ ڪري لنگهه ڏاڍو سوڙهو ٿي پيو هوندو. ڇوڙ واري علائقي جي هن هيٺئين ڀاڱي ۾ اڄ ان ٻيٽ ۽ قديم نشانن ڪي پراڻين تاريخن جي حوالن سان ڀيٽي ۽ ڳولي لهڻ ناڪامي ۽ مايوسي کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونه آهي. ڇاڪاڻ ته اهڙي قسم جا نشان هر سال پيا بدلبا ۽ نوان جڙندا آهن. چاڙُهه جي رُت ۾ اهڙا ٻيٽ پاڻي هيٺيان اچي ويندا آهن ۽ جڏهن پاڻي هيٺ لهندو آهي ته ٻيا ٻيٽ ٻڌجي ويندا آهن، جن جي جاءِ وقوع ۽ ويڪرائي مختلف ٿي ويندي آهي. هتي صورتحال ڪجهه اهڙي غير يقيني هوندي آهي جو لاهري بندر جي اوسي پاسي وارو علائقو جيئن ته سال اڳ هو تيئن اڄ نه رهيو آهي.


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

اهڙي قسم جون نيون ڳالهيون ۽ نوان اصول آهن جيڪي سنڌو جي وهڪري بابت مون معلوم ڪري ورتا آهن. اڳين صفحن تي جيڪي مون پنهنجا ويچار پيش ڪيا آهن يا اندازا لڳايا آهن سي اڻ پورا ۽ منجهيل آهن، جنهن ڪان پوري ريت باخبر آهيان. تنهن ڪري مان اهو ڪونه ٿو چاهيان ته هڪ سچاڻ عالم ۽ سچيت ڏاهي ماڻهو جي خيالن هي پيٽ ۾ منهنجي پيش ڪيل راءِ کي اهميت ڏني وڃي. مان سمجهان ٿو ته جن ماڻهن ۾ تحقيق ڪرڻ جو ڏانءُ ۽ ڏات آهي، تن کي همٿائڻ واسطي گهڻو مواد ڏنو ويو آهي. ڪي دوست هن درياهه جي ڦٽايل پراڻن علائقن کان واقف ڪونه آهن، سي ڪنهن حد تائين ڪتابن جي پنن اٿلائڻ کان آجا ٿي ويا، جو مختلف نظرين کي نوان لاڙا ڏنا ويا آهن. هن موضوع تي وڌيڪ کوجنا ڪرڻ جي ضرورت آهي. درياهه جي هن وهڪري لاءِ آزاد خيال رکڻو آهي ۽ پرجهي پروڙي ۽ پرکي ڏسڻو آهي.

هتي اسان کي اها حقيقت به معلوم ٿيندي ته سومرا ان علائقي ۾ رهندا هئا. جتان ڪڏهن پراڻ وارو وهڪرو وهندو هو. وري اهو دور به آيو جو اهو وهڪرو پراڻ کي ڇڏي ويو. ان ڪري پراڻ صفا سڪي ڪونه ويو. هڪ ٻيو ڦاٽ به هو جنهن وسيلي پاڻي جو وڏو مقدار پراڻ ۾ ايندو هو. ڏسڻ ۾ اهو به اچي ٿو ته هن دور ۾ پراڻ وارو وهڪرو دائمي ڪونه رهيو هو. پر چاڙهه جي رت ۾ جڏهن پاڻي اٿل ڪندو هو ته پران به وهي هلندو هو. اٽڪ Attock(61) وٽان به هن کي ٿورو پاڻي ملندو هو. هن پاڻي کان سواءِ لوهاڻي درياهه وسيلي به ڪيس ساليانو پاڻي ملندو رهندو هو. پر اهو پاڻي اڳئين کان بلڪل مخالف طرف کان ايندو هو. ڪنهن حد تائين اهو پاڻي ۽ ڪجهه پاڻي ڦٽي درياهه Phita Deria وسيلي، اچي هن ۾ پوندو هو.

ڦٽو درياهه (وويل درياهه) موجوده سنڌو مان ان جاءِ وٽان نڪرندو هو، جتي لوهاڻو درياهه اچي هن سان ملندو هو. ڪجهه فاصلو اوپر پار هلي، ڏکڻ تي موڙو کائيندو هو ۽ ڦليلي ڦاٽ جو پيٽ ڪپي ڏکڻ اولهه جو رخ اختيار ڪندو هو. هتي هن وکري جو نالو گاجيا Gajia يا گارا درياهه هوندو هو ۽ نٽي ڏانهن سندس رخ هو ۽

نالو به ساڳيو هوندو هو. اتان کان پوءِ ڪنهن ٻئي ناليءَ سان لاهري بندر وٽان سمونڊ ۾ چوڙ ڪندو هو. هن درياهي چاڙهه جي ٺهيل ٺڪنٻي، ڦٽي درياهه ۽ حيدرآباد وارين چاڙهن جي وچ تي ڪنهن زماني ۾ نصرپور يا منصوره جو هڪ نهايت سر سبز ۽ آباد علائقو هوندو هو. هن موضوع تي مٿي گهڻو ڪجھ لکيو ويو آهي ۽ درياهه جي رخ جي ناتي سان نصرپور جي جاءِ وقوع تي به چند چاڻ ڪئي وئي آهي. هتي اها ڳالهه ضرور ڏسڻ ۾ ايندي ته نوبيا Nubian(62) جي جاگرافي دان جي حوالي جي آڌار تي ايم ڊي اَن ول منصوره کي هن جاءِ تي سمجهندي ڪيڏو صحيح لڳي ٿو. اهو پڪ سان ته نٿو چئي سگهجي ته ڦٽي درياهه ڪهڙي دور ۾ وهڻ شروع ڪيو هو. پر ايترو چئي سگهجي ٿو اهو وهڪرو نهايت قديم آهي. شايد ساڱري سان گڏ هڪ دور ۾ وهندو هجي. نصرپور ترخان دور ۾ وڏي اوج تي هئي. ڦٽي درياهه جي سڪي وڃڻ سان نصرپور جون رونقون ۽ رنگينيون ختم ٿي ويون. مون کي معلوم ائين ٿئي ٿو ته اڪبر جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ هيءُ وهڪرو سڪي نصرپور کي پيننگ ڪري ويو.

سنڌو ۾ دو اَبي پرڳڻي ۾ پهچڻ کان پوءِ ڪيترين تبديلين آيون ٿيون ڏسجن. هتي سندس انيڪ وهڪرا ڏسڻ ۾ ايندا. ان ڪري هنن وهڪرن جون حدون مقرر ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿيندو، چاڪاڻ جو صدين کان وٺي هر سال هن وهڪرن ۾ ڪانه ڪا تبديلي ضرور آئي آهي. معلوم ائين ٿئي ٿو ته اڳئين دور کان هنن نو سئو سالن ۾ گهڻيون تبديليون آيون آهن. انومان اهو آهي ته جنهن هيٺاهين علائقي مان هاڻي سنڌوجا ڦاٽ وهندا آهن، تنهن تان هزار سالن کن ٿيندو جو سمنڊ ڇڏي ويو آهي. اهڙين حقيقتن جو بيان مان مٿي به ڪري آيو آهيان.


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

## حاشيا

مسٽر پاٽنجر لاڙڪاڻي جي نالي جي اصليت بيان ڪندي چوي ٿو ته : هيءُ لفظ لار (معنٰي ڪا وهندڙ شئي) تان ورتل آهي، جيڪڏهن هي معنٰي صحيح آهي ته مذڪوره لفظ سنڌ جي چوڙ واري علائقي ڪان وڏيڪ گپ ۽ گيچڙ هتي هوندي.

(ڀ) هينري پاٽنجر سنڌي ٻولي ڪان اقف نه هجڻ ڪري لاڙ ۽ لاڙڪاڻي جي لفظ ڪي منجهائي ڇڏيو آهي. هن ڪتاب جي ص 11 تي انهن رومي جاگرافي دانن جو حوالو ڏنو ويو آهي. جن سنڌ جي هيٺئين علائقي کي لاڙ ڪري سڏيو آهي ۽ ان دور ۾ لاڙڪاڻي جو ڪو وجود ئي ڪونه هو. (مترجم)

2- ڊاڪٽر ونيسنٽ ج بيان آهي ته لاڙي بندر سنڌو جي اوڀر ڪناري ۽ لاڙي بندر سندس اولهه پاسي هو. مان لاڙي بندر جو ڦتل ماڳ ڪٿي ڪونه ڏنو نه وري هتان جا ماڻهو هن نالي ڪان واقف آهن. ٿي سگهي ٿو ته ساموئڊي ڪناري پرسان هن بندر کي لاڙي بندر ڪوٺيو ويندو هجي.

(ڀ) ديبل جي ڦٽي وڃڻ ڪان پوءِ سنڌ جو ٻيو مشهور بندر لاهري تعمير ڪيو ويو.ابن بطوطه جڏهن سنڌ ۾ آيو ته ديبل جي اوسي پاسي لاهري بندر جڙي چڪو هو (سفرنامه ابن بطوطه- رئين احمد جعفري ص 23) ڪننگهام به هن مشهور بندر جو ذڪر ڪي آهي(ڏسو ص 250-251 مترجم)

3- شادبندار جو خرار سورت جي ڏيڍ ڪئنڊي جي برابر آهي. ڪئنڊي جي تور مختلف علائقن ۾ ڌار ڌار آهي ۽ بمبئي ڪئنڊي جي تور پنج سو سٺ پائونڊ آهي.

4- هي پرڳڻي چاچڪن جي ذات پٺيان سڏيو وڃي ٿو.

5- ٿئميرس انديڪا-وائيلڊ- Wild-Tamarik Indcia

6- هي ٻوٽو اٺ ڪائيندو آهي. اوڳارڻ ويل وات مان گندي هواڙ


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

نڪرندي اٿس.

7- ايلفن اسٽون جي نقشي ۾ هن کي ڪيلائل لکيو ويو آهي.

8- مان هتي ڪنهن قديم شهر جو ذڪر ڪونه ڪيو آهي. هن آڳاٽن شهرن جا نالا ڪنهن مناسب جڳهه تي ڏنا ويندا.

9- يومن Yuman لاءِ چيو ويندو آهي ته يوناني هو. ڊاڪٽر رابرٽ سن Robert son جو بيان آهي ته سڪندر اعظم جي فتح ڪيل ملڪن جي ورهاست ڪان پوءِ هي علائقو باختري يونانين جي حصي ۾ آيو.

10- جڏهن قلعي جي ڪوٽ واسطي پيڙهيون کوٽيون ويون ته اتان ماڻهن ها هڏا ۽ انساني لاشن جا سالم پڃرا هٿ لڳا.

11- هي لوهري يا روهڙي جو ماڳ آهي. ڪڏهن ڏهن هن شهر جي نالي کي غلط به اچاريو ويندو آهي. نهايت قديم شهر آهي. چيو ويندو آهي ته بکر ۽ هن شهر جي تعمير ٽيڻ جو دور ساڳيو آهي.

12- نهايت ڏک جي ڳالهه آهي جنهن نقشي جو ڪئپٽن مڪمرڊو ذڪر ڪيو آهي سو سوسائٽي کي اجا تائين ڪونه پهتو آهي.

13- هي ضميمو غلطي وچان ڏنو ئي ڪونه ويو آهي.

14- فقط ٿر واري دنگ سان رهندا هئا.

15- مان انهن لوهاڻن کي چڱي ريت سڃاڻيندو آهيان. اهي ڪيترن علائقن تي ڍل ڀڏندا ۽ وصول ڪندا آهن. سنڌ جا امير مٿن ڏنڊ رکي ڦري تباهه ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ڪين مسلمان ٿيڻ لاءِ مجبور ڪيو ويندو آهي.

16- هن ٿاڪ کي رني Ranni جي نالي سان سڏيو ويندو آهي.

17- مير معصوم بکري

18- تحفه الڪرام – تاريخ طاهري

19- هي نريانا نالي هڪ ڍنڍ آهي

20- نرياني سيرووار Naryane Sirowar (نارائڻ سر) ڍنڍ ۾ اجا به ڪجهه پاڻي موجود آهي. هندن لاءِ هڪ تفريح گاهه آهي ۽ منجهس سنان ڪري پاڻ کي پاپن کان آجو سمجهندا آهن. ڪنهن زماني ۾ پرسان ئي قلعي بند شهر هو جنهن تي ڪڇ جي راجائن جي حڪمراني هئي. نريانا سيرووار پرسان ڪوٽسوارا


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

Koteswara(ڪوٽيسر) نالي هڪ ننڍو ڳوٺ آهي. هتي ٻڌ ڌرم جي پگودا يا هندن جا ڪي مندر نظر ايندا. هن ڍنڍ جو ڪارو پاڻي آهي.

21- اگهم ڪوٽ يا اگهم لوهاڻي نالي هڪ شهر هو جيڪو درياهه جي ڪنار سان آباد هو. اتان لگهندڙ وهڪري کي هن شهر جي نالي پٺيان سڏيو ويندو هو. ڪي ماڻهو مذڪوره شهر کي اَبپور Abpurبه سڏيندا آهن. پر معلوم ٿئي ٿو ته هي پونين جو نالو آهي.

22- پنپور- امڪان آهي ته هي شهر ديبل بندر جي ڦٽي وڃڻ کان پوءِ آباد ٿيو هجي.

23- ڏسو مسٽر مئڪس فيلڊ Mr. Maxfield جو جرنل

24- تحفه الڪرام

25- مير طاهر

26- هي اَريءَ نالي مسلمان قبيلي سان تعلق رکندڙ هو. هن قبيلي سان تعلق رکندڙ ماڻهو سنڌ ۾ جام آهن.

27- پنپور جو شهر هاڻي سمنڊ کان چاليهه ميل پري آهي.

28- تحفه الڪرام ۽ تاريخ طاهري

29- مير معصوم

30- منهنجي پڇڻ تي ٺٽي جي ماڻهن ٻڌايو اهو ٺٽي شهر جي اولهه پاسي ويجهو هوندو، مون کي پڪ آهي ته هو غلط ٻڌائي رهيا آهن. مذڪوره شهر عربن کان پوءِ آباد ڪيو ويو هو.

31- تحفه الڪرام

32- تحفه الڪرام

33- مير طاهر

34- هن مامري ۾ مون کي پوري پڪ ڪانه آهي. منهنجو دلو راءِ واري ڏند ڪٿا کان وڌيڪ ڪنهن ٻي حقيقت ۾ ويساهه آهي.

35- ڏسو نيرڪوس بابت ونيسنٽ جو ڏنل احوال.

36- مسلمان هن کي ديبل يا ديول چوندا آهن. هندي ۾ ب ۽ و پان ۾ مٽ سٽ ٿي سگهن ٿا.

37- وڌيڪ لاءِ ڏسو تاريخ


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

38- عجائب المخلوقات
39- قديم دور ۾ هن کي لاڙLariya چوندا هئا.
40- عجائب المخلوقات هڪ ويساهه جوڳي تاريخ آهي، جنهن جو بيان آهي ته نصرپور جو شهر المنصوره جي پراڻن ماڳن تي اڏيو ويو آهي. اهو ٺاڪ برهمڻ جي ويجهو اڇي ٿو. ڊي آن ول D' Anvilleجو بيان آهي ته نصرپور فيروزشاهه (1339ع) جي راڄڌاني هو. بکر، لاکر Lakhar ۽ نصرپور سندس حڪمراني هيٺ هئا.
41- منهنجي خيال ۾ ڊاڪٽر ونيسنٽ سوي ۽ سيوهڻ کي شايد هڪ شهر سمجهيو آهي ۽ هن موضوع تي غلطيون ڪارڻ ٿيون آهن. سوي جو شهر ۽ علائقو بکر کان اتر اولهه پاسي آهي. سيوهڻ کي ڪڏهن به سوي نالي ڪونه سڏيو ويو آهي.
42- پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته هي اهو ماڳ آهي جنهن کي ٽالمي بينگر Binagar يا اڳڙي نگر ڪري لکيو آهي. پر جاگرافيدنن هن شهر جو بيان اهڙي ريت بيان ڪيو آهي جو ڊاڪٽر ونيسنٽ هن کي بکر سمجهيو آهي.
43- تحفه الڪرام
44- ائرين مان معلوم ٿئي ٿو ته سڪندر پنهنجي فوج مان اگريان Agrianکي پٽالا ۾ ڇڏي ويو هو. اهو امڪان ٿي ڪونه ٿو سگهي ته هتان وارا اڳڙي انهن جو اولاد ته ڪونه آهن.
45- مير معصوم جو بيان آهي محمد بن قاسم نئي وٽان درياهه اڪريو هو. هن مورخ قديم نالن بدران ماڳن جي پوئين دور جي نالن سان ذڪر ڪيو آهي. مثال طور سندس بيان آهي ته محمد بن قاسم نئي فتح ڪيو هو. وري بيان ڪري ٿو ته نئو سمن سلطانن آباد ڪيو، جيڪي عربن کان ڪيترين صديون پوءِ هتان جا حڪمران ٿيا هئا.
46- تحفه الڪرام
47- ڏسو ڊاڪٽر ونيسنٽ ص 116- نيوب Nub جاگرافي جو حاشيه ص 57
48- سيسم Sisam ، ڀهلطو Bhelto، سالور Salor ، قنڌائيل


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

(جنهن لاروڪيٽي قنڌابل لکيو آهي) جو مسلمان مورخن ذڪر ڪيو آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته اهي عربن اچڻ کان اڳ آباد هئا. باقي هن ماڳ بابت معلومات ملي ڪانه سگهي آهي.

49- ڏنڀ جي هن نشان مان پتو پوندو هو ته جانور سج ديوتا تي ٻل چاڙهڻ لاءِ باسيو ويو آهي.

50- هن جي تور چوويهن پائڊن جي برابر هوندي هئي.

51- ڏسو اڪبر جي دور واري سنڌ

52- افسوس جي ڳالھ اها آهي ته ڪئپٽن مڪمرڊو جيڪي نقشا وغيره ڏنا هئا سي هتي موجود نظر ڪونه ٿا اچن.

53-مون کي اها خبر ڪانه ٿي پوي ته ياٽي جي اوپارئين وهڪري کي اهو ڪنهن نالو ڏنو آهي. پر اهو ساڳيو وهڪرو نيورم برگ جي ڪرسٽاف ويجل Chirstop Weigle جي ٺاهيل دنيا جي قديم نقشي تي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن ئي نقشي ۾ وهڪري جي اولاهين شاخ جو نالو ساڳاپا Sagapa ڏيکاريو ويو آهي.

54- اهو به يقين سان چئي سگهجي ٿو ته پراڻ وهڪري جي سڪي وڃڻ کان پوءِ ساڱري وارو وهڪرو وهندو رهيو آهي.

55- جهازن جي بندرگاھ ڏانهن ويندڙ ردتي کي هندستان ۾ “ٻاري” سڏيو ويندو آهي ۽ ٻاري جي معنٰي آهي سمنڊ ڏانهن ويندڙ رستو.

56- ٺڪرين جي هن سلسلي کي نيگاتور Neigator سڏيو ويندو آهي. رينل Rennell وري ان کي چگو Chigo سلسو ڪوٺيو آهي. پٽ ڪڇ ۾ چگوChigu نالي هڪ وارياسو رڻ پٽ آهي. جيڪو هن سامونڊي ڪناري سان گڏ هلندو نظر ايندو آهي. ڪڇي ٻولي ۾ هن لفظ جي معنٰي آهر ڏيک. هتي مانو Manowنالي هڪ مشهور ٺڪري ڏسبي جيڪا گهڻو اڳتي سمنڊ ڏانهن ويندي نظر ايندي. هي ٺڪري لکي وارو ٺاڪرو سلسي جو هڪ ڀاڱو آهي. هن بابت ڊاڪٽر ونيسنٽ جو خيال آهي ته چگوس Chigos نالي جابلو سلسلي ۽ سمونڊ جي وچ تي ڌرتي جو هڪ پٽو آهي، جنهن ۾ لنگاٽيا Langanria ڪَلَ جا ماڻهو رهندا آهن. اهي سامونڊي ڌاڙيل آهن ۽ هن ڪُڌي ڪرت ڪري گهڻو بدنام آهن. پر مان اڳي ڪاٿي هن حقيقت جو

ذڪر ڪري آيو آهيان ته چگو Chigo واري جابلو سلسلي ۾ سمونڊ جي وچ تي ڌرتي جي ڪابه پٽي موجود نه آهي. باقي سامونڊي ڪناري سان لانڊڻ Landan نالي هڪ شهر آهي، جيڪو سامونڊي ڌاڙيلن جي وستي تور گهڻو بدنام آهي ۽ قديم زماني ۾ به هتان جا ماڻهو سامونڊي قزاقي ڪندا هئا. ڪنهن زماني ۾ ٻيٽ دوارڪا جا رهواسي به سامونڊي ڌاڙيل هوندا هئا ۽ ڌاڙيلن جي مشهور پاڻاريدار "سنگهڻ" Sanghan جي ٽولي ۾ رهي پنهنجيون ڪڌيون ڪاروايون جاري رکيو ايندا هئا.

57- ٿي سگهي ٿو ته هي پاڻي جي اها نئن هجي جنهن کي ميجورينل ڪگرKaggar ڪري رکيو آهي. پدر Paddar نالي هڪ نئن کي هن ڪڇ جي ڪاري جي منهن وٽ ڏيکاريو آهي. صورتحال مان پاڻي جي هي موسمي وهڪرو بناس Bannas نئن سان ساڳيائپ رکي ٿو. هي نئن مارواڙ جي دنگ سان موجود ٿاڪرو علائقي مان وهي جهنگلن ۽ ٽڪرين مان ور وڪڙ ڪندي گهٽين چاڙهن ۾ ورهائجي اڇي ڪڇ جي رڻ ۾ چوڙ ڪندي آهي. ان جو سارو پاڻي مذڪوره وارياسي علائقي ۾ سڪي ڪپي ويندو آهي. ڪڏهن وري اهو چيو ويندو آهي ته هاگرا Haggra ۽ نارگلي Nargali سنڌو ۽ پراڻ جا ڏار نالا نالا آهن. منهنجي خيال ۾ اهي ٻئي نالا پاڻي جي ان وهڪري جي صورت ۾ سمنڊ ۾ وڃي چوڙ ڪندو هو.

58- روايتن مطابق ڀاني Bhanni واري علائقي ۾ ساريون ٿينديون هيون.

59- هي ساڳيو علائقو گهٽ وڌ ساڳئي نالي سان ڪڇ جي ڪاڙي ۽ ڪنيات جي نار کي پاڻ ۾ ڳنڍي ٿو. سال جا ڇهه مهينا گجرات جو اپٻيٽ هڪ ٻيٽ واري صورت اختيار ڪري وٺندو آهي.

60- ڪوٽيس واري لفظ جي معنٰي آهي "ڪروڙ ديوتائون". هتي خاص قسم جو ۽ شلنگ جي ماپ جيترو هڪ پٿر نظر ايندو جيڪو گسي ڪاڇي لنگ جهڙو ٿي ويو آهي ۽ اهڙي ورن جي پٿرن جپ هتي ججهو انگ نظر ايندو. نارياڻا سيرو وار(نارائڻ سر) وٽ ياتري هڪ مهر باهه ۾ تپائي پاڻ تي هڻائيندا آهن جيڪا


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com

دوارڪا جي مهر ڪان مختلف آهي.

61- چلني Chilney ٻيٽ صحيح نالو مهاڙي Mohari آهي. چلني، الينا Eilina ديوي جي نالي جو بگڙيل اچار آهي. هن ٻيٽ جا رهواسي ٻيڙائت هن ديوي جي پوڄا ڪندا آهن. هتان لنگهندي ڪي ٻيڙائت ڪپڙا ۽ گلن جا هار ڀيٽا طور ڏيندا آهن.

62- اڳئين زماني ۾ الور ڪان لوهري يا لوهر ڪوٽ تائين پاڻي جو هڪ ننڍو وهڪرو هوندو هو. اها ڳالهه اسان کي هن ايراضي جي صورتحال مان معلوم ٿئي ٿو. ٿي سگهي ٿو ته اهو ڪوٽيل ڪو گهاڙ واهه هجي ۽ پراڻ درياهه جي سڪي وڃڻ ڪان پوءِ مذڪوره واهه ڪوٽي پراڻ کي پاڻي ڏنو ويو هجي. پر هن بابت منهنجو خيال آهي ته پران درياهه مان واهه ڪوٽي لوهري کي پاڻي پهچايو ويو ٿو پائنجي جيڪو هن جوءِ جو تمام پراڻو شهر آهي. چاڪاڻ ته جڏهن الور جي ماڻهن دلوراءِ کي درياهه جي رخ مٽائڻ جي ڳالهه ٻڌائي هوندي ته چيو هوندائين ته اتان ڪوٽيل واهه ۾ ڏنو وڃي ته ان ۾ پاڻي آهي يا نه، ته ماڻهن ڪيس ٻڌايو هوندو ته جڏهن درياهه پاڻ ئي سڪي ويو آهي ته پاڻي لاءِ ان مان ڪوٽيل واهه لي ڏسڻ اجايو آهي.

63- هي ص 57 تي لکي ٿو ته، “منصوره شهر جي چوڌاري مهراڻ (سنڌو درياهه جو پاڻي چوڌاري ڦري اچي ٿو. شهر مڪيه وهڪري جي الهندي پاسي آهي. چاڪاڻ ته مهراڻ ملري جي ماڳ ڪان هيٺئين پاسي ٻن چاڙهن ۾ ورهائجي وڃي ٿو، جيڪو منصوره ڪان هڪ منزل پنڌ تي آهي. انهن مان مڪيه چاڙهه منصوره جو رخ ڪري ٿي ۽ ننڍي چاڙهه اتر طرف سارا سان Sara San (سيوهڻ) ڏانهن رخ ڪري ٿي. ٿورو فاصلو اڳتي وڃي گهنڊي هٽي اولهه طرف وڃي ٿي ۽ نيٺ اچي مڪيه وهڪري سان گڏجي ٿي.”


Free Download Books @ www.sindhica.org or
Email: sindhica_academy@yahoo.com